# سِگا اپياس

[سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي
50 سالن جي تاريخ جو مختصر جائزو]
1972ع- 2022ع

## پروفيسر خالد حسين چنا

2022ع




ڪتاب: 158



حق، واسطا ليکڪ ۽ اداري وٽ محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب : | سِگا اپياس |
| موضوع : | تاريخ |
| ليکڪ : | پروفيسر خالد حسين چنا |
| ڪمپوزنگ : | سعيد مرتضيٰ |
| ٽائيٽل خاڪو : | آفتاب سرهيو |
| لي آئوٽ : | زين ڪمپيوٽرس ڪراچي |
| ڇاپو : | پهريون |
| مهينو، سال : | نومبر، 2022ع |
| ڇپائيندڙ : | مرڪ پبلڪيشين ڪراچي |
| مُلهه : | 500 رپيا |

Published By: Murk Publication Karachi
Room No:305 /320 3rd Floor Sabir Manzil
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
**murtazalaghari64@gmail.com**
021-32772494
03005182494


**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

مرڪ ڪتاب گهر ڪراچي، ڪاٺياواڙ بڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي، ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد،
دانيال ڪتاب حيدرآباد، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد
سرمست ڪتاب گهر حيدرآباد، رومي ڪتاب گهر حيدرآباد
مدني ڪتاب گهر دادو، موکي ڪتاب گهر مورو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس،
ٿر ڪتاب گهر مٺي، سليمان ڪتاب گهر نواب شاهه،
مرتضيٰ ڪتاب گهر شڪارپور، عوامي ڪتاب گهر جيڪب آباد

# ارپنا

هونئن تہ مٽيءَ جي چپٽي آهيان،
جيئي ديس تہ ڌرتي آهيان.
(استاد بخاري)

سگا جي اڳوڻي چيئرمين
**محترم الطاف حسين ڳورڙ،**
اڳوڻي وائيس چيئرمين
**محترم عبدالرسول سومري،**
سيڪريٽري ماليات
**محترم نور محمد سيال،**
سگا شهدادڪوٽ جي متحرڪ خدمتگار
**محترم پروفيسر عبدالجبار جوڻيجي**
۽ ٻين انهن سڀني بي لوث رضاڪارن جي نانءِ
جن جي پيار ۽ ساٿ سان
انسانذات جي خدمتن جو سلسلو جاري رهيو
۽ انشاءَ الله رهندو.

# فهرست


- پبلشر نوٽ — مرتضيٰ لغاري — 12
- مهاڳ — پروفيسر "بيوس" بخش علي چانڊيو — 13
- اڪ عمر چراني هي: خالد حسين چنا، سيد زوار نقوي — 23
- ليڪڪ بابت — مشتاق علي لنڊ — 27
- سچ تا مست چون — عبدالرسول سومرو — 35
- پنهنجي پاران — پروفيسر خالد حسين چنا — 37

**01. سگا جي بنيادي ڍاڪي جو اڀياس** 41
- سگا جي هڪ خيال کان
  هڪ تحريڪ بڻجڻ تائين وارو سفر 42
- سگا جو بڻ بنياد 44
- سنڌ ۾ تعليم جو واڌارو، سگا جو خاص مقصد 45
- لطيف شناسي، سگا جي ايجنڊا تي 47
- مرڪزي اعليٰ نوڪرين جي امتحان جي تياري 49
- سنڌ تعليمي ڪانفرنس ۽ ٻالڪ ميلو 49
- سگا طرفان ڪراچي ۾ ايڪسپو سنڌ 50
- سگا روزگار بيورو 51

**02. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي**
**پابنديءَ دوران ڪارگردگي جو اڀياس** 53
- سگا پابنديءَ جي پيچري ۾ 54
- سگا جي ساٿين جا حوصلا اڃان بلند 56
- پابنديءَ دوران سگا جو تنظيمي ڪم ڪار 57
- جمع ڪلينڪ جو نئون تصور 59
- پابندي دوران سگا جي سالگره 60
- سگا جو سيوهڻ ۾ ٽينڊڙ يادگار ڪنوينشن 60





- جمهوري دؤر سان گڏ سگا جي واپسي 62

**03. سچل ڪانفرنس کان شاهه سچل ۽ سامي**
**بين الاقوامي امن ڪانفرنس تائين** 65
- سچل جي ساڃاهه سگا جي ايجنڊا تي 66
- بين الاقوامي سچل ڪانگريس جو اڀياس 66
- سگا جون سالياني چونڊون 69
- صحت جي شعبي جون سرگرميون 70
  - ✓ اکين جون مفت ڪئمپون 70
  - ✓ چمڙيءَ جي بيمارين جون مفت ڪئمپون 71
  - ✓ مفت جمع ڪلينڪ جو اڀياس 72
  - ✓ "ماءُ ۽ ٻار" صحت مرڪز 73
  - ✓ ياسمڪ ميڊيڪل سينٽر 74
  - ✓ ايمبولينس سروسز ۽ ڪراچيءَ جي حالتن بابت 74
- تعليمي سرگرميون 75
  - ✓ روشن تارا اسڪولن جو قيام 77
  - ✓ روشن تارا اسڪول کولڻ جو طريقو 77
  - ✓ روشن تارا اسڪولن جو سڄي سنڌ ۾ ڦهلاءُ 79
  - ✓ روشن تارا اسڪولن جي معلومات بابت چارٽ 79
  - ✓ سنڌ ٻالڪ ميلو 81
  - ✓ تعليمي پروجيڪٽس جو اڀياس 82
  - ✓ روشن تارا اسڪولن۾ ڪمپيوٽرۦليبارٽريون 83
- ورلڊ بئنڪ طرفان پيئڻ جي پاڻي مهيا ڪرڻ
  ۽ پاڻي نيڪال جو پراجيڪٽ 83
- سگا هنري مرڪز جو قيام 84
  - ✓ ماحوليات جي تبديلين بابت معلومات
    پهچائڻ

جو پراجيڪٽ 84
- ✓ قدرتي آفتن دوران سگا جي ڪردار جو اپياس 85
- ✓ اسلام آباد ۾ شاه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر 86
- ✓ "شاه، سچل، سامي" بين الاقوامي امن ڪانفرنس 86
- ✓ "شاه جي ساجاھ" جي سري هيٺ ادبي ليڪچر 88
- ✓ سگا پارن ڪٽنبن جون گڏجاڻيون 89
- ✓ شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ورسي 90

**04. هڪ سفر، ٽي سفرنا** 91

(1) دادا مالهي جو سفرنامو "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ" 92

(2) سلطانه وقاصي جو سفرنامو "خوابن جو سفر" 96

(3) وينا شرنگي جو سفرنامو "ڪچان تان ڪافر" 99

**05. سگا جي ويجهر وارن 14 سالن جي تاريخ جو اپياس** 103

- ■ چيئرمين جي عهدي تي ٿيندڙ تاريخي چونڊ 103
- ■ "شاه، سچل، سامي" تي ليڪچر پروگرام 104
- ■ ٻارن جي دل ۾ سوراخ جي اوپن هارٽ سرجري جو هندستان مان مفت علاج 104
- ■ خوشحالي بئنڪ پروجيڪٽ جو اپياس 105
- ■ سگا پني عاقل طرفان "الشمس خيراتي ڪلينڪ" 106
- ■ ڪپري ۾ ايڪشن ايڊ طرفان سگا ڪي سماجي جاڳرتا 107
- ■ سگا جو رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ سان الحاق 107
- ■ قدرتي آفتن ۾ سگا جو ڪردار 108
- ■ سگا جو ايمرجنسي بحالي پروجيڪٽ 110
- ■ سنڌ حڪومت ۽ سگا جي گڏيل سهڪار سان ڪراچيءَ ۾ "پبلڪ اسڪول گڏاپ" جو قيام 110





- ■ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان روشن تارا اسڪولز ۾ سڌارا 111
- ■ سگا جي صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي 112
- ■ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊويلپمينٽ سينٽر جو اپياس 113
- ■ روشن تارا اسڪول شاهپور چاڪر جو قيام 114
- ■ سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس جو اپياس 114
- ■ سگا جو هڪ ٻيو سنگِ ميل: اسلام آباد ۾ ورڪنگ وومين هاسٽل جو قيام 115
- ■ روشن تارا ماڊل هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ سامي بلاڪ جو اضافو 116

**06. 40 هين ساليانى ڪنوينشن جي موقعي تي مون سگا جي 2019ع جي ساليانى رپورٽ بحيثيت سيڪريٽري جنرل پيش ڪئي** 117

- ■ سگا جي برانچن جي چونڊ 119
- ■ 39 هون ساليانو ڪنوينشن 119
- ■ سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جون چونڊون 119
- ■ سگا مرڪزي باڊيءَ جون چونڊون 120
- ■ عهديدارن جا نالا ۽ عهدو 120
- ■ ڪائونسل آف ميمبرس (COM) جي گڏجاڻي 120
- ■ مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون 121
- ■ سگا هيڊ آفيس ۾ آندل سڌارا 121

(i) ملازمن جي حاضري يقيني بنائڻ ۽ وقت جي پابندي 121

(ii) رڪارڊ جي ترتيب 121

(الف) برانچن جو سافٽ رڪارڊ 121

(ب) برانچن جو هارڊ رڪارڊ 122

(ت) شاخن کي سرگرم ڪرڻ ۽ ميمبر سازي وڌائڻ 122
(iii)آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران آنڊل سڌارا 123
(iv)سگا هيڊ آفيس جو آفيشل فيس بوڪ پيج 123
■ سنڌ جي حقيقي خدمتگارن ۽ ناليوارين شخصيتن جا ڏهاڙا ملهائڻ 124
■ ڪتابن جي مهورت 126
■ سنڌي ٻولي جي ترقيءَ لاءِ ڪيل ڪاوشون 127
■ گورک جبل تي ثقافتي شام 128
■ پهرين مئي "يوم مزدو" ڏهاڙو ملهائڻ 128
■ وڻڪاري مهم 129
■ 8 مارچ، عورتن جو عالمي ڏهاڙو 130
■ برانچن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ برانچن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جي تربيت ڪرائڻ 130
■ تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي 131
(i) اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽيز کي سرگرم ڪرڻ 131
(ii) روشن تارا اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن جون تربيتون ڪرائڻ 132
(iii) اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي تياري 132
(iv) روشن تارا اسڪولن ۾ راندين جي فروغ، هم نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ 132
(v) لٽريسي جو عالمي ڏينهن ملهائڻ 133
(vi) بورڊس پاران مئٽرڪ ۽ انٽر جا آيل شاندار نتيجا 133
■ صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي 134
■ سگا خوشحالي بئنڪ لميٽڊ سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ 134



■ ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروجيڪٽ (حڪومت سنڌ) 135
■ پبلڪ اسڪول گڏاپ 135
■ پبليڪيشن 136
**07. 41 هين سالياني ڪنوينشن جي موقعي تي، مون سگا جي2021ع جي سالياني رپورٽ بحيثيت سيڪريٽري جنرل پيش ڪئي** 137
■ سگا جي شاخن جي چونڊ 140
■ ڪائونسل آف ميمبرس (COM) جي گڏجاڻي 140
■ مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون 141
■ سگا مرڪز ۾ اهم رڪارڊ جي ترتيب ۽ سنڀال 141
■ شاخن کي سرگرم ڪرڻ ۽ ميمبر سازي وڌائڻ 142
■ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران آنڊل سڌارا 143
■ سگا هيڊ آفيس جو آفيشل فيس بوڪ پيج 143
■ شخصيتن جا ڏهاڙا ملهائڻ 144
■ ڪتابن جي مهورت 146
■ ڪورونا لاڪ ڊائون دوران سگا پاران ڪيل فلاحي سرگرميون 147
■ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن 147
■ مختلف فلاحي ڪم 148
■ وڻڪاري مهم 149
■ 8 مارچ، عورتن جو عالمي ڏهاڙو 150
■ ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ 150
■ تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي 151
■ مرڪزي روشن تارا اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي جون گڏجاڻيون 151

- روشن تارا اسڪولن لاءِ سڪيائي پروگرام 151
- اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي تياري 152
- روشن تارا اسڪولن ۾ هم نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ڪي هٿي وٺرائڻ 152
- تعليم جو عالمي ڏينهن ملهائڻ 153
- مئٽرڪ ۽ انٽر جا آيل شاندار نتيجا 153
- روشن تارا اسڪولن ۾ نصابي تعليم سان گڏ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن لاءِ هڪ قدم 153
- پبلڪ اسڪول گڏاپ 154
- صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي 155
- ڪي بي ايل سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ 156
- اشاعتي سلسلو 156

08. **سگا ڪارنر ۾ سهيڙيل سگا جي 50 سالن جي تاريخ جو احوال** 159
- سگا جو تاريخي رڪارڊ زبون حال ۾ 160
- سگا ڪارنر جو قيام 161
- رڪارڊ ۾ ڪتاب، رسالا، خط، سيڊيز۽ ڪيسيٽن جي سهيڙ ۽ ترتيب 161
- سگا جي شاخن جي رڪارڊ جي سهيڙ ۽ ترتيب 163

09. **سگا جي هلندڙ دور جو مختصر احوال** 167
- اليڪشن 2021ع 167

10. **ايندڙ وقت ۾ سگا ڪيئن هئڻ گهرجي؟ سگا جي 2022ع ۾ ٿيندڙ گولڊن جوبلي تقريب ۾ پيش ڪيل تجويزون** 171




**پبلشر نوٽ**

پروفيسر خالد حسين اُتر سنڌ جي خوبصورت شهر شهدادڪوٽ سان تعلق رکي ٿو، سندس بنيادي سڃاڻپ بهترين استاد طور آهي، هن پڙهائڻ واري ڪِرت پڻ شهدادڪوٽ کان ئي شروع ڪئي. توڙي جو هن مختلف خانگي اسڪولن ۾ سنڌ جي روشن آئيندي لاءِ جدوجهد ڪئي، پر هاڻ حيدرآباد جي هڪ ڪاليج ۾تدريسي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي، ۽ سندس رهائش پڻ حيدرآباد ۾ ئي آهي.

پروفيسر خالد حسين هڪ بهترين انسان، انسان دوست، يارن جو يار، سنڌ پرست، سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ، جاکوڙي سماجي ورڪر طور اُڀري سامهون آيو آهي، هن سماجي خدمتن جي شروعات سنڌ جي وڏي سماجي تنظيم سِگا کان ڪئي، سندس بنيادي شاخ شهدادڪوٽ هئي پر هن پنهنجي صلاحيتن جي ٻَل تي سِگا مرڪز تائين پاڻ مڃايو. سِگا جي گذريل دور ۾ هن مرڪزي سيڪريٽري جنرل طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ مقبوليت ماڻي. نہ رڳو ايترو پر هن سماجي مصروفيتن سان گڏوگڏ لکڻ جا تجربا بہ ڪيا، مختلف موضوعن تي سندس ليک مختلف اخبارن، رسالن توڙي ڪتابن ۾ ڇپجندا رهيا. پر سندس مزاج تحقيق جي پاسي وڌيڪ مائل ٿيو، اهو ئي سبب آهي جو هن سِگا جي تاريخ سهيڙڻ شروع ڪئي. شروعات شاخ شهدادڪوٽ مان ڪيائين، ڏسندي ئي ڏسندي ”سِگا شاخ شهدادڪوٽ“ (جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي) جي نالي سان هڪڙو تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ٿيو، جنهن بعد سندس پورهيو وڌي وڻ ٿي ويو، تمام ٿوري وقت ۾ هن سنڌي ادب، تحقيق ۽ تاريخ جي جهول ۾ پنج ڪتاب وڌا. ”سِگا الماس“ ۽ ”سِگا اتهاس“ سندس مقبول ڪتاب آهن، ساڳي ترتيب جو هي ڪتاب: ”سِگا اپياس“ اوهان جي آڏو آهي. هي تحقيقي پورهيو سندس ڇهون ڪتاب آهي، هن ۾ هن سِگا جي پنجاه ورهين جي تاريخ ڀرپور نموني سهيڙي آهي، اڳ اهڙو ڪتاب نہ آيو آهي. اڌ صديءَ جي تاريخ سهيڙڻ يقينن ڏکيو ڪم آهي، اُهو ڪم هن جاکوڙي ڪردار ڪري ڏيکاريو.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي ڪي اهو اعزاز ماڻيندي خوشي آهي تہ تاريخ تي هي جامع ڪتاب اداري طرفان شايع ٿي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو، هي ڪتاب سِگا جي تاريخ تہ آهي ئي پر هن ۾ 50 سال جون يادگار ڳالهيون، يادگار شخصيتون، يادگار سرگرميون، سرد گرم هوائون، ڏکيا سکيا ڏينهن، وفاداريون بي وفايون، ٺهڪ، لُڙڪ، مرڪون، مسرتون گڏ ڪيل آهن. مان سمجهان ٿو خالد صاحب جو هي ڪتاب پهرين شايع ٿيل پنجن ڪتابن کان اُتم آهي. يقينن تاريخ تي ڪم ڪندڙ اسڪالرن، نوجوانن توڙي سماجي ورڪرن لاءِ هي ڪتاب اهم هوندو.

# مهاڳ

## پروفيسر ”بيوس“ بخش علي چانديو

ڪتاب ”سگا اپياس“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هيءُ ڪتاب سگا جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل ۽ سگا جي ليڪڪ، پروفيسر خالد حسين چنه جو لکيل آهي، جيڪو ليڪڪ جو مجموعي طور تي سگا بابت ڇهون ڪتاب آهي. هن ڪتاب کان اڳ سندس ترتيب ڏنل پنج ڪتاب ”سگا شهدادڪوٽ جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي“، ”سگا اتهاس“، ”سگا الماس“، ”سنڌ جن جي ساهه ۾“ ۽ انگريزي ڪتاب ”Volunteerism above self“ سگا جي ساٿين ۽ عام پڙهندڙن ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چڪا آهن.

خالد حسين چنه 18 جنوري 1977ع تي شهدادڪوٽ جي هڪ غريب پورهيت عبدالڪريم چنه جي گهر ۾ جنم ورتو. هن غربت واري مشڪل ترين زندگيءَ مان گذرندي وڏا تلخ تجربا حاصل ڪيا آهن. ننڍي هوندي کان ئي محنت واري زندگي گذاري اٿس. پاڻ هڪ ئي وقت شاگرد به رهيو ته استاد به رهيو. جنهن وقت هو انٽرميڊيئيٽ جو شاگرد هو، انهن ڏينهن ۾ صبح جو ٽيلهو ڪٽي ڪاليج ويندو هو ته شام جو وري شهدادڪوٽ شهر ۾ ”سچل سارو سچ درسگاهه“ جي نالي سان سينٽر قائم ڪري هيٺين ڪلاسن جي ٻارن کي ٽيوشن پڙهائيندو هو، جنهن مان پنهنجي پڙهائيءَ جو خرچ به پورو ڪندو هو ته والد صاحب جو به هٿ ونڊائيندو رهندو هو.

هن پورهئي کي ڪڏهن به عار نه سمجهيو. هو وڏي فخر سان چوندو آهي ته آءٌ هڪ مسڪين پورهيت جو ٻار آهيان. مون شهدادڪوٽ اسپتال ٻاهران چولا به ڪپايا آهن ته ننڍڙن ٻارن جا



رانديڪا ڪپائي به پڙهائيءَ جو خرچ پورو ڪرڻ سان گڏ پنهنجي والد صاحب جو هٿ ونڊايو آهي.

اهڙي طرح بارگاهه خداونديءَ ۾ سندس اِهي محنتون ۽ پورهيا صاب پيا ۽ سال 2002ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان ليڪچرشپ جو امتحان پاس ڪري ليڪچرر جي حيثيت سان ڪاليج ايجوڪيشن ۾ داخل ٿيا ۽ هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

جيئن ته اهو زندگيءَ جو اصول آهي ته جيڪو پاڻ غربت مان گذريو هجي، ان کي ٻين جي نسبت وڌيڪ احساس ٿيندو آهي ۽ هو چاهيندو آهي ته مشڪل وقت ۾ ٻين جي مدد ڪجي، سو اهو جذبو کيس سگا ۾ وٺي آيو ۽ برانچ سطح تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ پاڻ سگا مرڪز ۾ سيڪريٽري تعليم، ميمبر سي اي سي ۽ سيڪريٽري جنرل چونڊيا ويا. هن وقت به سگا جي سي اِي سي جا ميمبر آهن.

سگا جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي رهڻ دوران هن سگا کي تمام ويجهي کان ڏٺو آهي. مختلف قسمن جي روين جهڙوڪ همت افزائي، تنقيد، وڌيرپ ۽ يڪسر نظرانداز ٿيڻ وارن روين کي محسوس ڪيو، برداشت ڪيو ۽ انهن جو مقابلو ڪيو آهي.

هتي هن ڳالهه جو اعتراف ڪرڻ به ضروري آهي ته خالد چنه ۾ وڏي سهپ ۽ سٺي اڳواڻ واريون خوبيون موجود آهن. سفر دوران ڪڏهن ڪڏهن ساٿين جي هر چڱي ڪم جي مخالفت ۽ منفي روين جي اثر هيٺ ڪاوڙ ۽ پريشاني ۾ هجڻ دوران، عمر ۾ ننڍو هجڻ سبب ڪڏهن منهنجي طرفان ته ڪڏهن نور محمد سيال جي طرفان دڙڪا دهمان به ملي ويندا هئس پر مجال آهي جو ڪٽي منهن ۾ گهنج وجهي، بس آخري لفظ اهي ئي هوندا هئس ته يلا اوهان ئي ڪو رستو ڪيدي ڏيو؟ ۽ وري گڏجي چانهن پيئندا هئاسين ته وري

ساڳيا ٿهڪ، مرڪون ۽ پوڳ چرچا!

مرڪزي عهدن تي هجڻ دوران هن سگا جي سرواڻن سان بہ خوب ڪچهريون ڪيون، سگا جي فلسفي کي سمجهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ سگا جي تاريخ جي مختلف لاهن چاڙهن جو مطالعو ڪيو، رڪارڊ جي ڇنڊ ڇاڻ، فائلنگ ۽ سگا ڪارنر ۾ رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ دوران ڪيس احساس ٿيو تہ سگا جي عمراڌ صدي تي پهچي چڪي آهي ۽ ڪافي سرگرم ساٿي پنهنجو وارو وڄائي راهہ رباني جا راهي ٿي چڪا آهن، اگر موجود بي ترتيب فائل هيٺ مٿي ٿي ويا تہ وڏو نقصان ٿي ويندو! جو نہ سگا جي تاريخ کي ڪتابي صورت ۾ سهيڙي محفوظ ڪجي. ڇاڪاڻ تہ مختلف محفلن ۾ سگا ۽ سگا کان ٻاهر جا ساٿي پڻ باربار سگا جي تاريخ لکت جي صورت ۾ هجڻ جو مطالعو ڪندا رهيا آهن!

ان احساس تحت هڪ ٻئي جي صلاح سان اهو ڪم شروع ڪيوسين ۽ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر طرفان سگا جي تاريخ جا چار ڪتاب سگا اتهاس، سگا الماس، سنڌ جن جي ساهہ ۾ ۽ انگريزي ڪتاب Volunteerism above self ڇپائي پڌرا ڪياسين.

انهن ڪتابن جي ڇپائي دوران ايڏا تہ روڙا اٽڪايا ويا ۽ هر طرح سان تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جو سوشل ميڊيا جا ساٿي روبرو ۽ فون ڪري پڇندا هئا تہ آخر هيءُ ڇا ٿي رهيو آهي. ان دور ۾ دوستن جي رمارڪس ۽ هاءِ گهوڙا جا ڪافي اسڪرين شاٽ اڄ بہ ڪمپيوٽر ۾ محفوظ آهن ۽ هڪ ڪربناڪ ڪيفيت جي ياد ڏياريندا رهن ٿا. ان هاءِ گهوڙا سببان ڪيئي ڀيرا مون طرفان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر جي ڪوآرڊينيٽرشپ تان استعيفيٰ ڏيڻ جو بہ سوچيو ويو، بلڪ هڪ ڀيرو تہ اها استعيفا ان وقت جي سگا چيئرمين ڏانهن بہ موڪلي



ڏني، جنهن استعيفيٰ قبول نہ ڪئي ۽ مدد جو يقين ڏياري ڪم جاري رکڻ جو چيو.

اهڙيءَ طرح خالد چنہ بہ ساڳي لائين تي سوچي رهيو هو. وچ ۾ هڪ ٻئي سان بہ تيز ڳالهايوسين پر معاملي جو حل نظر ڪونہ پئي آيو، آخر وري پاڻ ۾ گڏجي ويناسين تہ استاد بخاريءَ جو هي چوسٽو اتساهہ جو سبب بنجي پيو!

اڳيان مصيبت، پٺيان مصيبت،
ڪٻي سڄي، سر مٿان مصيبت،
وڃان "بخاري" بچي اچي جو،
اهو اسان مان، اهو اسان مان.

۽ پوءِ آخري دم تائين مقابلو ڪرڻ ۽ ڪم جاري رکڻ جو فيصلو ڪيوسين، جنهن بعد هر تنقيد کي منهن ڏيندي مٿي بيان ڪيل ڪتابن سان گڏ بہ بيا ڪتاب"ڪچان تہ ڪافر" ۽ "اسان جو پٽائي" اداري طرفان ڇپائڻ ۾ ڪامياب ٿياسون. موجوده ڪتاب "سگا اپياس" بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو ڪن اٽڙ سببن ڪري ڇپجڻ کان رهجي ويو هو ۽ هاڻي ڇپجي سگا جي ساٿين ۽ عام پڙهندڙن تائين پهتو آهي.

هي ڪتاب مختلف ڀاڱن تي مشتمل آهي.خالد حسين چنہ "سگا اپياس" جي پهرئين ڀاڱي ۾ سگا جي قيام جي مقصدن کي واضع ڪندي، انهن حالتن جو ذڪر ڪيو آهي، جن حالتن کي نظر ۾ رکندي سگا جهڙي تنظيم کي وجود ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

سگا ڪڏهن ۽ ڪيئن ۽ ڇو وجود ۾ آئي. ان جو صرف سرسري تذڪرو ڪري ڇڏڻ ڪافي ناهي، پر انهن سياسي،سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو گهرائيءَ سان جائزو وٺبو تہ ان وقت جي قومي ڪرب ۽ پيڙا جو احساس ٿي سگهندو، جن مان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ۽ ان وقت جا ڏاها گذريا هوندا، جنهن جو ذڪر پڻ هن

ڪتاب ۾ موجود آهي.

1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو. ترت ئي 1949ع ۾ ڪراچي کي سنڌ کان ڪٽي مرڪزي حڪومت حوالي ڪيو ويو. 1955ع ۾ ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو، ان دور ۾ سنڌ سان جيڪي ويڌ ڪيا ويا، اهو سڄو احوال تاريخ جي ڪتابن ۾ محفوظ آهي ته ڪيئن نه سنڌي ٻوليءَ تي راتاها هنيا ويا، هِتان هُتان ڌاريا گڏ ڪري ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيا ويا ۽ ڪراچيءَ جي سياسي ۽ سماجي پوزيشن تبديل ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي. گذران جي وسيلن توڙي رهڻ جي جاين تي ڌارين جي يلغار مچي وئي. نتيجي طور آباديءَ جو دٻاءُ ايتري حد تائين وڌي ويو، جو جڏهن ٻهرين جولاءِ 1970ع تي ون يونٽ جو خاتمو ٿيو ۽ اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌ جي به صوبائي حيثيت بحال ٿي ۽ لاهور توڙي ٻين شهرن مان سنڌي آفيسر ۽ ٻيا ملازم سنڌ موٽيا ته ڪراچيءَ ۾ سندن رهائش جو سنگين مسئلو پيدا ٿي پيو، جنهن جو ذڪر ليکڪ پڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ جي حوالي سان ڪيو آهي.

مقصد اگر نيڪ هجن ته بارگاهه خداوندي مان مدد جو حصول ۽ هم خيال ساٿين جو ساٿ ملڻ يقيني هوندو آهي. اهڙيءَ طرح مختلف ساٿي ساٿ ۾ ملندا ويا ۽ ڪاروان نهندو ويو، جيڪو مختلف وقتن تي مختلف صورتحال مان گذرندواچ 100 کان وڌيڪ برانچن واري سگا جي صورت ۾ اسان جي سامهون موجود آهي.

ليکڪ هن ڪتاب ۾ گذريل پنجاهه سالن جي تاريخ کي نظر ۾ رکندي سگا جي مختلف پروگرامن، سنڌ جي مسئلن، انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ کڄندڙ قدمن، قدرتي آفتن ۾ سگا طرفان ادا ڪيل ڪردار، مختلف شعبن صحت، تعليم ۽ ثقافت تي تفصيل سان روشني وڌي آهي ۽ سگا جي مختلف ادارن جهڙوڪ پبلڪ اسڪول گڏاپ جي ڪارڪردگي، روشن تارا اسڪولن جي



ڪارڪردگي ۽ انهن جي تعليمي معيار جو ذڪر ڪيو آهي، صحت جي شعبي طرفان لڳايل مختلف ڪئمپن ۽ انهن مان فائدو وٺندڙ مسڪين ماروئڙن جا انگ اکر ڏنا آهن ۽ ثقافت شعبي جي ڪارڪردگي پڻ لکي آهي.

هن اهو به لکيو آهي ته 1997ع ۾ سگا وٽ 24 گاڏيون هيون، جن ۾ ايمبولينسز، اسڪول وينز ۽ مانيٽرنگ لاءِ گاڏيون شامل هيون، جن مان ڪي ته ڳريل حالت ۾ رمپا پلازا جي پارڪنگ ۾ موجود آهن، باقي جي ڪا خبر ئي ڪانهي.

ان کان سواءِ سگا ڪارنر ۾ سهيڙيل رڪارڊ جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي!

هڪ سفر ٽي سفرناما جي سري هيٺ ليکڪ سگا طرفان منعقد ڪيل انٽرنيشنل سچل ڪانگريس دوران امن قافلي جي سنڌ جي دوري دوران لکيل ٽن مختلف سفرنامن جو تفصيلي جائزو ورتو آهي، جن ۾ محترم وينا شرنگي جو سفرنامو ”ڪڇان تان ڪافر“ محترم گوبند مالهيءَ جو سفرنامو”سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ“ ۽ محترم سلطانه وقاصي جو سفرنامو ”خوابن جو سفر“ شامل آهن.

اهي ٽئي سفرناما پڙهڻ کان پوءِ پاڻ انهن سفرنامن جو اختصار ڏاڍي من موهيندڙ انداز سان بيان ڪيو اٿس. هڪ ته لکڻ وارن به ڪمال ڪيو آهي؛ وري خالد چنه جو تبصرو ۽ تجزيو به ڪمال جو آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جون ايندڙ اڌ صديءَ جون حڪمت عمليون جي سري هيٺ، سگا جي موجوده ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي مستقبل جون اميدون ۽ وقت توڙي حالتن کي نظر ۾ رکندي بهترين ۽ قابل عمل صلاحون پڻ ڏنيون اٿس. هيءَ دراصل خالد چنه صاحب جي گولڊن جوبلي پروگرام دوران ڪيل تقرير جي تحريري صورت آهي جنهن ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي

جوڙجڪ کي ايندڙ وقت ۾ تبديل ڪيو ويندو، جيڪا سنڌ ۽ پاڪستان جي حدن کان ٻاهر نڪري، دنيا سطح تي اچي ويندي ته جيئن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وينل لکين گريجوئيٽس سگا جا ميمبر بنجي، سنڌ ۽ سنڌين جي خوشحاليءَ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندا. اهي ماڻهن تائين پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ صحيح معلومات پهچائيندا ۽ شعور بيدار ڪندا.“

ٻئي هنڌ هو لکي ٿو ته ” آءُ تصور ئي ڪري سگهان ٿو ته ايندڙ ڪجهه سالن ۾ سگا روشن تارا آن لائين اسڪول دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي ٻارن کي سنڌي سيکارڻ لاء قائم ڪيو ويندو، جتي هزارن جي تعداد ۾ شاگرد هوندا.“

تنظيمن ۽ تحريڪن ۾ ڪڏهن لاها ته ڪڏهن چاڙها ايندا رهندا آهن، پر حقيقي رهبر پنهنجي ڏاهپ سان تنظيم کي ان وقتي مشڪلات واري ڪُن مان ڪڍي، سڌي سنئين دڳ تي آڻيندا آهن.

ان مثال جي مصداق سگا به ڪافي لاها چاڙها ڏٺا آهن. ضياءُ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ سرڪاري ملازمن جي ميمبرشپ تي بندش ۽ مختلف ادارن طرفان والنٽيئرز کي هيسائڻ ۽ پريشان ڪرڻ سبب تنظيم کي ڪافي نقصان ڏسڻو پيو ۽ چڱا موچارا عهديدار صاحبان استعيفائون ڏئي انڊر گرائونڊ ٿي ويا پر سفر پنهنجي مخصوص رفتار سان جاري رهيو، چاڪاڻ ته سگا سنڌ جي مظلوم ۽ ڏتڙيل عوام جي امانت هئي ۽ ان کي هر حال ۾ زنده رهڻو هو ۽ سجاڳيءَ جي سڏ کي گونجار بنجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻو هو. ان وچ ۾ اسد الله ڪيڙو، بشير احمد مورياڻي، محمد صديق ڪاڪا، ممتاز ڪلهوڙو، جمال الدين دائودپوٽو، برڪت علي چوهاڻ ۽ منير احمد چانڊيو جهڙا ساٿي آيا آمريت واري ڪاري دور ۾ سگا ۽ سنڌي ماروئڙن جا سهارا بڻيا ۽ پنهنجو وارو وڄائي هليا ويا، نه انهن هميشه لاءِ عهدن تي قابض رهڻ جي ڪوشش ڪئي؛



نه آئين کي پاسي تي رکي من پسند اليڪشن ڪميشن کان غير آئيني فيصلا ڪرائي پنهنجو پاڻ کي چونڊرائڻ جي ڪوشش ڪئي، بلڪه پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٻين ايندڙن لاءِ رستو ڇڏي ڏنو!

هتي اهو به واضح رهي ته سگا سنڌ جي واحد تنظيم آهي، جنهن ۾ هر ٽينيوئر جي پوري ٽيڻ تي آئين موجب باقائده اليڪشن ٿئي ٿي ۽ جمهوري انداز سان فيصلا ٿين ٿا پر ڪڏهن ڪڏهن چيف اليڪشن ڪمشنر جي ڪمزور يا اڻ ڏريو نه هجڻ سبب ڪجهه ڏريون ان تي دٻاءُ وجهي پنهنجي پسند جا فيصلا وٺڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، جنهن جي نتيجي ۾ تنظيم جي مجموعي ڪارڪردگي توڙي ساک کي نقصان پهچي ٿو. خالد چنه صاحب خود اهڙن فيصلن جو شڪار ٿيل آهي، پر نه صبر جو دامن هٿ مان ڇڏيو اٿس ۽ نه ئي بدظن ٿي، ورچي وينو آهي. هن سگا تي تحقيق جو سلسلو جاري رکيو آهي ۽ سگا جي ساٿين توڙي سنڌ جي ساڃاه وندن کي هڪ نئون ڪتاب ڏنو آهي.

ڪتاب جي ٻئين حصي کي مالي وسيلن جي مجبوري سبب بعد ۾ الڳ ڪتاب ڪري ڇپايو ويندو جنهن ۾ 2019ع - 2020ع موجب برانچن جي ڪارڪردگيءَ جو مختصر احوال بيان ڪيو آهي، جنهن موجب 2020ع - 2019ع ۾سگا جون ڪل 98 برانچون ڪم ڪري رهيون هيون، جن ۾ 4435 بي باق ميمبر ۽ 320 لائف ميمبر موجود هئا. ميمبر شپ جي لحاظ کان سگا گهوٽڪي برانچ 276 بي باق ميمبرن سان پهرين نمبر تي، سگا ڪراچي برانچ 227 بي باق ميمبرن سان ٻئين نمبر تي ۽ سگا اسلام آباد برانچ 188 بي باق ميمبرن سان ٽئين نمبر تي هيون.

انهن برانچن مان فقط 47 برانچن کي پنهنجون آفيسون هيون، جڏهن ته فقط 30 برانچن جا بئنڪ اڪائونٽ ڪليل هئا، جڏهن ته ڪجهه برانچن جي ڪارڪردگي فقط نالي ماتر ئي هئي، جڏهن ته ڪافي

برانچن جون رپورٽون ئي مرڪز ۾ وصول نه ٿيون هيون.

هتي اها ڳالهه به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته هر برانچ جون سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار ڪاروباري ڪاميٽي جون گڏجاڻيون ۽ ٽي عام گڏجاڻيون ضرور ٿيڻيون آهن، پر ڪافي برانچن جون يا ته گڏجاڻيون نه ٿيون آهن يا وري انهن جي صحيح رپورٽنگ نه ٿي آهي.

ووٽ جي سياست هجڻ سبب ڪير به ڪنهن برانچ کي آئين جي پاسداريءَ بابت چوڻ لاءِ تيار ئي ناهي ته متان ان برانچ جا ووٽ مون کي نه ملن. سچ ته اهو آهي ته ڪافي برانچون ته آهن ئي صرف ووٽ جي لاءِ!

سگا ۾ اهو رجحان ڪافي خطرناڪ آهي، جنهن جو اثر تنظيم ۽ تنظيم سازيءَ تي پئجي رهيو آهي، جنهن ڪري مستقبل ۾ ان جا خراب نتيجا نڪري سگهن ٿا.

شاخن جي ساٿين سان ڳالهه ٻولهه تي ته خبر پئي ته ڪافي برانچن جي اڪائونٽن جو پراسيس هلندڙ آهي، پر بئنڪون اڪائونٽ کولڻ لاءِ ئي تيار ناهن. ان سلسلي ۾ مرڪز کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ مرڪزي سطح تي ڪنهن به بئنڪ سان معاهدو ڪري برانچن جا اڪائونٽ کولرايا وڃن ته بهتر ٿيندو.

جڏهن ته برانچن جي ڪارڪردگيءَ تي پڻ زور ڏيڻ کپي.

ڪتاب جي مصنف هن ڪتاب ۾ سگا جي ماضي، حال ۽ آئيندي کي پاڻ ۾ ملائڻ جي بهترين ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي جنهن سبب هيءُ ڪتاب ايندڙ وقت جي منصوبه بنديءَ لاءِ اهم ۽ بنيادي ڊاڪيومينٽ بنجي پيو آهي، جتي اوهان کي هڪ ئي هنڌ سگا جي مڪمل تاريخ ميسر ٿي آهي. هن کان اڳ ڪو رڪارڊ ڪٿي پيل هو ته ڪو ڪٿي: ڪي پنا ڪهڙي ڪنڊ ۾ هئا ته ڪي فائل ڪهڙي ڪنڊ ۾، پر هاڻي هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان پوءِ سگا جي چوندن جي تاريخ، سگا جي مختلف وقتن تي چيئرمين ۽



سيڪريٽري جنرلز جو رڪارڊ، سگا جي مختلف ساليانه ڪنوينشنز جو رڪارڊ، سگا کي مختلف وقتن تي ملندڙ مختلف پراجيڪٽن جي مڪمل تاريخ، سگا جي سال بسال ٿيندڙ سرگرمين جو احوال ۽ مختلف سروسز هڪ ئي ڪتاب جي صورت ۾ پڙهندڙن اڳيان موجود هوندا.

ممڪن آهي ته ڪو محقق مستقبل ۾ سگا جي تعليمي ترقيءَ لاءِ ادا ڪيل ڪردار، سگا جي معاشي ترقيءَ جي ميدان ۾ ڪيل سرگرمين، مختلف قدرتي آفتن دوران سگا جي ڪردار، سگا جي سنڌ جي سماجي ترقيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار يا سگا جي صحت جي ميدان ۾ ڪيل سرگرمين جي عنوان سان ايم فل يا پي ايچ ڊي جي حوالي سان تحقيقي ڪم ڪري ته مختلف عنوانن هيٺ هيءُ ڪتاب ان محقق لاءِ به تمام گهڻو ڪارائتو ۽ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

سچ پڇ ته هن ڪتاب جو ليکڪ، ڪتاب ۾ موجود مواد جي آڌار تي اعزازيڊاڪٽريٽجو حقدار آهي.

اميد ته سگا جا ساٿي ۽ عام پڙهندڙ پڻ هن ڪتاب مان سگا ۽ سگا جي مختلف ادارن، پراجيڪٽس توڙي برانچن متعلق گهربل قابل اعتماد ڄاڻ ۽ رهنمائي حاصل ڪندا.

قل شهر
27- جولاءِ 2022ع

دو پل کي جيون سي

## اک عمر چراني هي: خالد حسين چنا

سيد زوار نقوي

توڙي جو هو پنهنجي ستاري جي حوالي سان جدي (capricorn) آهي پر هو گهڻ ڳالهائيندڙ، گهڻو سمجهندڙ، نرم مزاج، درگذر ڪرڻ وارو محنتي ۽ اڻ ورچ شخصيت جو مالڪ آهي. سچ ٻہ تہ هو اها طلسماتي شخصيت رکندڙ آهي جنهن جو چهرو ڪنهن ڪتاب جيان پڙهي ڪا تڪڙي راءِ جوڙي نہ ٿي سگهجي، جيستائين هو ٺهڪ ڏئي کلي نہ ٿو يا لڙڪ هن جي اکين جون سرحدون اورانگهي نہ ٿا اچن.

سچ ٻہ تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا تمام گهڻ ماڻهو ڏٺا آهن، ماڻهو جن کي ڏسي، انهن جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سندس اهڙي سني سڀاءُ ۾ ٻين انيڪ سببن سان گڏ هڪ سبب سندس ماتر ڀومي موهن جو دڙو هئڻ پڻ آهي. اها جدا ڳالهہ آهي تہ اڳيان هلي، چاندڪا چئن حصن ۾ ورهائجي ويو پر مٽيءَ جي تاثير پوءِ ٻہ قائم ۽دائم رهي ٿي. جيتري قدر مون کي ياد ٿو پوي تہ هن سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌ ڪاليج آف ڪامرس ائنڊ پوسٽ گريجوئيٽ سينٽر حيدرآباد جي لائبريري ۾ ٿي هئي، ياد نہ ٿو اچي تہ ڪنهن دوست يا هن پاڻ پنهنجو تعارف ڪرايو هو. هن جي تعارف ۾ هن جي نالي سان گڏ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) جي سيڪريٽري جنرل جو عهدو ٻہ شامل هيو.

سگا جيڪا ماضي جي مضبوط، مستحڪم، منظم ۽ واهر ڪرڻ واري آرگنائيزيشن هوندي هئي، جنهن پنهنجو ساهہ ست ڏئي



سنڌ جو ويساهہ ورتو هيو، ان جو مرڪز تہ وڏي ڳالهہ هئي پر حيدرآباد واري شاخ جنهن جي آفيس ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد ۾ هوندي هئي ۽ هن جي پاران قائم ڪيل روشن تارا اسڪول (سلاوٽ) رات جي پوئين پهر ۾ ڏٺل ڪوئي خوبصورت خواب هوندو هيو. اهي اسان جي جواني وارا ڏينهن هوندا هيا ۽ پوءِ جيئن جيئن اسان ڪراڙپ ڏي وکون وڌائڻ شروع ڪيون تہ هو ٻہ ڪوئي وسري ويل خواب ٿي چڪي هئي.

الائي ڪيئن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد جي آفيس کي تالو لڳي ويو ۽ الائي ڪيئن روشن تارا اسڪول انفرادي/گروهي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هليو ويو ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن سگا ڪنهن اخبار ۾ سنگل ڪالم جي خبر نظر ايندي هئي ۽ مون هن جي اکين ۾ غور سان ڏٺو ۽ چيم تہ: ”سائين! سگا هاڻي ڪٿي نظر تہ نٿي اچي“ ۽ پوءِ هن جي خوبصورت طلسماتي اکين ۾ اٽڪ خوابن مون کي سگا جو نئون نئين بهار جي رت وارو تعارف ڪرايو هيو ۽ اها هئي پروفيسر خالد حسين چنا سان منهنجي پهرين ۽ نہ وسرندڙ ملاقات. مان سمجهان ٿو تہ اهي 2018ع جا آخري مهينا هوندا.

انگريزي ۾ ايم اي ڪري ليڪچرارٿي آيل، اميري واري لباس ۾ فقيري وارو روح رکندڙ پروفيسر خالد حسين چنا وري سگا کي ڪنهن سهڻي صبح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي ۽ ايئن ڪنهن جيئري جاڳندي خوبصورت گل جيان سگا جو هڪ نئون ڏينهن شروع ٿي ويو.

سچ ٻہ تہ مان ان تي حيران آهيان تہ هو رات جو سگا شاخ پنوعاقل جي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيندو هيو تہ صبح جو گلشن حديد ۾ ۽ شام جو وري بنا ڪنهن ٿڪ، بيزاري ۽ اجاگي جي پنهنجي ڪلاس ۾ موجود هوندو هو. نہ صرف اهو پر ڪاليج پاران هم

نصابي سرگرمين ۾ ڪيل ڪم بہ خوش اسلوبي سان سر انجام ڏيندو هيو ۽ ائين سوشل ميڊيا کان وٺي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تائين هن جي گڏجاڻين، ڪانفرنس، سيمينارن ۽ دورن جون سرگرميون ڏسڻ،ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ملنديون هيون. 2018ع جي ڦوهہ سياري جي مند کان وٺي 2021ع تائين مون هن کي پنهنجو هر ڪم سلڇڻي نوجوان وانگر سيبائتو ڪندي ڏٺو.

پروفيسر خالد حسين چنا انهن چند ماڻهن مان هڪ هيو جنهن جي هٿ ۾ هر وقت ڪونہ ڪو ڪتاب هوندو هو. لکڻ، پڙهڻ، تنظيمي ڪم ۽ نوڪري ۽ گهر داري تائين هو ساراهہ جوڳي سرهاڻ رهيو. توڻي جو اسان جي گڏجي ڪم ڪرڻ جو عرصو لڳ ڀڳ ٻن ورهين تائين محدود رهيو پر حقيقت اها آهي تہ اڄ بہ مون کي اهي ٻئي ورهيہ هڪ مڪمل زندگي تي محيط محسوس ٿيندا آهن. جنهن ۾ زندگي جا سڀئي لاها چاڙها پنهنجن سڀني رنگينين ۽ رعنائين سان موجود محسوس ٿيندا آهن.

پير، پنڌ جو پختو ۽ پڪو اسان جو هي دوست مٿي ذڪر ڪيل ڪمن ڪانسواءِ سنڌي ادب کي پنج هئين سان هنداڻ جهڙا شاندار ڪتاب بہ ڏئي چڪو آهي، جيڪي يقينن سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجو منفرد، اعليٰ ۽ ڳاٽاپي واري حيثيت ۽ اهميت رکن ٿا ۽ سچ اهو آهي تہ سندس زير نظر ڪتاب جو شمار بہ انهن ۾ سر فهرست ڪري سگهجي ٿو. جنهن تيز رفتاري سان هو سگا جا ڪم ڪندو اچي، ان ئي تيز رفتاري سان هو پنهنجي لکڻ جو ڪم بہ جاري رکندو اچي ۽ يقينن سنڌي ادب جي تاريخ انهن کي پنهنجي پلوءَ ۾ ڪنهن شاعر جي دل جهڙي منزل ۽ مقام ڏيندي اسان تہ بس منجهائنس اميدون ئي وابستہ رکي سگهون ٿا جن کي منزل هن کي ئي ڏيڻي آهي ۽ يقينن هو ڪيس اها منزل اوس ضرور ڏيندو.



جهنگ جي شهر ۾ رسڻ، پرچڻ ۽ پيار ڪندڙ دل ڪٺي هلندڙ اسان جو هي سڀاجهڙو نيڪ ۽ سماج سڌارڪ ۽ تعليمدان جناب پروفيسر خالد حسين چنا جي لکڻين / ڪتاب جا موضوع/ ڪردار بہ هن جي دل جيان معصوم ۽ پيار ڪندڙ آهن ۽ هن انهن سان نياءُ بہ ائين ئي ڪيو آهي جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوبا مان ڪندو آهي ۽ سندس لکڻين پڙهڻ کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ جهڙي نموني سان جديد سنڌي شاعري ۾ استاد بخاري کي عوامي شاعر چيو ويندو آهي.

بلڪل اهڙي طرح جديد سنڌي نثر ۾ پروفيسر خالد حسين چنا کي عوامي نثر نويس چئي سگهجي ٿو. هن پنهنجي زندگيءَ جيان پنهنجي نثر ۾ ڪنهن ليکڪ جي اسلوب کي فالو (follow) ڪرڻ بجاءِ پنهنجو ڊڪشن (Diction) متعارف ڪرايو آهي. خالص نج ۽ عوامي ٻولي ۾ تحرير ڪيل هن جي لکڻين تي ايندڙ وقت جو مورخ ضرور اپياس لکندو جيئن هن جون تحريرن کي هڪ خوبصورت تشريح مجمع مفهوم ۽ مقصد ملي سگهي جيڪو شايد اڃان اسان جي اکين کان اوجهل رهجي ويو هجي.

چاڪاڻ جو مان سمجهان ٿو تہ وقت، تاريخ جو هڪ باب هوندو آهي.

جهانيان هائوس،
ٽندو جهانيان حيدرآباد، سنڌ
22.سيپٽمبر 2022ع

# ليکڪ بابت

**مشتاق علي لنب**

دلدار وڏي شي آ، پيار وڏي شي آ،
ماڻهو نہ مٽيءَ جوآ، ڪردار وڏي شي آ.

انساني تاريخ گواه آهي تہ انسانيت سان پيار ڪرڻ ۽ پنهنجن ذميوارين سان مخلص رهڻ، همت وارن ۽ اڏول مانجهي مردن جو ڪم آهي، جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ هميشہ ”خواهشون“ نہ پر ”مقصد“ هوندا آهن ۽ عظيم مقصدن جي حاصلات لاءِ ڪنڊن ڀريو رستو ئي ڪين دلير ۽ جانثار بڻائي ٿو.

جيڪي ماڻهو عظيم مقصدن لاءِ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان جدوجهد ۽ جستجو ڪندا آهن، اهي دلين ۾، ذهنن ۾ ۽ تاريخ ۾ هميشہ زنده ۽ جاويد رهن ٿا. جهڙيءَ ريت ٻج زمين ۾ داخل ٿي اهڙن رنگ برنگي، ٻوٽن، وڻن ۽ باغن کي اپائي ٿو، جنهن مان گل ۽ ميوا پيدا ٿين ٿا، جيڪي ڪائنات کي دلڪش سونهن جا منظر ۽ غذائي لذت بخشن ٿا، بلڪل اهڙي طرح الله تعاليٰ ڪجهہ عظيم شخصيتن کي پيدا ڪري، دنيا جي سونهن، ذرخيزي، ترقي ۽ خوشحالي ۾ اضافو ڪري بني نوع انسان جي ڀلائي ۽ ڀهبود جو ذريعو بڻائي ٿو، جيڪي پنهنجي بلند ڪردار سان دنيا ۾ هڪ الڳ مقام بڻائي ماڻهن جي دلين ۾ ڌڙڪندا آهن. اهڙن ئي مٺيادار ۽ عظيم انسانن مان پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب هڪ آهن.

پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب هڪ مهربان، شفيق، هر دل عزيز، باوقار، فرض شناس، جفا ڪش، ايماندار، علم دوست، غريبنواز، ملنسار، دورانديش ۽ روشن خيال آهن. پنهنجن ساٿين



لاءِ لک عزتون ۽ محبتون رکندڙ، سماج جا هڪ هڏ ڏوکي ۽ پنهنجن ذميوارين جي ادائگي ۾ هميشہ نمايان آهن، ان لاءِ ساڻن محبتون فطري آهن. استاد بخاري جي هنن خوبصورت سٽن وانگر،

اسين سرهاڻ جا گيسو صبا ٻڻجي سنواريون ٿا.
ڪندا شبنم جي قطرن کي نگاهن سان سلام آهيون،
نہ ڪنڊن کي ٿا ڪيڪاريون،نہ ٿوهر سان رکون ياريون،
مگر رابيل جا نوڪر گلابن جا غلام آهيون.

پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب هڪ تاريخ ساز ڪردار آهن، سندس شخصيت جا مختلف رخ سماج ۾ پنهنجي سڃاڻپ مڃائي چڪا آهن. هن جو هر رخ اسان جي دلين جي ترجماني ڪندو آهي. پاڻ سول سوسائٽي جا مهان ڪردار آهن. هر رخ کان سماج جا هيرو ۽ سرچشمو آهن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو نالي ماتر هوندا آهن، جيڪي جنهن شعبي ۾ هوندا آهن، لڳندو آهي تہ جڻ اهي پيدا ئي هن شعبي لاءِ ٿيا آهن پر جڏهن وري انهن کي ڪنهن ٻي شعبي ۾ آزمائبو آهي تہ اتي وري لڳندو آهي تہ اهي آهن ئي هن شعبي لاءِ پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب اهڙيئي ذات جو ڏاتار آهي، جنهن کي جتي ڏسو، لڳندو آهي تہ هي انهي ميدان جو هيرو آهي، پر اصل ۾ هر شعبي جو هيرو آهي.

پاڻجڏهن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۾ سيڪريٽري تعليم ٿيا، پاڻ ماهر تعليم جي حيثيت سان روشن تارا اسڪولن ۾ تحقيق جي بنياد تي نواڻ آندي ۽ اسڪولن کي نئون رخ ڏنو، نصاب کان وٺي، امتحاني نظام تائين روشن تارا اسڪولن کي جديد انداز سان منظم ڪيو. اسڪولن جي مالڪي ۽ انتظام کي موثر بڻايو. ٽيم ورڪ ۽ اعتماد کي بحال ڪيو. استادن جي تربيت جا اعليٰ انتظام ڪيا. روشن تارا اسڪول جي ٻارڙن ۾ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو. سڄي سنڌ ۾ لاڪيٽي لطيف سرڪار

بابت، روشن تارا اسڪول جي ٻارن پاران تقريرن ۽ ذهني آزمائشن جي مقابلي جا پروگرام ڪرايا. ”روشن تارا ٻالڪ مئگزين“ جي ذريعي ٻارن جي تخليقي صلاحيتن وڌائڻ لاءِ ٻارن کان مختلف عنوانن تي تحريري مقابلا ڪرايا. روشن تارا اسڪول جي انتظامي ڪاميٽي جي ميمبرن سان گهرو تعلق ۽ رابطو قائم رکيو. هر اسڪول سان پنهنجائپ جو ماحول جوڙي اسڪولن جو پاڻ معائنو ڪندا رهيا. هي سڀ اسم ۽ سرگرميون ايڏا ته اهم آهن، جو هر اسم جي خدمتن تي جدا ڪتاب تحرير ڪري سگهجن ٿا. سندس سچي محنت کي ائين مختصر بيان ڪرڻ به خالد حسين چنه سان ناانصافي لڳي رهي آهي.

سگا جروار جي ساٿين جو مجموعي طرح اهو خيال آهي ته مرحوم و مغفور نذير احمد پنڊ صاحب ڪانپوءِ سگا ۾، سائين خالد حسين چنه سيڪريٽري تعليم ٿي، سگا جي سرگرمين ۾ يقيني طور تعميري ترقي کي يقيني بڻايو آهي.

سندس لاءِ استاد بخاري جون هي خوبصورت سٽون:

حقيقت بياني گلا ٿي پوي ٿي،
حقيقت پسندي ثناءَ ٿي پوي ٿي،
ڪجي ڪيئن استاد ڪيڏانهن وڃجي،
حقيقت لڪائڻ خطا ٿي پوي ٿي.

سائين خالد حسين چنه صاحب سيڪريٽري تعليم طور هڪ شاندار ۽ سونهري تاريخ رقم ڪئي. سندس خدمتن جي سيني رخن کي بيان ڪرڻ لاءِقلم کڻڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هن سنڌ جي خدمتگذار جي ڪارنامن کي قلم جي قرطاس تي آڻجي، سندس شاندار خدمتن ۽ محنتن مان الله تعالي راضي ٿي، کيس سيڪريٽري جنرل جو منصب عطا ڪيو. پاڻ سيڪريٽري جنرل جي



حيثيت سان تمام گهڻو، وڌو ۽ شاندارڪم ڪري پاڻ ملهايو ۽ مڃايو آهي. هن سماجي خدمتن کي هڪ ٽيم ورڪ سان عام ماڻهو تائين پهچائڻ کي يقيني بڻايو آهي.

سگا جي تاريخ کي سهيڙڻ به هڪ تاريخي ۽ شاندار ڪارنامو آهي. هن ليکڪ، محقق ۽ اديب جي حيثيت سان به پاڻ ملهايو ۽ مڃايو آهي. سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان هميشه ڪم تي حاوي رهيا آهن.

سگا جي سيني معاملات کي ڏسڻ ۽ هلائڻ سان گڏ رضاڪارن بابت قلم کڻڻ ۽ ”سنڌ جن جي ساهه ۾“ سرجڻ هڪ تاريخي ۽ سونهري ڪارنامو آهي.

شيخ اياز اهڙنئي شخصيتن لاءِ چيو آهي ته:

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتي جي سيني تي،
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،
جا قومن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

آءٌ پروفيسر خالد حسين چنه جي پاڻ ارپڻ واري جذبن، خدمتن ۽ سگا جي اڌ صدي جي رڪارڊ کي سهيڙڻ ۽ ان بابت پنج تاريخي ڪتاب تحرير ڪرڻ تي دل سان سلام پيش ڪريان ٿو. حقيقت ۾ اهي انسان عظيم آهن جيڪي ٻين لاءِ جيئندا آهن ۽ ٻين جو خير گهرندا آهن. الله تعالي اهي سڀ خاصيتون ۽ صفتون پروفيسر خالد حسين چنه صاحب کي عطا ڪيون آهن، اهڙن پاڳن پري شخصيتن لاء استاد بخاري چيو آهي ته:

جو قوم جيئاري اهو جيئندو رهندو،

جو عام اجاري اهو جيئندو رهندو،
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آ،
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو.

سائين خالد حسين چنه صاحب پنهنجي منفرد ڪتابن ۾ سنڌ ۽ سگا جي 150 املهه ماڻڪ موتي ڪردارن بابت تحرير ڪري سنڌ واسين توڙي سگا جي ساٿين تي وڏا وڙ ۽ قرب ڪيا آهن. اهي سنڌ ۽ سگا جا 150 عظيم ڪردار آهن جن سگا,سنڌ ۽ سماج جي بهتري لاءِ پائيدار ۽ تعميري ڪوشش سان هڪ سونهري تاريخ رقم ڪئي. اهڙن سونهري ڪردارن بابت لکڻ تي خالد حسين چنه ڪيرون لهن.

سونهن تنهنجي سنگيت جهڙي آ،
گفتگو لوڪ گيت جهڙي آ
گفتگو ماکي به آ، مصري به آ
ڪشمش به آ
ڪل مناڻن جو مزو، تنهنجن مٺن گفتن ۾ آ.

پروفيسر خالد حسين چنه صاحب پنهنجي قلم سان رضاڪارن جي ڪم ۽ ڪردار کي وڏي پيار سان لکي، سنڌ جي تاريخ ۾ رضاڪارن جي خدمتن کي مڃتا ڏيندي، ”سنڌ جن جي ساهه ۾“ ۽ Volunteerism Above Self لکي هڪ بهترين روايت قائم ڪري احسان ڪيو آهي.

ٿورا مَ ٿورا مون تي ماروئڙن جا،
تر ۾ واري ٿورڙي تهان به گهڻيرا،
پلايون ۽ پيرا ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا.

سائين خالد حسين چنه جا سڀ ڪتاب تحقيق ۽ محنت سان مرتب ٿيل آهن.پروفيسر خالد حسين چنه صاحب هي ڪتاب لکي



سنڌ جي رضاڪارن ۾ نئون اتساهه پيدا ڪيو آهي ۽ سگا جي اڌ صدي جي تاريخ کي محفوظ ڪيوآهي. پنهنجو قيمتي وقت ڏات پيار ارپي حقيقت ۾ احسان ڪيو آهي.

”سنڌ جن جي ساهه ۾“ ڪتاب جا اسانجي سماج تي سٺا اثر پئجي رهيا آهن، خالد حسين چنه صاحب جي لکڻ جو انداز دل لڀائيندڙ آهي، سندس سگا ۽ لکڻ سان عشق، استاد بخاري جي هنن خوبصورت سٽن وانگر:

لکڻ زندگي، زندگي ڪيئن ڇڏجي،
لکڻ بندگي، بندگي ڪيئن ڇڏجي،
ڏکي ۾ ڏکيو عشق آ اکرن جو،
رکي دوستي، دوستي ڪيئن ڇڏجي.

”سنڌ جن جي ساهه ۾“ ليکڪ جي لکڻ جو انداز اثرائتو ۽ آسان آهي. ڪاوشن ۽ محنتن سان گڏ ڪيل مواد کي پڙهڻ دوران دلچسپي وڌي وڃي ٿي. نئون راهون ۽ رستا نروار ٿين ٿا، جنهن سان سماجي خدمتن جو جذبو جاڳي به ٿو ۽ وڌي به ٿو.

استاد بخاري جي سٽن وانگر:

تمنا ۾ تحريڪ موجود آ،
ترقي جي تاريخ موجود آ،
جتي آرزو آ اتي جستجو آ،
زماني جي تصديق موجود آ.

خالد حسين چنا جي لکڻ جو اهڙو وڻندڙ ڏانءُ ۽ انداز آهي جڻ ته شخصيت سامهون وينا آهن، سندن ڪم ۽ ڪردار کي ڏسي ۽ پسي رهيا هجون. سگا جي تاريخ ۾ هي پهريون دور آهي، جنهن ۾ سگا جو رهنما پنهنجن ساٿي رضاڪارن بابت سندن خدمتن کي بيان ڪري رهيو هجي. رضاڪارن جي اها خوشنصيبي آهي جو سندن سرواڻ سماجي خدمتن جو پوتاميل بيان ڪري رهيو هجي.

حقيقت ۾ ليکڪ لاءِ بہ اهو اعزاز آهي تہ هو پنهنجن ساٿين جي، پنهنجي قلم سان پچار ڪري رهيو هجي. اهو اعزاز صرف خالد حسين جي نانءُ ۽ نصيب آهي.

"سنڌ جن جي ساهہ ۾" هڪ سبق آموز ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ سگا جي ساٿين جي جدوجهد مان نئين نسل کي سماجي ڪمن لاءِ اتساهہ ملي ٿو پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب هر دلعزيز قلمڪار جي حيثيت ۽ معنيٰ خيز انداز سان هر ڪردار جي خدمتن ۽ محبتن کي شاندار طريقي سان بيان ڪيو آهي. سندس سماجي، علمي ۽ قلمي پورهيو جاري آهي. استاد بخاري جي هنن سٽن وانگر تہ:

جو ڪٿي رڪجون رفيقو، ارتقا رڪجي نہ ٿي،
زندگي جي آرزو ۾ جستجو ٿڪجي نہ ٿي،
ساٿيو! سندرا ٻڌو هلندا هلو وڌندا هلو،
پاڻ چو بيهي رهون،دنيا جڏهن بيهي نہ ٿي.

پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب سماجي خدمتن کي عبادت سمجهي ڪري ڪم ڪري رهيا آهن.خالد حسين چنہ صاحب جسم هڪ آهي پر هو هر شعبي ۾ هر ذميواري، هر رشتي ڪان ونڃي معاشري ۽ دوستن ۾ اهڙو تہ پنهنجي حصي جو ساٿ نڀائي رهيو آهي، جو لڳندو آهي تہ هر جاءِ تي الڳ، الڳ زندگيءَ جو سونهن ۽ سياءَ آهي پر حقيقت هي بہ آهي تہ هن هڪڙي زندگي ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهي، جيڪو سوين زندگي ملڻ ۾ بہ ممڪن نہ هوندو آهي. پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب قابليت جي بنياد تي گهڻ رخي شخصيت آهي. هن زندگي جي هر رخ ۾ پاڻ ملهايو ۽ مڃرايو آهي.

ڏات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي!



پروفيسر خالد حسين صاحب جتي بہ آهي، جنهن بہ شعبي ۾ آهي، جنهن بہ اداري ۾ آهي، جن دوستن، مٽن مائٽن جي وچ ۾ آهي ڀرپور آهي.

هڪ ڏات ڪي هڪ ذات مٿان ناز آهي،
هڪ طرز ڪي نئين طرز جو اعزاز آهي.

استاد بخاري جو تعارف آ،هن دور جي احساس جو آواز آهي.

اهو طئي ٿيل فطري اصول آهي تہ هر هڪ انسان، محنت، جدوجهد ۽ جذبي سان وڏو مقام ماڻي ٿو. هن ئي مقصد کي ماڻڻ خاطر انسان حسد، ساڙ، ڪيني، بغض، منافقتءَ ڀين براين کي ڇڏي، صرف ۽ صرف نيت جي پاڪيزگي سان پاڻ سچاڻ جي قائدي تي عمل پيرا ٿئي تہ پوءِ خدا پاڪ طرفان مقرر اعليٰ درجي واري منزل ماڻي سگهي ٿو. الله تعاليٰ طرفان اهڙين خاصيتن سبب پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب کي اعليٰ درجي جو رتبو عطا ڪيو آهي. پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب محنت، ڪم سان ڪم رکڻ ۽ پاڻ سچاڻ جي آئين تي عمل پيرا آهن. سچائي تي مبني چٽي راهہ تي بي خوف هلندي سمورين سنين ۽ حقيقي لذتن جو مزو، منفرد رتبو، مقام، عزت، عظمت ۽ حيثيت ماڻي چڪا آهن. سچ پچ تہ اهو سڀ ڪجهہ مسلسل محنت، ڪمئي ڪم، پاڻ سچاڻ ۽ نيڪ نيتي جو نتيجو آهي.

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاجتون.

پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب اعليٰ انتظامي صلاحيتن جو مالڪ آهي ۽ تخليقي صلاحيتن ۾ سندس هم عمر ساٿين مان

ڪو بہ ثاني نہ آهي.

پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب نازڪ ۽ نفيس طبعيت جا آهنہ ذميوارين جي ادائگي ۾ هميشہ اڳرا رهيا آهن. ذميوارين ملڻ ڪانپوءِ ذميوارين کي مڪمل ڪرڻ تائين آرام نہ ڪندا آهن. پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب سک، شانتي، سلامتي، امن خوشحالي ۽ پريت تي يقين رکندا آهن، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو مانُ هجي، انياءُ ۽ ظلم بدران انصاف، برابري ۽ پائيچاري جو ماحول پروان چڙهي. پروفيسر خالد حسين چنہ صاحب انسان ذات سان محبت، احساسن ۽ شعور جي بلند چوٽي، محبت جي رنگن ۾ رڱيل هڪ سماجي رهنما آهي. اهڙي سهڻي سياءَ رکندڙ، سماجي رهنما سگا لاءِ تاريخ ساز ڪردار ادا ڪندڙ هن محبوب رهنما سان سگا جا سڀ ساٿي گهرجا ڀاتي وانگر آهن.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ ڪيس حاسد جي حسد کان،انساني ۽ شيطاني شر ۽ نظر بد کان بچائي، صحت ۽ سلامتي عطا فرمائي جيئن پاڻ پنهنجي علم ۽ ڏات سان سگا ۽ سنڌ جي خدمت ۽ شعور جي منشور سان خدمت ڪندا رهن.

هون تہ هر ماڻهوَ پئي موتين مٽيا،
پر جيڪي سنڌ ڄڻيا تنهنجو مٽ ڪينڪي.



## سچ ٿا مست چون،
## ڪنهن کي وٽي نہ وٽي

عبدالرسول سومرو

جهان جي خالق ۽ منهنجي پالڻهار جو اعليٰ شان جنهن انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو ۽ مالڪ سائين انسان کي بي شمار نعمتون عطا ڪيون. مالڪ ڪجهہ بندن کي وڏيڪ نعمتن سان نوازيو،ڪن کي بخت تہ ڪن کي تخت، ڪن کي نيڪ صورت، ڪن کي نيڪ سيرت، ڪن کي عمده تحرير تہ ڪن کي عمده تقرير وغيره جون نعمتون عطا ڪيون. يقينن پروفيسر خالد حسين چنا انهن الله جي خوش نصيب بندن ۾ شامل آهي.

ڪجهہ مهينا اڳ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن المعروف سگا پنهنجي وجود جي اڌ صديءَ پوري ڪئي، سگا جي 50 سالن جي تاريخ تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ ڪيترن مجبورين ۽ مشڪلاتن جي هوندي بہ بي لوث ساٿين پنهنجي ڪردار سان انصاف ڪيو. يقينن تنهن ڪري سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) شاندار تاريخ جي مالڪ آهي.

پروفيسر خالد حسين چنا پهريون پيرو سڀ کان وڏيڪ ووٽ کڻي سگا جو سيڪريٽري تعليم بڻجي مرڪز ۾ داخل ٿيو، هي وڏو ذهين ۽ محنتي ۽ بردبار، ارڏو، نوجوان آهي. اهو تڏهن مون کي معلوم ٿيو جڏهن مان هن کي ويجهي کان ڏٺو، چاڪاڻ تہ مان هن سان گڏ سگا مرڪز جي ڪابينا ۾ شامل هئس.

چنا صاحب جي ڪم ڪرڻ ۾ وڏيون مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون پر هن ان جي باوجود هن سڱا ۽ روشن تارا اسڪولن ۾ نواڻ آندي.

"سرجيس تہ سور، سامايس تہ سک ويا".

جڏهن چنا صاحب سيڪريٽري جنرل ٿيو تہ تڏهن بہ هن کي اهڙيون مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون پلئي پيون. واقعي جيڪو ڪم ڪندو تہ مشڪلاتون تہ اينديون. اها ئي حقيقت آهي.

جِيئَن جِيئَن تَپي ڏِينهُن، تِيئَن تِيئَن تاٽي پَنڌَ ۾.

پوءِ بہ هن جي ڪارڪردگي شاندار، هن وڏي محنت ۽بهترين صلاحيتن سان سڱا جي 50 سالن جي تاريخ گڏ ڪئي. محنت ان حوالي سان تہ رڪارڊ وڪريل، پنو پني ڪان ڌار سو بہ دز ۾ پر پوءِ بہ نہ رڳو هن چار ڪتاب "Volunteerism Above Self"، "سڱا اتهاس"، "سڱا الماس" ۽ "سنڌ جن جي ساھ ۾" ڏنا. نہ رڳو هن ڪتاب لکي وساريل ۽ گنام سڱا جي ساٿين کي ياد ڪيو پر هن سڱا جي تاريخ بابت ڪارنر قائم ڪئي ۽ دستاويزي فلم ٺاهي سڱا جي تاريخ محفوظ ڪئي. حقيقت ۾ هي چنا صاحب جو اسان ڪارڪنن تي وڏو احسان آهي.

چنا صاحب ثابت ڪيو آهي تہ ارادو پختو هجي ۽ مقصد سچو هجي تہ منزل ڏانهن ويندڙ راھ ۾ ڪابہ شئي رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي سگهي.



# پنهنجي پاران

## پروفيسر خالد حسين چنا

شڪر الحمدلله سڀ ساراهون ۽ تعريفون ان خالق ڪائنات ۽ مالڪ ڪي سونهن ٿيون، جنهن مون ڪي علم جي ڏياٽي هٿ ۾ ڏيئي لکڻ جي هن لمحي تائين رسايو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي تاريخ تي، ڇهين ڪتاب آڻڻ جو موقعو ڏنو ۽ اعزاز بخشيو.

الله تعالي جنهن ڪان جيڪو ڪم وٺي، اهو قادر جو ان مٿان ڪرم آهي. آئون پاڻ ڪي ان معاملي ۾ بيحد خوش نصيب ٿو سمجهان تہ سڱا سٽ جي ڏات ڏٽين ۽ صاحب حيثت ماڻهن ۾ الله تعاليٰ هن تاريخ سرجڻ لاءِ مون ڪي چونڊيو ۽ اعزاز عطا ڪيو. رب پاڪ مون ڪي پڙهيو ويندڙ ۽ پيار ڪندڙ ساٿين جي جهجهي تعداد سان پڻ نوازيو آهي ۽ بلند حوصلا بہ عطا ڪيا آهن.

"هن دل جون چا ٻڌايان ڪولي مان يار ڳالهيون!!!!"

بهرحال مون پنهنجي وت ۽ وس آهر پائيدار تعميري ترقي جي محنت هر حال ۾ جاري رکي آهي ۽ جاري رکندس. انشاءَ الله

"سڱا اپياس" سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 50 سالن جي پڄاڻي تي سڱا رضاڪارن لاءِ گولڊن جوبلي جو بهترين دستاويزي ۽ خبصورت تحفو آهي. هن ڪتاب جو مقصد سِڱا جي سماجي ڪمن ڪي اجاگر ڪرڻ، سڱا جي امُلھ ڪردارن جي خدمتن ڪي نمايان ڪرڻ ۽ رضاڪاريت ڪي هٿي ونرائڻ آهي. "سِڱا اپياس" ڪتاب ڪي ٻن حصن ۾ رکيو ويو آهي. پهرين حصي ۾ سڱا جي مختصر تاريخ ڪي بابن يا دورن ۾ ورهائي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سڱا اپياس ڪتاب جي تسلسل ۾ هڪ ٻيو ڪتاب ترتيب ڏئي رهيو آهيان جنهن ۾ مون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ بحيثيت سيڪريٽري جنرل سڱا، هر هڪ متحرڪ شاخ جي ڪوشش ڪري 2019ع ۽ 2020ع جي ڪارڪردگي ڪي

سهيڙي تاريخي رڪارڊ جو حصو بڻايو آهي. ”سِگا اپياس“ حقيقت ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ جي هڪ رٿا جو تسلسل آهي. هن کان اڳ ۾ ”سگا اتهاس“ ڇپايو ويو آهي. جنهن ۾ 1972ع کان 2021ع تائين مرڪزي عهديدارن جو رڪارڊ آهي. 1977ع کان وٺي 2020ع تائين مختلف شخصيتن کي ڏنل ايوارڊن جو تفصيل آهي ۽ سِگا پاران ڇپايل ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي. اهڙي طرح ٻيون ڪتاب ”سگا الماس“ ڇپايوويو، جنهن ۾ 1976ع کان سگا طرفان ٿيل سال وار ڪنوينشنن جو مڪمل رڪارڊ آهي، هر هڪ شاخ جي 1976ع کان 2021ع تائين صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين جا نالا آهن. ٽيون ڪتاب ”سگا شهدادڪوٽ جي مختصر تاريخ ۽ ڪارڪردگي“، چوٿون ڪتاب ”سنڌ جن جي ساهه ۾“ ۽ انگريزي ۾ لکيل پنجون ڪتاب ”Volunteerism Above Self“ سڀ سگا جي شاندار ماضي جو بهترين رڪارڊ آهن. اميد ته ساٿي سگا جي تاريخ کي پروڙڻ لاءِ سيئي ڪتاب پڙهندا.

”سگا اپياس“ ڪتاب کي بهتر بڻائڻ ۾ سموريون ڪوششون ۽ محبتون منهنجن پيارن دوستن محترم مشتاق علي لنڊ، محترم حيدر بخش هڪڙو ۽ پروفيسر بخش علي چانڊيو صاحب جون شامل آهن.

سچ پچ ته انهن دوستن جي اتساهه ۽ همت افزائيءَ سبب آءٌ هي ڪتاب لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. سگا جي اهم ڪردارن جن ۾ سگا پنوعاقل جي ساٿي سائين انور علي سيال صاحب، سِگا جي سيڪريٽري تعليم، محترم پيرل خان ڪوسو، سگا شهدادڪوٽ جي صدر ڊاڪٽر عبدالستار وڏو صاحب، جنرل سيڪريٽري پروفيسر فدا حسين جوٽيجو صاحب، سگا ڦلجي اسٽيشن جي احمد حسن جاويد پنهور صاحب، سگا گهوٽڪي جي ساٿي سيد علي رضا شاهه صاحب، سگا مورو جي ساٿي وزير فرهاد سولنگي صاحب ۽ سگا



ڪشمور جي متحرڪ ساٿي فقير محمد زمان دايوصاحب جن جو نهايت ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا،
تر ۾ واري ٿورڙي ٿهان پيي گهٽيرا،
پلايون ۽ پيرا ڳٽي ڳٽيندس ڪيترا.

آءٌ پياري امام علي ڏيتي، حزب الله شاهاڻي، خادم سيلري ، اشرف لاريب، قربان پنيري، ۽ پارس چنا جن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب ۾ معلومات گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ انهن جو به ٿورائتو آهيان جن تعاون نه ڪري مون کي پنهنجي مقصد جي ڪاميابي لاءِ مضبوط بڻايو.

سگا جي تاريخ تي پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ڪتاب آهي. يقينن هن ڪتاب ۾ اجان وڌيڪ گنجائش آهي، سگا جي هر سرگرمي ۽ سگا جي هر اهم ڪردار تي ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ڪافي ڳالهيون رهجي ويون هونديون، جيڪي مختلف مجبورين سبب پوريون نه ٿي سگهيون هونديون. يا هن ڪتاب جو حصو نه ٿي سگهيون هونديون. پر ”سگا اپياس“ وانگر ڪيترائي ڪتاب لکڻ گهرجن. سنڌگريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي تاريخ جا مختلف پهلو اجاگر ڪري رضاڪارن کي همٿائڻ گهرجي ۽ ايندڙ وقت لاءِ راهه هموار ڪجي.هي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي، جنهن ۾ سنڌ، سِگا ۽ سِگا جي ساٿين سان محبت جو اظهار آهي. اميد ته هي ڪوشش قبول پوندي.

محبت پائي من ۾رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهائيو.

قاسم آباد، حيدرآباد
07 آگسٽ 2022ع
khalidchanno@yahoo.com
03030241969

# سِگا اپياس



سگا جو پهريون ڏهاڪو

## سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن
## جي بنيادي ڏهاڪي جو اپياس
(1972ع — 1982ع)

سڀ ساراهون ان مالڪ کي سونهن، جنهن هن دنيا جا حسين منظر عطا ڪري، انسان کي اشرف المخلوقات ڪري خلقيو آهي. خلقڻهار پنهنجي مخلوق لاءِ بيحد مهربان ۽ ڪار ساز آهي. الله تعاليٰ ڪجهه انسانن تي ايترو ته مهربان هوندو آهي، جو انهن کي چونديندو ئي پنهنجي مخلوق جي خدمت ڪرڻ لاءِ آهي.

" انسانيت جي خدمت عبادت آهي."

چوندا آهن ته پيار سان پيار پيدا ٿئي ٿو. دل ڏيئي دل وٺي آهي."منا گهر، ته گهران" رب پاڪ به پنهنجي عبادت ۾ ذڪر کي افضل ۽ ياد کي مشروط ڄاڻايو آهي، پوءِ انسان جيڪڏهن انسانيت جي ڀلي ۽ هن ڪائنات جي سک، ڌرتيءَ جي چين ۽ امن لاءِ، انسانذات کي پيار ڪري، خدمت ڪري ۽ انسانذات جي لاءِ ڪم اچي ته يقينن سچي ۽ سهڻي جيون جو مزو ماڻيندو آهي. سندس دل صحيح طور تي روحانيت ڏي پڻ راغب ٿيندي آهي. ڏنو وڃي ته ديني عبادتون ته ايمان جي اجارڻ لاءِ آهن، پر انسانيت جي گڻن کي اپنائڻ، انسانيت جي خدمت ڪرڻ سان اندراجري اوجل ٿو ٿئي .

هڪ حديث پاڪ جو ترجمو آهي ته: "توهان ۾ چڱو اهو آهي، جيڪو ٻين لاءِ فائديمند ۽ ڀلائيءَ وارو آهي."

انسانيت جي ڪم ايندڙ، نيڪ قول ۽ فعل وارا ڪم جاري رکندڙ صدقي وانگر هميشہ قائم رهندڙ آهي.

هڪ انگريزي چوڻي آهي تہ:

Virtue is its Own Reward.

OR

It is always time to do good.

نيڪيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر نہ آهي. انسانيت جي ڪم اچڻ عبادت کان افضل ۽ هن دنيا جي وڏي ۾ وڏي خدمت آهي. جڏهن ”هيءَ دنيا مانجهانديءَ جو ماڳ آهي“ تہ پوءِ اسين ڇو هتي هميشہ رهڻ جو ٿا سوچيون!!؟ زندگيءَ ۾ڪٿراڳ وڌائي ٻي ڇينيون ۽ ڪلفتون ٿا حاصل ڪيون...!!

الله تعاليٰ وقت ۽ حالات تحت پنهنجي مخلوق جي خدمت ۽ ان لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ لاءِ سبب جوڙي، اهو ڪم الله لوڪ انسانن کان ڪرائيندو آهي. مان سمجهان ٿو الله تعالي جنهن انسان مان وڌيڪ خوش ٿئي ٿو، ان ۾ انساني خدمت جو جذبو پيدا ڪري ان کي نيڪ ڪم لاءِ چونڊيندو آهي.

## سگا جو هڪ خيال کان هڪ تحريڪ تائين وارو سفر

1972ع ۾ اهڙي ئي نيڪ ڪمن جي شروعات ڪندڙ خوشنصيبن ۾ محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب ۽سندس ساٿي شامل هئا. اهي سڀ ساٿي اعليٰ تعليم يافتہ، نيڪ نيت ۽ انساني محبت ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار هئا. انساني خدمتن ۽ حالات جي سفرجو پس منظر،پيش نظر ڪجھ هن ريت آهي تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي قائم ٿيڻ جا بنيادي ڪارڻ 1970ع دوران آيل تبديلين مان اڀريا. پهرين جولاءِ 1970ع تي ون يونٽ ٽٽو ۽ صوبا بحال ٿيا.



ون يونٽ جي خاتمي سبب ڪراچيءَ ۾ سنڌ سرڪار جو پنهنجو سيڪريٽريٽ قائم ٿيو، جنهن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ پاسي لاهور کان سمورو سنڌي عملو موٽي آيو تہ ٻئي پاسي سنڌ جي اندرين علائقن کان ڪيترائي ماڻهو اچي ڪراچي پيڙا ٿيا. انهيءَ نئين صورتحال، ڪراچي ۾ سنڌي آفيسرن ۽ سندن ڪٽنبن لاءِ رهائش ۽ تعليم جا وڏا مسئلا پيدا ڪري وڌا.

هن درد، تڪليف ۽ پيڙاءُ، درد دل رکندڙ انسان دوست ڏرين کي پريشان ڪري، غور ۽ فڪر ڪرڻ تي مجبور ڪيو. اهو صحيح آهي تہ: ”ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.“ ڪيترائي ڏينهن سڄاڻ شخصيتن طرفان غورۓ فڪر ڪرڻ کان پوءِ نيٺ 1972ع ۾ هٿين خالي ۽ انساني خدمتن جي جذبن سان سرشار چند ساٿين سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو بنياد وڌو. اهي ڪيترين ئي گڏجاڻين ۽ غور فڪر بعد ان نتيجي تي پهتا تہ سنڌ جي ڏکن، دردن ۽ اهنجن جي نجات جو واحد وسيلو ۽ حل تعليم آهي، جنهن ڪري سگا جو پهريون مقصد تعليم طئي ڪيو ويو. اها بہ مڃيل حقيقت آهي تہ قومن جي ترقي ۽ بقا جي ضمانت تعليم آهي.

ٻيو مقصد سماجي ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ طئي ٿيو ڇاڪاڻ تہ جيستائين ماڻهن ۾ سماجي شعور نہ ايندو، تيستائين ماڻهو پنهنجا سماجي، تعليمي ۽ سياسي مقصد بہ نہ سمجهي سگهندو تنهنڪري سگا هڪ غير سياسي ۽ غير مذهبي جماعت آهي جنهن جا ميمبر گهڻي ۾ گهڻ گريجوئيٽ آهن.

سگا جي ڪم جي شروعات تعليم کي بهتر ۽ سٺي لاءِ عام ڪرڻ، ۽ پنهنجي پرائمري اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ کان شروعات ٿي. ايسوسيئشن جي اڳواڻن طرفان تعليم جي حوالي سان سندن ڪاوشن، همتن ۽ جذبن جو هڪ مثال بيان ڪندس جيڪو مون کي حوصلو بخشيندو آهي. سگا جي باني پنهنجن

يادگيرين ۽ تقريرن ۾ به ٻڌايو ته: ”موڪل جي ڏينهن تي سڀ ساٿي ملي اسڪولن جي مالڪي ۽ گهرجن کي پورو ڪرڻ خاطر شهر ۾ چندو به ڪندا هئا سون. هڪ ڏينهن هڪ دڪاندار وٽ وياسون، کيس ٻڌايو پر هو هڪ ٽڪ اسان کي ڏسندو رهيو، اسان وري چيو ته ان اسڪول ۾ اوهان جا ٻار به پڙهندا. هن طنز سان عجيب جواب ڏنو ته مون کي ٻار پڙهائي اوهان وانگر پنائڻا ڪو نه آهن.“ اسان عجيب ڪيفيت سان سندس دوڪان تان لٿاسون ۽ هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳاسون. چانهن پيئڻ لاءِ هوٽل تي وياسون. سنڌيءَ جون چوٽيون درست آهن ”لوڪ ٻوڪ آ“ پر نوجوان ۽ آفيسر اهڙا رويا برداشت ڪري سماجي سفر ۽ مقصدن ماڻڻ جي مشن کي جاري رکيو. ائين سگا پنهنجي شهر، ڳوٺ کي سڌارڻ جي تحريڪ تي پهتي ۽ اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي وئي.

**سگا جو بڻ بنياد:**

ساٿين جون گڏجاڻيون مختلف هنڌن تي ٿينديون رهيون. هڪ اوائلي دستاويز موجب 2 اپريل 1971ع تي ڪيفِ نيويارڪ ۾ هڪ گڏجاڻي ڊاڪٽر سليمان شيخ، شمشيرالحيدري، سائين بخش عباسي، مراد علي جوڻيجو ۽ حاڪم علي پٿو وچ ۾ ٿي. جنهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي هلائڻ لاءِ هڪ عبوري انتظامي ڪاميٽي ٺاهي وئي.

جناب شمشيرالحيدري کي سيڪريٽري جنرل ۽ جناب سائين بخش عباسي کي خزانچي نامزد ڪيو ويو. ڊاڪٽر محمد سليمان، جناب مراد علي جوڻيجو ۽ حاڪم علي پٿو کي مشاورتي ڪائونسل جا رڪن مقرر ڪيو ويو. 1971 سال ملڪي سياسي ڪشمڪش ۾ رهيو ۽ جماعت ڪو خاص ڪم نه ڪيو. 4 جون 1972ع تي جناب سائين محمد بخش شاهاڻي جي صدارت ۾ ائسوسيئيشن جون پهريون چونڊون ٿيون. جنهن ۾ صدر جناب



محمد بلال سيال، نائب صدر جناب شمشيرالحيدري، جنرل سيڪريٽري جناب ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري جناب سائين بخش عباسي، مالي سيڪريٽري جناب بخش علي لاکو ۽ اطلاعات سيڪريٽري جناب محمد صالح شيخ صاحب جن چونڊيا ويا. سگا جي سماجي ڀلائي جي ڪمن جو پهرين ڏهاڪي ۾ ڀرپور بنياد پيو. 1972ع جا صرف 55 رضاڪار 1982ع ۾ چار هزار ٿيجي ويا.سگا ڪراچيءَ مان وڌي ڏهن سالن اندر سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ سگا جون 52 شاخون قائم ٿي ويون. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڪم ڪار جو دائرو صرف تعليم، صحت، ادب، ثقافت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي شعبن تائين محدود ڪونهي پرعورتن جي ترقي ۽ خوشحالي، عام پڙهيل لکيل جي روزگار جا مسئلا، مطلب ته سنڌ جي آئيندي جا مسئلا به ايجنڊا هيٺ رهيا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي بانيڪارن بزرگ ساٿين پر امن خوشحال سنڌ جي قيام لاءِ بي لوث خدمتون ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. سگا جي اصولن تحت رضاڪارن جي ذهنن جي آبياري ڪئي آهي. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، علم جي روشني ڦهلائڻ، ڪاهلي ۽ سستي کي دور ڪرڻ، محبت ۽ امن جو پيغام ڦهلائڻ جا اصول سيکاريا آهن .

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي بانيڪارن مان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ 1972ع کان وٺي 1979ع تائين جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ 1983ع جي جولاءِ تائين سگا جا چيئرمين رهيا. جڏهن ته 1972کان وٺي مسلسل 1983ع تائين سگا جا ماليات سيڪريٽري محترم بخش علي لاکو صاحب رهيا باقي ٻيا عهديدار تبديل ٿيندا رهيا جن ۾ بلال سيال، شمشيرالحيدري، سائين بخش عباسي، محمد صالح ميمڻ، فضل الله قريشي، الله بچايو ميمڻ، مختيار احمد مغل، محمد نظر ميمڻ، ڊاڪٽر شريف ميمڻ، ڊاڪٽر خان

محمد پنهور، تاجل بيوس، تاج جويو، نظام الدين سومرو، ولي محمد روشن ۽ پروفيسر اعجاز قريشي صاحب ۽ ٻيا هئا. سندن ايام ڪاريءَ ۾ هر حوالي سان ايسوسيئشن ترقيءَ جون راهون طئي ڪرڻ ۾ نمايان رهي.

سنڌ ۾ خصوصي طور تي تعليم، ادب ۽ سماجي جاڳرتا لاءِ سگا جي ڪيل خدمتن جي پهرين ڏهاڪي ۾ ڪافي ڪم ڪيا ويا جن جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو.

## سنڌ ۾ تعليم جو واڌارو، سگا جو خاص مقصد:

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي اجلاس ۾ 1972ع ۾ هڪ تعليمي سب ڪاميٽي ناهي وئي، جنهن 1973ع ۾ڪراچي ۽ ويجهي پسگردائيءَ جي 38 ڳوٺن جي سروي ڪئي، جنهن مان خبر پئي ته ڪراچي جي ڳوٺاڻي آبادي کي پاڻي، بجلي ۽ تعليم کان خاص طرح ۽ ٻين سهولتن کان عام طرح ڏنو وائنو محروم رکيو ويو آهي.

پنجويهه ميل پري وارين نين آبادين کي شهري آبادي ڄاڻائي انهن کي هر سهولت ڏني وئي پر وچ شهر جي ڳوٺن کي Rural Area ڄاڻائي انهن کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪيو ويو. سگا هڪ جامع رپورٽ تيار ڪري واسطيدار آفيسرن ۽ حڪومت سنڌ وٽ جمع ڪرائي.

1974ع ۾ ڪراچي ۾ سنڌي اسڪولن متعلق هڪ جاچ ڪاميٽي ناهي وئي. جنهن جي رپورٽ تعليم جي وزير ڏانهن موڪلي وئي. ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۾ ٽيل ڊانڊلين تي حڪومت سان لکپڙه ڪئي وئي. ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن لاءِ پاليسي متعلق حڪومت کان گهر ڪئي وئي ۽ هڪ



مفصل رپورٽ ناهي سنڌ حڪومت جي تعليم جي وزير وٽ پيش ڪئي وئي.

سگا جي ساٿين 2 مارچ 1975ع تي ٺٽي ضلعي مان نڪتل ڪوڙن ڊوميسائيلن ۽ سرٽيفڪيٽن تي احتجاج ڪيو. پهرين مئي 1975ع تي ڪراچي ۾سرڪار طرفان نهنڌڙ فليٽن ۾ سنڌي ملازمن لاءِ ڪوٽا مقرر ڪرڻ لاءِ لکپڙهه ڪئي وئي. ساڳي ئي سال ۾ ڪراچي جي ڳوٺ گل محمد لين واري سنڌي اسڪول کي زوريءَ اردو ميڊيم اسڪول ۾ بدلائڻ خلاف لکپڙهه ڪئي وئي.

18 جنوري 1976ع تي علي پائي آڊيٽوريم ۾ سگا جي هڪ گڏجاڻي جي آجياڻي جو خطاب ڪندي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ تقريب جي مهمان خاص حڪومت سنڌ جي وزير تعليم، ثقافت ۽ منصوبابندي محترم پيار علي الانا کي مخاطب ٿيندي چيو ته ڪراچي ۾ سنڌي پرائمري اسڪولن جي مالڪي ڪئي وڃي. انهن کي بنيادي سهولتون ۽ استاد ڏنا وڃن. حڪومت طرفان سنڌي ڪتاب ڇپايا وڃن ۽ ڪراچي ۾ هڪ سنڌي ڪتابن جي لائبريري قائم ڪئي وڃي. بند پيل رسالن تان بين ختم ڪيو وڃي ۽ سنڌي اديب شاعر ۽ بيقصور پڙهيل لکيل سنڌي جيلن مان آزاد ڪيا وڃن. سنڌي پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي ۽ نوڪرين ۾ سنڌي نوجوانن سان انصاف ڪيو وڃي. پاڪستان ڪوارٽرز ۾ رهندڙ ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي. ڪي ڊي اي ۽ ڪراچي ميٽرو پول ۾ محنت ڪش سنڌي ماڻهن کي پلاٽ ڏنا وڃن ته جيئن اهي ڪراچي ۾ رهي پاڻ پرا ٿين ۽ پنهنجي ٻچن کي تعليم ڏئي سگهن.“

## لطيف شناسي، سگا جي ايجنڊا تي:

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سرواڻن اهو سمجهي ورتو هو ته قوم جي معمارن کي لطيف شناسي ضريعي محبت ۽

امن جا درس سمجھائي سگھجن ٿا. سنڌي ٻولي بچائي سگھجي ٿي ۽ پنھنجي وطن سان محبت پيدا ڪري پنھنجن ماڻھن جي خدمت ڪرڻ جھڙا جذبا پيدا ڪري سگھجن ٿا. تنھن ڪري سگا پنھنجي ھر محفل ۽ پروگرام ساڱا جا بيت ۽ وايون عام ڇوائيندا آھن. اپريل 1977ع ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر ڪراچي ۾ ”يوم لطيف“ پروگرام جي آجياڻي جي تقرير ڪندي، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ خاص مھمان سنڌ حڪومت جي وزير اطلاعات ۽ روينيو جناب مير ھزار خان بجاراڻي سان مخاطب ٿيند چيو تہ:

”شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي محبت ۽ امن واري بيتن کي عام ڪري سنڌ جي ثقافت کي عام ڪجي. شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي حياتي ۽ ڪلام تي منحصر ڪتابن کي سموري ٻولين ۾ سنڌ جو اطلاعات کاتو شايع ڪرائي. شاھ عبداللطيف جي عرس مبارڪ جي موڪل سڄي سنڌ ۾ ڪئي وڃي.“ شاھ لطيف انٽر ڪاليجئيٽ سنڌي مباحثو 1978ع ۾ ٿيو جنھن ۾ سپاس نامو پيش ڪندي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ مھمان خاص ڊاڪٽر رشيد احمد شاھ سيڪريٽري تعليم سنڌ سرڪار سان مخاطب ٿيندي چيو تہ ”سنڌ ۾ تعليم جو مسئلو اھم آھي. سنڌ ۾ تعليم بالغان جا مرڪز قائم ڪري تعليم عام ڪئي وڃي. سنڌ جي اسڪولن ۾ بنيادي سھولتون نہ آھن. ڪراچي ۾ سنڌي ٻولي جا ماھر استاد پرتي ڪيا وڃن. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جو ھڪ اسٽال ڪراچي ۾ بہ قائم ڪيو وڃي. اين جي وي سنڌ جو تاريخي اسڪول آھي. اتي تعليم لاءِ خاص ڪوششون ونڻ گھرجن ۽ اسڪول مان ٻيون آفيسون منتقل ڪيون وڃن. اسڪول جي صفائي جو خاص خيال رکڻ لاءِ بندوبست ڪيو وڃي. سنڌ جي يونيورسٽين ۾”لطيف چيئر“ قائم ڪئي وڃي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شاھ عبداللطيف ڀٽائي



جي محبت ۽ امن واري راھ کي سنڌ لاءِ اھم سمجھي ٿي. شاھ عبداللطيف جي بيتن کي پڙھيل لکيل ماڻھن لاءِ عام ڪجي.“

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن 1978ع کي شاھ لطيف سال قرار ڏنو. حيدرآباد، ميرپورخاص، ٽنڊو آدم، ٽنڊوالھيار، سڪرنڊ، بدين، ڪنڊيارو، سکر، ڀٽ شاھ، اسلام آباد، پشاور، ملتان ۽ ٻين ھنڌن تي لطيف ڪانفرنسون منعقد ڪرايون. شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي پيغام کي عام ڪيو ويو.

تعليم جي واڌاري جي سلسلي ۾ سگا جي مختلف شاخن پاران پنج اسڪالرشپ جاري ڪيون ويون. جن مان بہ لاڙڪاڻي شاخ پاران چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، بہ ڪراچي شاخ پاران سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۽ ھڪ بدين شاخ پاران لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري جي شاگردن کي جاري ڪيون ويون. ان کان سواءِ شڪارپور شاخ سال 1979ع دوران 12 اسڪولي شاگردن کي ٻارن جي عالمي سال جي سلسلي ۾ ھڪ سال لاءِ اسڪالرشپون جاري ڪيون. موري شاخ پاران شادي خان ڏيلو ۾ پرائمري اسڪول لاءِ 2 ڪمرا، ھالا شاخ پاران مسلم اسڪول ھالا ۾ 3 ڪمرا ۽ ٽنڊو آدم شاخ پاران مبارڪ ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول لاءِ ھڪ ڪمرو تعمير ڪرايو ويو. ان کان سواءِ مورو، ھالا نوان ۽ ھالا پراڻا ۾ پرائمري اسڪولن ۾ پڪا فرنيچر ۽ ٽڏي پاڻيءَ جو انتظام ڪيو ويو. ان کان سواءِ شاگردن جي رھنمائيءَ لاءِ مددي ڪلاس ٽنڊوڄام، جھڏو ۽ ٽنڊوآدم ۾ شروع ڪيا ويا.

مورو ۾ مھراڻ ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي سھڪار سان روشن تارا اسڪول 1978ع کان ڪم ڪري پيو ۽ 1980ع کان شڪارپور شاخ پاران پڻ روشن تارا اسڪول شروع ڪيو ويو. ھي اسڪول سنڌي ميڊيم ڪي جي پرائمري اسڪول ھئا. اھڙا ٻيا اسڪول ڪراچي، بدين حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ھالا ۾ پڻ شروع

کيا ويا. هنن سيني اسڪولن جو انتظام ائسوسيئيشن پنهنجي مدد پاڻ کيو جي اصولن تي ڪيو.

**مرڪزي اعليٰ نوڪرين جي امتحان CSS جي تياري:**

1976ع کان حيدرآباد ۾ مرڪزي اعليٰ ملازمتن جي امتحان CSSجي تياريءَ لاءِ مددي ڪلاس ڪرايا ويندا هئا. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي گوئٽي سينٽر ۾ پڻ سگا طرفان سي ايس ايس جا ڪلاس هلايا ويا. سيد محمد علي شاهه، شهزادو شيخ صاحب، فضل الله قريشي صاحب ۽ ٻين ساٿين قومي فرض سمجهي خوب نڀايو. ڪيترائي شاگرد سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري ويا.

**سنڌ تعليمي ڪانفرنس ۽ ٻالڪ ميلو:**

25اپريل 1980ع تي حيدرآباد ۾ سگا پاران ڪُل سنڌ تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي برک تعليمي ماهرن، تعليم کاتي جي عملدارن، اديبن، دانشورن سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ ماهرن جي پينلن بيحد ڪمائتيون سفارشون ڪيون، جيڪي حڪومت کي پيش ڪيون ويون.

سال 1979ع کي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان ”ٻارن جو تعليمي سال“ ڪري ملهايو ويو. هن سلسلي ۾ 16 نومبر 1979ع تي پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾”ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو“ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن جا تقريري، عام معلومات، موسيقي ۽ چترڪاريءَ جا مقابلا ڪرايا ويا. هن ۾ سڄي سنڌ مان اٽڪل 136 اسڪولن جي 300 کن ٻارڙن مقابلي ۾ حصو ورتو ۽ سوين ٻار ميلي ۾ شريڪ ٿيا. مختلف اسڪولن پنهنجا اسٽال لڳايا. ان کان سواءِ ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، نصرپور، جهڏو، پٽ شاهه، هالا، ٽري ميرواهه، شڪارپور ۽ اسلام آباد ۾ به ٻارن جا ميلا لڳايا ويا، جيڪي بيحد ڪامياب ٿيا. ادبي ڪيتر ۾ شاهه لطيف جي پيغام کي



عام ڪرڻ لاءِ 4 ڪتاب شايع ڪيا ويا. جن مان ”لطيفي لاٽ“ ۽ ”جرٽر تک تنوار“ سنڌيءَ ۾، ۽ ”فليم ۽ فليوٽ“، ”لطيف پوئٽ آف آل ٽائمز“ انگريزيءَ ۾ آهن. ٻارن لاءِ ”شاهه جو رسالو“ پڻ ڇپايو ويو.

سگا 1980ع کي ”صحت جو سال“ ڪري ملهايو، جنهن جو ذڪر مضمون حصو ٻيو ۾ ايندو. سال 1981ع کي سگا ”سنڌي ساهت جو سال “ ڪري ملهايو.

سگا جي ساليانو ڪنوينشن جي افتتاحي تقريب سکر ۾ 16 اپريل 1982ع تي منعقد ٿي جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ چيو ته سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جا رضاڪار پنهنجي مدد پاڻ تحت زنانا ۽ مردانا بالغن جي تعليم ۽ هنرن جا مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺن. ڳوٺن جي اسڪولن جي ضرورتن جي سروي ڪن ۽ انهن جي بهتري لاءِ ڪوششون وٺن.

سگا جا رضاڪار بيروزگار ڳوناڻن کي هنرن جي تعليم ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن. پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪتاب گهر ۽ اپياس گهر قائم ڪري تعليم کي عام ڪن چاڪاڻ ته تعليم سان ئي بهتر تبديلي اچي سگهي ٿي. مطلب ته هر اهو ڪم جيڪو ڳوناڻن ۾ سڌريل زماني جي جاڳرتا آڻي، ڪين بهتر سهولتون مهيا ڪري.

**سگا طرفان ڪراچي ۾ ايڪسپو سنڌ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڪراچيءَ ۾ سڄي سنڌ جي شهرن جي رضاڪارن ۽ ٻين ادارن جي مدد سان هڪ يادگار نمائش لڳائي. ايڪسپو سنڌ نالي لڳندڙ نمائش جا ڪافي بهترين نتيجا نڪتا. سال 1981 ۾ 23 جون کان 26 جون تائين ڪامياب ميلو لڳايو جنهن ۾ سنڌ جي موروثي ۽ تاريخي هنرن جي نمائش جو بندوبست ڪيو ويو.

هالا مان ڪاڏيءَ جو ڪپڙو، پرٽ، جنڊي ۽ ڪاشيءَ جو

سامان، سنڌي زيور، رليون، نڪر جا ٿانو، رسمي هٿيار، ڪتابن، قلمي نسخن، ڪيسيٽن جا اسٽال ۽ ڪاڌي پيتي جا اسٽال لڳايا ويا ها. هي نمائش ملڪي توڙي غير ملڪي ماڻهن جي نگاهن جي مرڪز رهي. اهڙي طرح سگا بين الاقوامي سنڌي ٻولي ڪانفرنس ۾ پڻ نمائش لڳائي ۽ مختلف وقتن تي سنڌ جي هنرن ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پروگرام ڪرايا آهن.

**سگا روزگار بيورو:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن وقت حالتن موجب پنهنجي ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ شروع کان ڪوشان رهي آهي. سگا جي سرواڻن جتي تعليم جي بهتري لاءِ اپاءَ ورتا اتي نوجوانن کي اهليت جي بنياد تي نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ پڻ مددگار رهي آهي. سگا 1978ع کان ايمپلائيمينٽ بيورو قائم ڪيو جنهن جو چيئرمين جناب اسد الله ڪيڙوءَ سيڪريٽري جناب محمد حسن عاقلاڻي ميمڻ رهيا. جڏهن ته ميمبرن ۾علي احمد چانديو، ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ، اشفاق احمد ميمڻ ۽ پروفيسر اعجاز احمد قريشي هئا. روزگار بيورو تمام سٺو ڪم ڪيو ۽ ڪيترائي سال سگا اهو ڪم ڪندي رهي. پوءِ سگا آئين ۾ ترميم ڪري سيڪريٽري روزگار مقرر ڪيو جيڪو باقائده نوجوانن کي نوڪري تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو. نوجوانن سان لکپڙه ڪندو هو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو مقصد واضح آهي ته پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تي سماج جي تعمير ڪجي. اهو ڪم ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن عملي طرح سان مڙني رخن کان مسلسل پنهنجي محنت سان حدف جي حاصلات ۽ سماجي سفر کي وقت ۽ حالات موجب ڪاميابيءَ سان جاري رکيو آهي ۽ مجتا جا شرف ۽ اعزاز حاصل ڪري رهي آهي.



مختصر طور تي لکجي ته سگا جا پهريان ڏهه سال تنظيم سازي جا هئا، جنهن دوران ماليات تي محترم بخش علي لاکو ۽ سيڪريٽري جنرل يا چيئرمين تي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ رهيا. سگا پنهنجي مدد پاڻ تحت سماجي ۽ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ٻاهريون ڪو به پراجيڪٽ نه ورتو. سگا جا رضاڪار ۽ عهديدار تعليمي ۽ سماجي مسئلن جي واسطيدار اعليٰ عملدار ڏانهن ڀرپور لکپڙه ڪندا هئا. مظبوط انگ اکرڪني ڪري حڪومت جي پاليسين تي اثرانداز ٿيندا هئا. سگا جي ساٿ ۾ تيزي سان پڙهيا لکيا، باشعور ۽ نوڪري پيشا ساٿي شامل ٿي، خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. ماڻهن کي پنهنجي حقن جو شعور ڏيڻ ۽ خدمت کي عبادت سمجهي سچائي سان سگا جو پر امن ترقي يافته سنڌ جي قيام وارو خواب کڻي اڳتي وڌڻ سان سگا رضاڪارن بابت خدشا ۽ خطرا اجايا محسوس ٿيا.

# سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي پابنديءَ دوران ڪارڪردگيءَ جو اپياس 1983_1988ع

اسلامي جمهوريہ پاڪستان پنهنجي تاريخ جو هڪ اهم سنگ ميل پار ڪري رهيو آهي. پاڪستان ۾ هيستائين ڪل چار مارشلائون لڳي چڪيون آهن، جنهن جو ڪل حڪومتي دور ٽيٽيهن سالن کان مٿي آهي. ملڪ ۾ آمريت جي تاريخ هن ريت رهي آهي. پهريون جنرل ايوب خان جو آمريتي دور8 آڪٽوبر 1958ع کان 25 مارچ 1969ع تائين هو. جيڪو ڏهہ سال پنج مهينا 3 ڏينهن تائين هليو. ٻيو جنرل يحيٰ خان جو دؤر 25 مارچ 1969ع کان 1971ع تائين هو، جيڪو 2 سال 9 مهينا ۽ 6 ڏينهن هو. ٽيون جنرل ضياءَ الحق جو آمريتي دؤر هو، جيڪو 5 جولاءِ 1977ع کان 17 آگسٽ 1988ع تائين هليو ۽ 11 سال هڪ مهينو ۽ 11 ڏينهن رهيو. چوٿون جنرل پرويز مشرف جو دور هو جيڪو 12 آڪٽوبر 1999ع کان 2008ع تائين هو. جيڪو 9 سال تائين هليو. هر دور تي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ لکڻ گهرجي چاڪاڻ تہ قومن جي اڏاوت، واڌ ويجهہ ۽ ترقي جي سيني شعبن ۾ تقاضائن پٽاندڙ تعميري رٿائن جي تڪميل لاءِ علم، ڄاڻ ۽ ڪوجنا هاڪاري روين، جوش جذبي ۽ همت ڀرين ارادن جي ضرورت آهي تہ اتي ماضيءَ کان پلي پت روشناسيءَ ۽ تاريخي ورثي جي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ اُپاءَ وٺڻ جي واقفيت بہ ضروري آهي. سگا جا ساٿي تہ ان عمل جو حصو آهن پر انهن ڌرين جي لاءِ سگا بابت ڄاڻ لکڻ ضروري آهي، جيڪي غلط فهمي يا ڪنهن خوش فهميءَ ۾ هيسائڻ جي روش رکن ٿا تہ اهي سگا جو حقيقي پس منظر سمجهي آئينده سماجي



ادارن جي اوسر ۾ رنڊڪ نہ وجهندا پر اچا بہ اعتماد ڪري سماجي سرگرمين ۾ ڀانهن ڀيلي ٿيندا.

سگا جي انهن املهہ ڪردارن کي خراج عقيدت بہ پيش ڪرڻ ضروري آهي، جن وقت ۽ حالات سان منهن ڏيئي سماجي خدمت جي نظريئي کي ساپيان ڪيو. سگا جا نوجوان نوان گريجوئيٽ ساٿي تاريخ کان سبق بہ سکي وٺندا.

تاريخ جي تصويري آئيني ۾، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جو تصور "پرامن ترقي يافتہ سنڌ جو قيام آهي." ۽ سگا جا اصول (1) پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ (2) غفلت ۽ ڪاهلي کي پڃاڻڻ.(3) محنت ۽ امن جو سنيهو پکيڙڻ. (4) علم جي روشني ڦهلائڻ آهن.

سگا جي رضاڪارن کي اندروني ۽ بيروني، جسماني ۽ نفسياتي طور سنڌ لاءِ عبادت جي حد تائين خدمت ڪرڻي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي تاريخ مسلسل جدوجهد جو نہ ختم ٿيندڙ داستان آهي. سگا جا بي لوث رضاڪار 1972ع کان وٺي هر ڏکيائي هوندي بہ سماج جي بهتري لاءِ جستجو جاري رکندا تا اچن.

تمنا ۾ تحريڪ موجود آ،<br>
ترقيءَ جي تاريخ موجود آ،<br>
جتي آرزو آ، اتي جستجو آ،<br>
زماني جي تصديق موجود آ.

**سگا، پابندي جي پڄري ۾**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 50 سالن جي تاريخ جو مطالعو ڪندي خبر پوي ٿي تہ: "سگا جو 1983ع کان 1988ع تائين جو دور انتهائي اهم ۽ ڏکيو دور آهي." چاڪاڻ تہ ان دور ۾ گورنمينٽ نوڪري ڪندڙ سگا جي ميمبرن تي سگا ۾ ڪم ڪرڻ

تي پابندي وڌي وئي. جنرل ضياءَ الحق اڻ سڌي طرح سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن تي پابندي لڳائي، سماجي خدمتن کي هڪ ڪاپاري ڌڪ هنيو هو. سگا سماجي خدمتن جا مشڪل سان شروعات جا 10 سال پورا ڪيا هئا. سنڌ جي بي پهچ ماڻهن جي خدمت جي ڪري سگا رضاڪارن تي شڪ ڪري سختيون ڪيون ويون. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ سنڌ نالي هجڻ تي به وفاقي سرڪار ناراض هئي ۽ سگا تي مڪمل پابندي پئي هڻڻ چاهي پر سماجي ڪمن ڪرڻ تي ظاهري طور تي پابندي نه پئي لڳي سگهي. ڇاڪاڻ جو سگا رجسٽرڊ ويلفيئر آرگنائيزيشن آهي. پر سگا جي هر ڪم تي سختيون ڪيون ويون. سماجي ڪمن تي به ان وقت جي سرڪار ناراض تي پئي، حالانڪ سگا بنا رنگ، نسل مت ڀيد ۽ قوميت جي هر ماڻهوءَ جي خدمت پئي ڪئي آهي. لاڪيٽي لطيف سائين جي هن بيت موجب:

روزو نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو بيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي.

حڪومت وقت جا ڪارندا، سگا رضاڪارن پاران ڳوٺن ۾ لڳايل صحت جي ڪئمپن تي به ناراض ٿيا ۽ ڪين تنبيهه ڪيائون ته اهي ڪئمپون دراصل ٻيلن ۾ لڪيل ڌاڙيلن جي علاج ڪرڻ واسطي ڪرايون پيون وڃن. سگا جي مفت ڪئمپن تي اجايو الزام سراسر غلط هو. سگا جا رضاڪار خدمت خلق کي عبادت سمجهي پنهنجو ڪم هر تڪليف جي باوجود جاري رکندا آيا. سگا جا رضاڪار انساني خدمت جي جذبي سان سرشار هئا، ڪنهن به صورت ۾ سماجي خدمتن تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا،سندن ارادا اٽل هئا. يقينن اهو سگا جي ساٿين مٿان وڏو امتحان هو. اهو دؤر مارشلا جو سخت دؤر هو، ڪوڙا، جيل سختيون روز جو



معمول هئا. سگا تي ٽيڪس پڻ لاڳو ڪئي وئي جيڪا بعد ۾ جناب ممتاز ڪلهوڙي جي ڪوشش سان ختم ٿي.

1983ع ۾ سرڪاري ملازمن سگا جي ميمبر شپ تان مجبورن استعيفائون ته جمع ڪرايون پر سگا سان لاڳاپيل رهيا. ساٿين جي رهنمائي ڪندا رهيا. اڄ ۽ تاريخ ان وقت جي بي لوث ۽ بهادر سگا جي رضاڪارن کي سلام پيش ڪريون ٿا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ خدمتون ڏيندڙ نوڪري پيشه آور طبقي حڪومت جي سخت حڪمن تي عمل ڪندي، سگا جي ميمبرشپ تان استعيفائون ڏنيون. سگا مرڪز ڪان وٺي سگا جي شاخن، هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي ساٿين استعفائون جمع ڪرايون. تنظيمي خال پيدا ٿيو. تنظيم ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر وڪيل ۽ صحافي ساٿين سگا جا عهدا سنڀاليا ۽ رضاڪارن کي گڏ ڪٽي هلڻ جون ڪوششون ڪيون. سگا مرڪزي آفيس ۾ اچڻ به جوکي ڪان گهٽ ڪونه هو. ان دور ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو تنظيمي مواد ۽ رڪارڊ ئي سنڀالي رکڻ ڏکيو هو.

پر "اجان کي آهين، ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي"

**سگا جي ساٿين جا حوصلا اجان بلند**

سگا جي هيڊ آفيس رمپا پلازا ڪراچي ۾ اڪثر ڪري سرڪار جا ماڻهو جاچ تي ايندا هئا. سلام آهي سائين حيدر بخش هڪڙو کي جيڪو سگا جي آفيس جو ڪم ڪار هلائيندو هو. هر سيڪريٽري جي خطن جا جواب لکندو هو. پڇا ڪندڙ نئين ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته "مان صبح جو برٿ جو ڪم ڪندو آهيان ۽ شام جو پارٽ ٽائيم ڪندو آهيان." سگا آفيس ۾ اين جي وي اسڪول جي ٻارن کي ٽيوشن پڻ پڙهائي ويندي هئي. آفيس ۾ بورڊ پڻ لڳل هوندو هو. استاد الله رکيو سومرو ۽ استاد محمد علي شاهه موجود

هوندا هئا. سرڪار جا ماڻهو ايندا ۽ جاچ رکندا هئا. اهو دور ڏاڍو ڏکيو هو. سگا جو ڪم ڪار هلائڻ، خط، نياپا موڪلڻ ۾ حيدر بخش هڪڙو جو وڏو ڪردار هو. ان وقت جي سگا جي تاريخ ماڻهن جي سيني ۾ پري پئي آهي ته ڪيئن هڪ رضاڪار جوکو کڻي، ڪيتريون قربانيون ڏئي سماجي ڪم جاري رکندا هئا. هڪ دفعي ڪچهري ڪندي سائين حيدر بخش هڪڙي ٻڌايو ته هن جو پروموشن جو ليٽر آيو ته هو 17 گريڊ ۾ ڪراچي کان ٻاهر اداري ۾ وڃي پڙهائي. هن اهو پروموشن نه ورتو ڇاڪاڻ ته سگا آفيس کي روز سنڀالڻو هوندو هو. ڪراچي کان ٻاهر وڃي نوڪري ڪرڻ هن لاءِ ممڪن نه هو. حيدر بخش هڪڙو جو سگا سان، سنڌ سان عشق هو ۽ آهي. هن پنهنجي زندگي سگا لاءِ ارپي ڇڏي آهي. اهڙا ٻيا به ڪيترائي گمنام ڪردار سنڌ جي هر شهر ۾ هئا، جن سگا ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪيو. انهن سڀن جا نالا لکڻ ممڪن ڪونهن پر انهن سڀن عظيم رضاڪارن کي سلام پيش ڪجي ٿو.

**پابندي دوران سگا جو تنظيمي ڪم ڪار:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي املهه ماڻڪ موتيءَ تاريخ سازڪردارن، چيئرمين محترم اسد الله ڪيڙو صاحب، محترم بشير احمد مورياڻي صاحب، محترم برڪت علي چوهاڻ صاحب ۽ سيڪريٽري جنرل محترم جمال الدين دائود پوٽوصاحب، محترم محمد صديق ڪاڪا صاحب، محترم منير احمد چانڊيو صاحب، محترم ممتاز علي ڪلهوڙو صاحب ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن کي سلام پيش ڪجي ٿو جن هر حال ۾ سگا جو تنظيمي ڪم ڪار جاري رکيو ۽ وقت جي جابر ۽ آمر کي مات ڏني. هي خوبصورت سٽون سندن نانءُ ڪجن ٿيون.



هون ته هر ماڻهو پئي موتين مٽيا،
پر جيڪي سنڌ ڇٽيا تنهنجو مٽ ڪينڪي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي مهندارن ۽ رضاڪارن لاءِ اهو دور تمام ڏکيو دور هو. پر انهن هر حال ۾ تنظيم کي جاري رکيو ۽ اعليٰ عملدارن تائين سگا جو اصل مقصد پهچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. سگا جي رضاڪارن هر الزام جو جواب ”خلق جي خدمت“ ڪرڻ سان ڏنو. شيخ اياز جون خوبصورت سٽون آهن ته:

مون ذات انوکي آندي آ،
ٿي تند وڙهي تلوارن سان،
ٿا پاري تنهنجا برج لڏن،
تون هيٺو آ هٿيارن سان.

1984-85ع ۾ سگا چيئرمين محترم اسد الله ڪيڙو صاحب سان گڏ مرڪزي عهديدارن ۾ محترم نظام الدين سومرو صاحب (وائيس چيئرمين) محترم عبدالستار ڪيڙو صاحب (وائيس چيئرمين) محترم محمد صديق ڪاڪا صاحب (سيڪريٽري جنرل) محترم گل پير بخش شيخ صاحب (سيڪريٽري ماليات) محترم ڊاڪٽر انور عالماڻي صاحب (سيڪريٽري صحت) محترم برڪت علي چوهاڻ صاحب (سيڪريٽري ثقافت) هئا جڏهن ته محترم غلام فاروق مورياڻي صاحب، محترم علي محمد ميمڻ صاحب، محترم احمد علي چانڊيو صاحب، محترم محمد حسن پناڻ صاحب ۽ محترم نظر محمد ميمڻ صاحب شامل هئا.

سگا جا ساٿي سماجي خدمتن کي سعادت ۽ عبادت سمجهي منظم انداز سان ڪم ڪندا آيا، جنهن ڪري سگا سنڌ جي واهڻن، ستين، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پنهنجي رضاڪارن جي ذريعي سنڌ جي تعليم، صحت

سميت هر مسئلي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. سنڌ جا باشعور پڙهيا لکيا ماڻهو سگا کي ان ڪري به موٽ ڏين ٿا ڇاڪاڻ جو سگا هڪ غير سياسي ۽ غير مذهبي جماعت آهي جيڪا صرف ۽ صرف سماجي خدمتن تي يقين رکي ٿي.

سڄي سنڌ ۾ تنظيمي عهديدارن جي ردو بدل ٿي. ڪافي شاخن نالي ماتر ڪم ڪيو ۽ ڪي بند ٿي ويون. بهرحال ان جي باوجود به سگا جون خدمتون جاري رهيون. ڪافي ساٿين ساڳي طرز تي ٻيون ننڍيون وڏيون تنظيمون ٺاهي خير جو ڪم جاري رکيو. سگا جي ساٿين ”سنڌ ڪلچرل ويلفيئر سوسائٽي“ نالي تنظيم ٺاهي به ڪم ڪار ڪندا هئا. سگا جي پروگرامن جي اجازت ملڻ مشڪل هوندي هئي. ان ڪري اڪثر پروگرام سنڌ ڪلچرل ويلفيئر سوسائيٽي جي نالي هيٺ ٿيندا هئا. سگا گهوٽڪي جي ساٿين ”لطيف ويلفيئر ائسوسيئيشن“ ناهي ڪم جاري رکيو.سگا جا ڪنوينشن ۽ ساليانيون گڏجاڻيون جاري رهيون.

محترم جمال الدين صاحب ان وقت هلال پاڪستان جو سب ايڊيٽر هو، جيڪو صرف 3 سال اڳ سگا جو ميمبر ٿيو هو. 1983ع ۾ هن کي هنگامي طور سيڪريٽري جنرل جي ذميواري سونپي وئي.جمال الدين صاحب ٿورو وقت رهيو پوءِ ڪجهه سببن ڪري ڳوٺ هليو ويو ۽ پنهنجي ذميواري جاري نه رکي سگهيو. پوءِ سيڪريٽري جنرل محترم محمد صديق ڪاڪا صاحب کي بڻايو ويو جيڪو پڻ صحافي هو. ان وقت سگا جو چيئرمين اسدالله کيڙو صاحب هو. کيڙو صاحب هڪ زميندار هو ۽ وڪالت جي ڊگري رکندڙ باشعور پڙهيو لکيو ماڻهو هو.

هن سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ان ڏکئي وقت ۾ تنظيم کي جاري رکيو. مرڪزي اڳواڻن ميمبرن کي هر حال ۾ هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ ۽ سماجي خدمتون جاري رکڻ لاءِ نه صرف



چيو پر پاڻ به سڄي سنڌ ۾ رضاڪارن سان ملندا رهيا ۽ ساٿين کي همٿائيندا رهيا .

**جمع ڪلينڪ جو نئون تصور:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جمع ڪلينڪ جو هڪ خوبصورت خيال ڏنو. نوڪري پيشہ ماڻهو جمع ڏينهن مفت آس پاس ڳوٺن ۾ وڃي ڪئمپون لڳائيندا هئا. جيڪي تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيون.

سگا جي ساٿين مختلف هنڌن تي مفت طبي ڪئمپون لڳايون جن ۾ ڳوٺ الهڏنو ساند، ڳاڙهي وارو راهوجا، ڳوٺ نانو ملاح، ڳوٺ مجيد ڪيريو، نئوديرو، پٽ شاهه، نور محمد شجراع، ٽنڊو عالم خان، مئو نکر ڳوٺ، بگوديرو شهدادڪوٽ، ٽنڊو باگو، ڳوٺ هاجاڻو شڪارپور ۽ هنگورجا شامل هئا.

ٽنڊو محمد خان ۾ جمعو ڪلينڪ قائم ڪئي وئي، جتي هر جمعي تي مسڪين ماروئڙن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو.

سگا مرڪز طرفان سگا ايمبولينس سروس شروع ڪئي وئي.

ڳوٺ درساڻو چنو ۽ سيوهڻ ۾ اکين جون ڪئمپون لڳايون ويون. ان کان علاوه سگا شاخن جا دورا ڪيا ويا ۽ رضاڪارن کي سماجي خدمتن لاءِ اتساهيو ويو. تنظيم کي هر حال ۾ ڪم جاري رکڻ لاءِ رابطاڪاري تيز ڪئي وئي ۽ سگا جي گڏجاڻين تي زور ڏنو ويو.

**پابندي دوران سگا جي سالگره:**

سگا جي يارهين سالگرهه 28 جولاءِ 1984ع تي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي، جنهن جي صدارت محترم محمد ابراهيم

جويو صاحب ڪئي. ان موقعي تي سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ مختلف شعبن جي ماهر ماڻهن کي ايوارڊ ڏنا ويا. سڳا جي رضاڪارن کي تمغا ۽ حسن ڪارڪردگي جون سندون ڏنيون ويون. سيڪريٽري جنرل سڳا محمد صديق ڪاڪا صاحب کي ابراهيم علي ڀائي آڊيٽوريم ڪراچي ۾ سڳا جو ميوزڪ پروگرام ڪرائڻ تي، ڪورٽ ۾ ڪيس سان منهن ڏيڻو پيو جيڪو هن بهادري سان منهن ڏنو ۽ ڪيس ختم ڪرايو.

**سڳا جو سيوهڻ ۾ ٿيندڙ يادگار ڪنوينشن:**

سال 87-1986ع دوران ٿوري وقت لاءِ سڳا جو چيئرمين محترم بشير احمد مورياڻي صاحب رهيو. محترم قربان علي ارباب صاحب (وائيس چيئرمين) محترم غلام اڪبر اونو صاحب (وائيس چيئرمين) محترم منير احمد چانڊيو صاحب (سيڪريٽري جنرل) محترم گل پير بخش شيخ صاحب (سيڪريٽري ماليات) محترم نظر محمد پٽي صاحب (سيڪريٽري روزگار) ڊاڪٽر محمد سليمان سولنگي صاحب (سيڪريٽري صحت)محترم صديق ڪاڪاصاحب (سيڪريٽري اطلاعات) محترم برڪت علي چوهاڻ صاحب (سيڪريٽري تعليم) محترم فاروق حسين لانگاه صاحب (ايسوسيئيٽ سيڪريٽري) هئا جڏهن ته محترم محمد هاشم ميمڻ صاحب، محترم عبدالسميع شيخ صاحب، محترم غلام محمد ميمڻ صاحب، محترم اسد الله ڪيڙوصاحب، حترم عبدالغفار لغاري صاحب ۽ محترم فتاح عابد صاحب جن ميمبر مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي رهيا .

منير احمد چانڊيو صاحب به سڳا جو هڪ بهادر ۽ بي لوث سيڪريٽري جنرل ٿي گذريو آهي. هو به هاءِ ڪورٽ جو نامور



وڪيل هو ۽ اڪثر ڪري مزدورن جا ڪيس وڙهندو هو. هو وڏي علم ۽ تقوي وارو هڪ عظيم انسان آهي.

منير احمد چانڊيو صاحب هڪ تنظيم "سک پريت" به ٺاهي ۽ زبردست ڪم ڪيا. هو بهترين ليکڪ پڻ آهي ۽ هن مسلسل سنڌ جي مسئلن تي اخبارن ۾ لکيو. منير احمد چانڊيو صاحب ڪيترا ئي سنڌي ڊراما لکيا آهن. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو هڪ متحرڪ ۽ سحر انگيز ڪردار آهي. منير احمد چانڊيو صاحب سڳا ساٿين کي جنرل ضياء الحق جي دور ۾ گڏ رهڻ ۽ مشڪلاتن کي مڙسي سان منهن ڏيڻ لاءِ اتساهيندو هو.

سڳا جو ڏهون سالياني ڪنوينشن 10 مارچ 1986ع سيوهڻ ۾ ٿيو.پاڻ خطاب ڪندي چيائون ته "سنڌي هتي جن ڏکن ۽ بيمارين ۾ ڦاٿل آهن، ان جو اندازو هر ڪنهن کي آهي. انهيءَ مانار کي ٽوڙڻ ۽ ڏاڍاين کي ختم ڪرائڻ لاءِ هر ڪوئي شخصي طور تي ۽ گڏيل طريقي سان به سوچي رهيو آهي پر انهن رٿن ۽ خيالن کي گڏ ڪري گڏجي عمل ڪرڻ لاءِ ڪوئي تيار نه ٿو ٿئي."

مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نه ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نه تنوارين،
هيڏا هاجا ٿين بري هن پنيور ۾.

اکيون ڪلن ٿيون ۽ ڊگهي نظر ٿي ڪجي ته ڇا ڪهرام آهي! توهان جون ۽ اسان جون سادگيون، البيلايون ۽ بيوسيون اسان کي ۽ اوهان کي ڪيڏانهن گهلي رهيون آهن.

"وقت جي گهرج آهي ته اسين پاڻ ۾ ٻڌي ڪريون، پنهنجو بچاءُ ڪريون، پنهنجا ذاتي اختلاف وساري ۽ ذاتي مفادن کي پوئتي ڦٽو ڪري، انسانيت جي خدمت لاءِ پاڻ پتوڙيون ۽ مسڪين سانگيئڙن جي سکن لاءِ جفاڪشي ۽ عزم سان اڳتي وڌون، نه ته ڏاڍي دير ٿي ويندي. اوهان کي خبردار ڪيون ٿا ته سنڌ کي نڌڻڪو

ڪري مارڻ جي سازش کي ناڪام ڪرڻو آهي.“

بشير مورياڻي صاحب به پابندي دوران سگا چيئرمين رهيو. هو ايترو متحرڪ نه رهيو. ڪجهه وقت لاءِ هو نوڪري تان معطل رهيو جنهن دوران پنهنجو قيمتي وقت سگا کي ڏنائون. نوڪري بحال ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي پروفيشنل ذميوارين ۾ مصروف ٿي ويا.

برڪت علي چوهاڻ صاحب ۽ ممتاز علي ڪلهوڙو صاحب جو دور به يادگار رهيو آهي. سال 89-1988ع لاءِ سگا چيئرمين محترم برڪت علي چوهاڻ صاحب سان گڏ مرڪزي عهديدارن ۾ محترم قربان علي ارباب صاحب (وائيس چيئرمين1) محترم غلام اڪبر اوٺو صاحب (وائيس چيئرمين2) محترم ممتاز علي ڪلهوڙو صاحب (سيڪريٽري جنرل) محترم عبدالمجيد جمالي صاحب (ائسوسيئيٽ سيڪريٽري) محترم مريد علي لاکو صاحب (سيڪريٽري ماليات) محترم امداد علي ميمڻ صاحب (سيڪريٽري اطلاعات) ڊاڪٽر محمد سليمان سولنگي صاحب (سيڪريٽري صحت) محترم امداد حسين ٻرڙو صاحب (سيڪريٽري تعليم) محترم نظر محمد پٽي صاحب (سيڪريٽري روزگار) محترم عبدالفتاح عابد صاحب (سيڪريٽري ثقافت) شامل هئا. جڏهن ته مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر محترم بشير احمد مورياڻي صاحب، محترم منير احمد چانڊيو صاحب، محترم اسدالله ڪيڙو صاحب، محترم رجب علي شاهه صاحب، محترم غلام حيدر لاکو صاحب، محترم غلام محمد ميمڻ صاحب، محترم سجادالله قريشي صاحب ۽ محترم عبدالسميع شيخ صاحب هئا.

**جمهوري دور سان گڏ سگا جي واپسي:**



سنڌ گريجوئيٽس آئسوسيئيشن جو دور تبديل ٿئي ٿو. ڪاري رات مان پرڀات نيٺ ٿئي ٿي ۽ محترمه بينظير ڀٽوصاحبه جڏهن 1988ع ۾ وزير اعظم طور چونڊجي آئي ته هن سِگا تي لڳل پابندي ختم ڪرائي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه 21 جون 1953ع تي سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ پيدا ٿي. محترمه شهيد بينظير ڀٽو صاحبه هڪ عظيم بين الاقوامي رهنما هئي، جنهن جي سياست ۽ زندگي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هن سٽ کان مختلف نه هئي ته:

”مون سين هلي سا، جا جيءُ منو نه ڪري“

شهيد محترمه بينظير صاحبه جي سياسي زندگي توڙي جدوجهد ملڪ توڙي دنيا جي روشن خيال ماڻهن لاءِ عالم آشڪار رهي آهي.

سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير پير مظهر الحق ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر برک قانون دان سيد ديدار حسين شاهه هڪ قرارداد پيش ڪري سگا تان پابندي هٽائڻ جي گهر ڪئي جيڪا قرار داد سنڌ اسيمبلي پاس ڪئي، جيڪا وفاق کي پاليسي موجب اماڻي ويئي، جتان شهيد راڻي بندش ختم ڪرائي سماجي خدمتن جاري رکڻ ۾ سگا جي ساٿين جي عزت افزائي ۽ همت افزائي فرمائي. سگا جون سماجي سرگرميون صدقه جاريه آهن، جنهن جو ثواب کيس ملندو رهندو. بندش ختم ٿيڻ سانسنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي رضاڪارن ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ٿيو. اهي وڌيڪ متحرڪ بڻيا. سگا صحت جون ڪيترين ئي ڪئمپون لڳايون جن ۾ ڊرب مهر شاهه، هالا، سيوهڻ شهر شامل آهن. رضاڪارن جي مستقل مزاجي ۽ خدمت کي عبادت سمجهي محنت ڪندڙ ساٿين کي، محترمه شهيد راڻي جي ٿورن سان الله تعالي تاريخي ڪاميابي عطا ڪئي ۽ اونده رات جي پڄاڻي ڪئي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هڪ نئين دور جي شروعات ڪئي. اهڙي طرح ظاهري طور تي استعفيٰ ڏنل ساٿي ۽ اڳواڻ وري ظاهري طور سرگرم ٿي سگا جي ساٿ ڪي سگهارو ڪيو. چاڪاڻ تهڏڪي وقت ۾ صحافت ۽ وڪالت سان واسطورکندڙ سگا ساٿين ڪي پابندي دوران اڳيان ڪري سگا جي ڪم ڪي جاري رکيو ويو هو. نہ صرف اهو پر سنڌ جي جهر جهنگ ۾ گهٽ پڙهيا يا اڻ پڙهيا ڌرتي سان پيار ڪندڙ پڻ سگا جي سماجي ڪمن ۾ گڏ هوندا هئا. چاڪاڻ تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هڪ خيال جو نالو آهي جنهن جو مرڪز غريب مسڪين ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي. ان ڪري سگا جي رضاڪارن تي رب پاڪ جي خاص رحمت آهي ۽ سگا جي خير جو ڪم هر حال ۾ جاري ۽ ساري آهي.

(سگا جي ادبي ۽ ثقافتي اوٿر وارن انهن 15 سالن (1989ع کان 2004ع) جو اپياس، جنهن ۾ نيشنل ۽ انٽرنيشنل ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون منعقد ٿيون.)



# سچل ڪانفرنس کان
# شاهہ سچل ۽ سامي
# بين الاقوامي امن ڪانفرنس تائين

(1989ع — 2004ع)

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پنهنجي قيام 1972ع کان وٺي سماجي خدمتن ۽ سنڌ ڪي درپيش مسئلن جي حل لاءِ مختلف مرحلا طئي ڪندي آئي آهي. سنڌ ڪي پرامن ترقي يافتہ بڻائڻ لاءِ هر ممڪن پائيدار ۽ تعميري ڪوششون ڪندي آئي آهي. سنڌ جي تعليم، صحت، ٻولي، ثقافت ۽ غربت مطلب تہ هر محاذ ۽ موڙ تي پنهنجو تاريخي ۽ شاندار ڪردار ادا ڪندي آئي آهي.

سگا تنظيمي گڏجاڻين، غريب ۽ مسڪين ماروئڙن لاءِ ڏورانهن علائقن ۾ صحت ڪئمپن، سجاڳي، ترقي، شعور ۽ وقت موجب مسئلن ڪي اجاگر ڪرڻ بابت مختلف سيمينار ۽ روشن تارا اسڪولن کان علاوه بہ هر سال ڪائونسل جي گڏجاڻين ۾ هر هڪ سال ڪي ڪنهن اهم ڪم ۽ اسم ڏانهن رجوع ۽ مختص ڪري ان جي سڄو سال هر هنڌ، شهر، ڳوٺ، واهڻن ۽ وستين ۾ پرچار ڪندي آئي آهي، جنهن سان هڪ عڪس جڙي پيو۽ ان عڪس مان هڪ سوچ پيدا ٿئي پئي، ان سوچ جا سماج تي مثبت ۽ تعميري اثر ٿي رهيا آهن.

سنڌ سونهاري بزرگن، ولين ۽ صوفين جي سر زمين آهي، جن هميشہ امن، محبت، خدمت، پيار ۽ پريت جو درس ڏنو آهي.

**سچل جي ساجاهہ سگا جي ايجنڊا تي.**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سندن پيغام ڪي عام ڪري،

سماجي قدرن وڌائڻ لاءِ سال 1989 ڪي سچل سرمست جو سال ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو، ان ڪان اڳ ۾ سگا شاندار طريقي سان، لطيف سال (1978)، ٻارن جو سال (1979)، صحت جو سال (1980)، سنڌي ساهت جو سال (1981)، ڳوٺ سڌار سال (1982) ملهايا ويا هئا.

ڳوٺ سڌار سنگت جو الڳ سان بنياد وجهي، ان جو مستقل بنيادن تي هلايو ويو جنهن جو مهندار ڊاڪٽر خان محمد پنهور هو. ڳوٺ سڌار سنگت جون ڪاوشون قابل تعريف آهن. خان محمد پنهور آخري دم تائين ڳوٺ سڌار سنگت ۾ شاندار خدمتون ڪري پاڻ ملهايو. سنڌ جي ڳوٺن کي مثالي بڻائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو ۽ ڪوششون ڪندو رهيو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو 1989ع کان 2004ع تائين وارو دور هڪ پر وقار، شاندار ۽ تاريخي دور تي گذريو آهي، جنهن ۾ سگا نئين جوش جذبي ۽ ولولي سان منظم ۽ مستحڪم بڻي.

**بين الاقوامي سچل ڪانگريس جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سال 1989ع کي حضرت سچل سرمست سان منسوب ڪري، سگا بين الاقوامي سچل ڪانگريس منعقد ڪرائي. سگا سڄي دنيا ۾ انسانيت، سنڌيت، پيار، محبت، امن، چين، ترقي ۽ خوشحالي جو پيغام ڏنو. جيئن سچل سائينءَ جو هي بيت آهي:

سدا هئن سڪيا، ماروئڙا ته ملير ۾،
شل نه ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي.



حضرت سچل سائين سيني انسانن کي پيار ۽ محبت سان گڏجي رهڻ جو درس ۽ پيغام ڏنوآهي.

وقت اها تي ويل، دوئي دورڪرڻ جي،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان تئي اويل، اولهه سج نه الهي.

ڇهن سالن جي پابندي کان پوءِ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن طرفان بين الاقوامي ڪانفرنس نه صرف سگا رضاڪارن ۾ اتساهه ۽ ولولو پيدا ڪيو، پر سگا جي ناماچاري سنڌ توڙي ڏيهه پرڏيهه ۾ هڪ اداري طور وڌي. ڪانفرنس ۾ ورهاڱي کان پوءِ پارت مان سنڌي سنڌ اچي رهيا هئا. اها ٻنهي ملڪن لاءِ وڏي ڳالهه هئي.

سگا جي بي لوث رضاڪارن جي مسلسل محنت ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي ۽ جدوجهد، سگا کي دنيا ۾ هڪ بهترين اداري طور نروار ۽ نمايان ڪيو. سگا جا ساٿي ان لاءِڪيرون لهن.

سگا جا بهادر رضاڪارسماجي خدمتن ۽ سنڌ امڙ سان محبتن جي موٽ ۾ وهم ۽ گمان سبب اجايا الزام برداشت ڪري به بي لوث خدمتون ڪندا رهيا. 1983ع کان وٺي سگا رضاڪارن ڪافي تڪليفون ڏنيون. ائين پئي لڳو ڄڻ ته سماجي ڪم ڪرڻ گناهه هجي يا ملڪ دشمن ڪم هجي پر سگا جا رضاڪار ثابت قدم رهيا.

الله ڏاهي م تيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

رب پاڪ جي فضل و ڪرمسان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ ڪم ڪرڻ جو خوف ۽ ڏهڪاءُ وارو دور ختم ٿيو. شڪ،گمان وهمن ۽ اجاين الزامن جي دور جي پڄاڻي ٿي.

محترمه شهيد بينظير ڀٽو صاحبه 1988ع ۾ حڪومت ۾ اچڻ سان ئي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۾ سرڪاري نوڪري

کندڙ رضاڪارن تان بندش ختم ڪئي. اهڙي طرح الله جي فضل سان سڄي سنڌ مان سنڌ جي باشعور پڙهيل لکيل ماڻهن سڳا ۾ ڀرپور شموليت ڪئي .

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان 1989ع ۾ ڪوٺايل ”بين الاقوامي سچل ڪانگريس“ سڳا جي سماج سڌارڪ فڪر ۽ سماجي جاڳرتا جي حوالي سان يقينن تاريخي حيثيت ۽ اهميت واري رهي. سچل سائين وطن لاءِ دعا ڪري ٿو:

”والي وسائج، دردمنديءَ جو ديس.“

محترمہ بينظير ڀٽو کي هن تاريخي ڪانفرنس ”سچل ڪانگريس“ جو افتتاح ڪرڻو هو، پر ڪجھ اڻٽر سببن ڪري سندس امڙ محترمہ نصرت ڀٽو ڪانفرنس ۾ آئي. ”سچل ڪانگريس“ ۾ ويھڪن نشستن ۽ ڪارگذارين ۾ دنيا جي مختلف ملڪن کان ساجاھ وند، عالم، اديب، شاعر ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۽ پيغام سان فڪري ۽ روحاني ڳانڍاپو رکندڙ شخصيتون سڳا ۽ سچل جي سڏ ۽ محبت واري مچ تي مڙي آيون ۽ هن ڪانگريس جي مختلف ويھڪن ۾ پنھنجا خيال، تاثرات ۽ ڪلام پيش ڪيا. هن ڪانفرنس ۾ ملڪ جي مک يونيورسٽين جا وفد شامل ٿيا. نہ صرف اهو پر شريڪ ٿيندڙ عالمن، اديبن،شاعرن ۽ وفدن کي سڳا طرفان سڄي سنڌ جو سير ڪرايو ويو. جيڪو ڪراچي کان شروع ٿيو ۽ حيدرآباد جي سنڌ ميوزيم، الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي ڪبير، مرشد عبداللطيف جي مزار ڀٽ شاھ، سونهاري سچل جي مزار، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سکر جي ساڌ ٻيلي، لاڙڪاڻو، موهن جو دڙو، شهدادڪوٽ جي ساٿين سان ملاقات، مخدوم بلاول، درگاھ حضرت لعل شهباز قلندر سيوهڻ، ڄامشورو، سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي کان ٿيندو



واپس ڪراچي ۾ ختم ٿيو. سچل ڪانگريس جي وفد جو هر هنڌ سڳا جي ساٿين گرم جوشيءَ سان،دهل،شرنائن گلن جي ورڪائن، اسڪائوٽس جي اعزازي سلامن، محبتن، تحفن ۽ مهمانوازيءَ سان شاندار ۽ تاريخي استقبال ڪيو. يادگار ميڙاڪا ۽ محفلون منعقد ڪرايون ويون. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي خدمتن ۽ سنڌ واسين جي خاصيتن کي جهر جهنگ ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر تمام گهڻي پذيرائي ملي. بين الاقوامي سچل ڪانگريس تي ٿي مختلف سفر ناما پڻ لکجي چڪا آهن. وينا شرنگي جو لکيل ”ڪچان تان ڪافر“،گوبند مالهي جو لکيل ”سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ“ ۽ سلطانہ وقاسي جو لکيل ”خوابن جو سفر“ سڳا طرفان منعقد ڪيل بين الاقوامي سچل ڪانگريس جو ڀيرائتو احوال آهي.

بين الاقوامي سچل ڪانگريس ۾ تعليمي وزير سيد غلام مصطفيٰ شاھ طرفان سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جي ترقي لاءِ ”سنڌي ٻولي جو بااختيار“ ادارو قائم ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو. هن ڪانفرنس ۾ پهريون عالمي سنڌي مشاعرو ٿيو جنهن جي صدارت شيخ اياز صاحب ڪئي.

**سڳا جون ساليانيون چونڊون (1988ع)**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جون نئون چونڊون 22 جنوري 1988ع تي ٿيون هيون، جنهن ۾ ٻن سالن يعني 1988-1989ع لاءِ جناب برڪت علي چوهاڻ چيئرمين ۽ محترم ممتاز علي ڪلهوڙو سيڪريٽري جنرل ڇٽيا هئا ۽ وائيس چيئرمين جناب قربان علي ارباب صاحب، وائيس چيئرمين (ٻيو) جناب غلام اڪبر اونو، ۽ سيڪريٽري ماليات جناب مريد علي لاکو ٿيا هئا. اهڙي طرح ٻيا ساٿي مرڪزي ڪابينا ۾ چونڊيا ويا هئا جن سيني گڏجي سڳا رضاڪارن کي سنڀاليو. انهن جي ڏک سک ۾ سار لڌي. انهن

سگا رضاڪارن کي سرگرم ڪرڻ جون پڻ ڪوششون ڪيون. سگا مٿان اجايون پابنديون لهڻ کان پوءِ سگا جا غير سرگرم ساٿي ساٿ ۾ شامل ٿيندا ويا. سچل بين الاقوامي ڪانفرنس سگا جي سرگرمين ۾ وڌارو پيدا ڪيو. هر طرف سنڌ جو باشعور پڙهيل لکيل ماڻهو قومي ڪم سمجهي سنڌي ماڻهن جي بهتري لاءِ ساٿ ۾ شامل ٿيندو ويو. سگا جون ڪيترين ئي نئون شاخون قائم ٿيون ۽ غير سرگرم شاخن وري سماجي ڪم ڪرڻ ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شاخ ميهڙ 20 جنوري 1989ع تي قائم ٿي. 2 مئي 1989ع تي روشن تارا اسڪول دادو قائم ٿيو. 29 سيپٽمبر 1989ع ۾ روشن تارا اسڪول سيوهڻ قائم ٿيو. 1989ع تي ماءُ ٻار صحت مرڪز سيوهڻ جو ڪم شروع ٿيو ۽ 1990ع جي نومبر مهيني ۾ تيار ٿيو.

**صحت جي شعبي جون سرگرميون**

صحت ۽ تعليم سنڌ جا بنيادي ۽ وڏا مسئلا رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي ته سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن صحت جي شعبي ۾سماجيخدمتون ترجيحي بنيادن تي رکيون. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جا ساٿي زميني حالتن ۽ حقيقتن کان بخوبي واقف هئا ته ماروئڙن جي مالي حالت ڏکوئيندڙ آهي، جنهنجو ذڪر لاکيٽي لطيف سرڪار ڪجهه ان ريت ڪيو آهي.

"آٽين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا"

مسڪين ماروئڙا ان غربت ۾ پنهنجو علاج ڪيئن تي ڪرائي سگهيا!!؟ شهرن تائين اچڻ، ڊاڪٽرن تائين پهچڻ،علاج ڪرائڻ، دوائون وٺڻ ۽ رهڻ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪين ممڪن ۽ هٿ وس نه هو. نتيجي ۾ اکين جي نور کان محروم ٿيندا هئا ۽ نظر هلي ويندي هئي ته الله تعالي جي آسري ويهي رهندا هئا. اهامجيل حقيقت آهي جنهن جو آسرو الله ۾ آهي ان جا ٻيڙا پار



آهن. سگا جا ساٿي سربسجود ٿي مالڪ جي شڪر گذاري سان اهو چوندي ۽ ڪندي خوشي محسوس ٿا ڪريون ته مالڪ ڪريم هن نيڪيءَ ۽ خير جي ڪم لاءِ چوندي خوشنصيبن ۾شامل ڪيو آهي. انساني خدمت جو جذبو ۽ موقعو عطا ڪري الله تعالي دلي ۽ روحاني سڪون بخشيو آهي. سگا جي ساٿين ان خدمت جي جذبي سان صحت جي شاندار سرگرمين جو سلسلو جيئن پوءِ تيئن وڌ کان وڌ جاري رکيو.

**اکين جون مفت ڪئمپون:**

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جا ساٿي درد دل رکندڙ، سماج جا خيرخواهه ۽ ساجاهه وند سماجي خدمت گذار آهن. سگا جي ساٿين پنهنجن محنتن سان ان حدف جي حاصلات کي يقيني بڻايو ته جتي غريب ۽ مسڪين علاج لاءِ نه ٿو پهچي، اتي علاج ڪندڙ خود ان غريب ۽ مسڪين وٽ پهچي ۽ سندس علاج ڪري دردن جو درمان ٿئي ۽ اهنجن ۾ گهٽتائي ڪري.

انسان الله تعالي جي حسين تخليق آهي، انسان ۾ حسين ترين حصو منهن آهي ۽ منهن ۾ حسين "اکيون" آهن. دنيا جا حسين منظر اکين جي نور سان ڏسي سگهجن ٿا. هڪ منٽ اکيون بند ڪجن! ته هي دنيا اونده، گهُٽ ۽ ٻُوسٽ ڏيندڙ محسوس ٿئي ٿي. سگا جي ساٿين ۽ سماج جي انهن رضاڪارن کي سلام آهي جيڪي اهڙيون ڪئمپون لڳائي حقيقي انساني خدمت ڪري رهيا آهن.

سگا اکين جي ڪامياب ڪئمپن سان هڪ تاريخي شاندار سونهري تاريخ رقم ڪئي آهي. سنڌ گريجوئيٽس آئسوسيئيشن طرفان سال 1978ع کان وني سال 2006ع تائين سنڌ جي 193 ننڍن وڏن شهرن، ڳوٺن ۾ اکين جون مفت ڪئمپون لڳايون. 273017

مريضن کي تپاسيو ۽ 40624 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا. (حوالو: سگا سووينئر 2006ع) سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن جي بي لوث رضاڪارن خدمت ۽ سچائيءَ سان سکڻن هٿن سان ايڏو وڏو ڪم ڪري سچ ۾ ڪمال ڪري ڪري ڏيکاريو. اکين جي مفت ڪئمپن جي شروعات سگا کان ٿي.

اکين جي ڪئمپ هڻڻ ان وقت ايترو آسان بہ نہ هوندو هو. مريضن ۽ ان سان گڏ ايندڙن جي رهائش ۽ کائڻ پيئڻ جو مڪمل بندوبست ڪرڻو پوندو هو. ماڻهو پري پري کان سگا جون ڪئمپون ٻڌي ايندا هئا.ماڻهو ويچارا غريب مسڪين نظر جي نور ملڻ سان دعائون ڪري سگا جي رضاڪارن جا ٽڪ پيجي ڇڏيندا هئا.

**چمڙيءَ جي بيمارين جون مفت ڪئمپون:**

سگا جا ساٿي وقت ۽ حالات کان ڀليءَ پت واقف آهن. جاڻ جي ان بنياد تي محسوس ڪيائون تہ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد چمڙي جي بيمارين ۾ تڪليفن ڪي منهن ڏيئي رهيو آهي. سگا جي درد دل رکندڙ رضاڪارن ان سلسلي ۾ شروع کان ئي ڪوششون ورتيون ۽ انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ چمڙي جي بيمارين جون ڪئمپون لڳائڻ شروع ڪيون. سنڌ گريجوئيٽس آئسوسيئيشن طرفان سال 1989ع کان وٺي سال 2006ع تائين سنڌ جي 223 ننڍن ۽ وڏن شهرن، ڳوٺن ۾ چمڙي جي بيمارين جون مفت ڪئمپون لڳايون. 204376 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ ضروري دوائون ڏنيون ويون. (حوالو: سگا سووينئر 2006ع) خدمتن جو اهو سلسلو جئين پوءِ تيئن وڌ آهي. سگا جا ساٿي انهن خدمتن ۾ اڳ کان اڳرا آهن.

**مفت جمع ڪلينڪ جو اپياس:**



جمع ڪلينڪ ذريعي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ مريضن کي تپاسيو ۽ دوائون مفت ڏنيون ٿي ويون. سگا جو جمع ڪلينڪ جو تصور نهايت ئي ڪامياب ويو. سنڌ جي سوين ڳوٺن ۾ جمع ڪلينڪ لڳايون ويندڙيون هيون جن ۾ سگا جي مختلف شاخن جا رضاڪار خدمتون سرانجام ڏيندا هئا. ڊاڪٽر صاحبان جمع ڏينهن موڪل هئڻ سبب جمع ڪلينڪ ۾ خدمتون ڏيندا هئا ۽ بين الاقوامي ادارو ٽرسٽ فار والنٽري آرگنائيزيشن سهڪاري رهيا هئا، جنهن مان هزارين ماڻهن فائدو ورتو. اهو سگا کي ڪنهن بين الاقوامي اداري طرفان پهريون پراجيڪٽ آهي. جمع ڪلينڪ جو باقائده رڪارڊ ملي نہ سگهيو آهي پر سگا جي سالياني رپورٽن ۾ جمع ڪلينڪ بابت انگ اکر ملن ٿا. سال 1991ع دوران 17861 مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون مهيا ڪيون ويون. سال 1992ع تائين هينئين ڳوٺن ۾ جمع ڪلينڪ قائم ڪيون ويون.

ڳوٺ ڏنو ماڇي، ضلعو شڪارپور (2) ڳوٺ ڏيٿا، ضلعو شڪارپور (3) ڳوٺ ماڇڪ، ضلعو جيڪب آباد (4) ڳوٺ نائچ، ضلعو جيڪب آباد (5) ڳوٺ گلاب ماڙي، ضلعو جيڪب آباد (6) ڳوٺ علي مردان تنيو، ضلعو خيرپور (7) ڳوٺ لعل بخش سولنگي، ضلعو خيرپور (8) ڳوٺ حاجي محمد بخش سولنگي، ضلعو نوابشاهه (9) ڳوٺ نٿو ڪيريو، ضلعو نوابشاهه (10) ڳوٺ ٽڳڙ، ضلعو لاڙڪاڻو (11) ڳوٺ ڪوڏ پاٽوجا، ضلعو حيدرآباد (12) ڳوٺ الله يار چاچڙ، ضلعو سکر (13) ڳوٺ ميون ملوڪ، ضلعو بدين (14) ڳوٺ مرزو ڏلواٽي، ضلعو بدين (15) ڳوٺ سينڌل مهيسر، ضلعو دادو (16) ڳوٺ خدا آباد، ضلعو دادو (17) ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي، ضلعو دادو (18) ڳوٺ حاجي رجب پنهور، ضلعو دادو (19) ڳوٺ پڪا چنا، ضلعو دادو (20) ڳوٺ حاجي صالح جمالي، ضلعو دادو (21) ڳوٺ سليمان ڏاهري، ضلعو سانگهڙ (22) ڳوٺ نوح پٽي، ضلعو

ٺٽو (23) ڳوٺ پٺائي آباد ضلعو ڪراچي اوپر (24) ڳوٺ خير محمد جوکيو، ضلعو ڪراچي اوپر شامل آهن.

ڪتاب "سڳا سهائي" ۾ ڏنل انگن اکرن مطابق سال 1992ع دوران انهن جمع ڪلينڪ ۾ 13834 مريضن جو علاج مفت ڪيو ويو. سال 1993 دوران 86306 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ انهن کي دوائون ڏنيون ويون. مٿيون ڪلينڪون بين الاقوامي اداري ٽرسٽ فار والنٽري آرگنائيزيشن جي مالي سهڪار سان هلي رهيو هيون. جن جو مدو 31 آڪٽوبر 1993ع تي پورو ٿيو پر ساڳي اداري طرفان 12 جمع ڪلينڪ کي ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز ۾ تبديل ڪري صحت جي سرگرمين کي جاري رکيو ويو. جڏهن ته سڳا طرفان مختلف شاخن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت جمع ڪلينڪ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ جاري رهيون.

**ماءُ ۽ ٻارُ صحت مرڪز:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان سيوهڻ شهر ۾ جمع ڪلينڪ دوران صحت جي سرگرمين کي باقائده جاري رکڻ لاءِ هڪ منصوبو ناهيو ويوجنهن تحت اميد واري ماءُ ۽ پيدا ٿيندڙ ٻار جي مڪمل صحت جو خيال شامل هو. 1992ع ۾ هن پراجيڪٽ بين الاقوامي اداري ٽرسٽ فار والنٽري آرگنائيزيشن جي مالي مدد سان هڪ شاندار بلڊنگ سيوهڻ ۾ ناهي وئي. جنهن پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ان ڪم کان متاثر ٿي ٽرسٽ فار والنٽيئر آرگنائيزاشن سڳا طرفان هلندڙ 12 جمع ڪلينڪ کي به ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز ۾ تبديل ڪري مالي سهڪار ڏيڻ شروع ڪيو. اهي صحت مرڪز باقائده نتيجا ڏيڻ شروع ٿي ويا. هر سال ڪيترن مريضن ۽ ٻارن جي صحت جي مريضن جو علاج ۽ خيال رکيو ويندو هو. سڳا جي رڪارڊ موجب آڪٽوبر 2004ع تائين سڳا طرفان 13 ماءُ ٻار صحت



مرڪز قائم ڪيا ويا، ليڪن ماليات جي اڻاٺ سبب انهن مان ڪجهه بند ٿي ويا ۽ ڪجهه هلي رهيا آهن.

**ياسمڪ ميڊيڪل سينٽر:**

سال 1993ع جي آخري مهينن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڪي سنڌ حڪومت طرفان سپر هاءِ وي نوري آباد پرسان ڪراچي کان 92 ڪلوميٽر پري قائم ڪيل هڪ بند پيل بيسڪ هيلٿ يونٽ حوالي ڪيو ويو. جيڪو 56000 چورس فٽن تي مشتمل هو.

سڳا ان تي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب جي نياڻي ڊاڪٽر ياسمين شيخ جو نالو رکيو ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر ياسمين شيخ سپر هاءِ وي تي روڊ حادثي ۾ اجل جو شڪار ٿي وئي هئي. ڊاڪٽر ياسمين ايمرجنسي ميڊيڪل سينٽر ياسمڪ علائقي ڪلو ڪوهر 1993ع کان 24 ڪلاڪ ڪم شروع ڪيو. سڳا بيسڪ هيلٿ يونٽ جي مرمت ڪرائي، دوائون ۽ ضروري عملو مقرر ڪيو ۽ باقاعدي ان سينٽر جي پرگهور لڌي. ڊاڪٽر ياسمين ميموريل ايمرجنسي ميڊيڪل سينٽر نوري آباد هر سال سڳا جي ڪنوينشن ۾ سالياني رپورٽ پيش ڪندو هو جنهن موجب هر قسم جي مريضن جو تعداد هزارن ۾ هو. هن سينٽر ۾ صرف روڊ حادثن جا مريض نه ايندا هئا پر هتي آسپاس جي صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ ڳوناٺا پڻ ايندا هئا .

سڳا سووينئر 2006ع مطابق سال 1993ع کان وٺي سال 2006ع تائين ياسمڪ سينٽر ۾ 127، 674 مريضن جو مفت علاج ڪيو ويو. روڊ حادثن دوران ڪيترن زخمي مريضن جو بروقت علاج ڪيو ويو.

**ايمبولنس سروسز ۽ 1988ع جي حالتن بابت:**

1988 ۾ لساني جهيڙن جيواقعن دوران سگا سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايمبولينس سروس شروع ڪئي. بعد وارن سالن ۾ پڻ ڪراچيءَ جون حالتون خراب رهيون. اڪثر ڪرفيو ۽ هنگامن دوران ڪيترائي ماڻهو مختلف علائقن ۾ واڙيل هوندا هئا. رضاڪار ساٿين پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي بي پهچ ماڻهن جي مدد ڪئي.

اهڙي طرح صحت جي هنگامي صورتحال ڪي بر وقت منهن ڏيڻ ۽ مدد لاءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ايمبولينس سروس پڻ شروع ڪئي وئي. محترم بخش علي لاڪو صاحب جي چيئرمين هجڻ دوران سيڪريٽري جنرل محترم مظهر الدين ميمڻ هو. ڪتاب سگا سهائي ۾ سيڪريٽري جنرل پروفيسر مظهر الدين ميمڻ صاحب رپورٽ پيش ڪندي ٻڌائي ٿو ته: ”1997ع ۾ سگا وٽ 24 گاڏيون ٿي ويون آهن جن ۾ ايمبولينس، اسڪول وين ۽ مانيٽرنگ لاءِ گاڏيون شامل آهن.“

1988ع ۾ سگا جي سيڙپ يعني اينڊومينٽ فنڊ ۾ ڪجھ ٻه رڪيل نه هو پر 1998ع ۾ 25 لک اينڊومينٽ فنڊ ۾ جمع هئا، پوءِ هر سال هر ميمبر ڪان سگا اينڊومينٽ فنڊ ونجڻ شروع ٿيو جيڪو هلندو پيو اچي.

**تعليمي سرگرميون.**

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

مها ڏاهو علامه آءِ آءِ قاضي چوي ٿو ته: ”اها قوم ئي زنده رهندي، جيڪا عظيم هستين جي، خدمتن، تجربن، مشاهدن مطالعن، تحريرن ۽ شعرن جا ڪتاب ڇپائي ٿي.“



سگا جي عظيم هستينجيڪمن،ڪارنامن ۽ خدمتن کي سهيڙڻ ۽ تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ پنهنجي وس ۽ حال آهر، پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ڏينهن رات ڪمڪريرڪارڊ محفوظ ڪري ڪتابي شڪل آڻڻ لاءِ قلم ڏڻين ڪي ڪوششون ونڻ گهرجن. آءٌ ننڍڙي ڪوشش ڪيان وينو. اهو ڪم ڪيترو ڪٺن آهي ۽ ڪهڙن ڪنڊن ڀرين رستن تان گذرڻو پوندو آهي ان جو ذڪر ضروري نه آهي. سگا ۾ هر رضاڪار سمجهي ٿو ته سنڌ جي دردن جو درمان ۽ دوا معياري تعليم آهي ۽ درسگاهون حقيقت ۾ اهي مقدس جڳهون ۽ تربيت گاهون هونديون آهن، جتي انسان جو فڪر، شعور، سوچ، علم ۽ اخلاق سڀ پروان چڙهن ٿا. ان نظريئي جي بنياد تي، سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جا شروعاتي سال صرف پنهنجي آسپاس گورنمينٽ اسڪولن جي تعليمي معيار بهتر ڪرڻ ۽ اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ تائين هو.

جيسين علم سان پيار هلندو،
تيسين پيارا هي سنسار هلندو،
ديس مٺو ترقي تڏهن ڪندو،
جڏهن اسڪول ڏانهن هر ٻار هلندو.

ان مقصد ماڻڻ ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ خاطر، سگا تعليمي سيمينار منعقد ڪرايا، تعليم جي اهميت ڪي اجاگر ڪيو، ٻارن جي داخلا وڌائڻ ۽ معياري تعليم لاءِ ڪوششون ڪيون. وقت جي حڪومت ڪي تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجون جامع سفارشون مرتب ڪري پيش ڪيون. سگا اسڪولن جي مالڪي ڪندي سنڌ جي مختلف گورنمينٽ اسڪولن جي عمارتن ڪي مرمت ڪرايو. جنهن جومختصر ذڪر سگا جي پهرين ڏهاڪي جي مضمون ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سگا جا ساٿي بخوبي واقف هئا ته علم دوستي واريون روايتون معاشري ۾ سهپ ۽ رواداري وارا رويا پيدا

کنديون آهن. سگا جي ساٿين ان جذبي تحت گورنمينٽ اسڪولن جي مالڪي ڪرڻ سان گڏو گڏ، پنهنجي مدد پاڻ تحت اسڪول کوليا جن جو نالو روشن تارا اسڪول رکيو ويو.

سونهن سينگار سوا ڪجھ ناهي
زندگي پيار سوا ڪجھ ناهي
مان قسم سان چوان ٿودنيا ۾
گل ۽ ٻار سوا ڪجھ ناهي.

**روشن تارا اسڪولن جو قيام:**

روشن تارا اسڪول جو تصورهڪ مشنري اسڪول وارو آهي. سگا روشن تارا اسڪولن ذريعي عام ماڻهن کي دروازي تي معياري تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تعليمي ادارا ئي تہ سماج ۾ ڪردار ادا ڪندڙ فرد مهيا ڪندڙ نرسريون آهن. سگا روشن تارا اسڪولن جي ذريعي سماج کي ساڃاهہ وند پيڙهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انسان جي هٿ وس آهي ئي ڪوشش ڪرڻ، باقي ڪرڻو تہ رب ڪريم کي آهي جيڪو نهايت مهربان ۽ ٻاجهارو آهي.

80 واري ڏهاڪي ۾ روشن تارا اسڪولن ۾ عورت استاد مقرر ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جو مقصد پڙهيل لکيل عورتن کي معاشي طور تي پاڻ پروڪرڻ هو. هن وقت روشن تارا اسڪولن ۾ اڪثر عورت استاد آهن. ان کان علاوه سگا روشن تارا اسڪولن ذريعي سنڌي ٻولي جي واڌ ويجهہ، ترقي ۽ سکيا تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. روشن تارا اسڪولن



جي نصاب ۾ شاه عبداللطيف جي شاعري پڙهائي، پاڻ سڃاڻڻ، امن، پيار ۽ سلامتي جا سبق ڏئي رهي آهي.

**روشن تارا اسڪول کولڻ جو طريقو:**

روشن تارا اسڪول هڪ خانگي اسڪول ضرور آهي پر اهو ٻين اسڪولن کان بلڪل منفرد آهي. هي اسڪول ڪمائڻ لاءِ بلڪل بہ نہ ٿو کوليو وڃي. جيئن تہ سگا سنڌ جي شعور جي امانت آهي ۽ اهي ئي سگا جا مالڪ آهن بلڪل ساڳي طرح روشن تارا اسڪول جنهن شهر ۾ آهي، ان شهر جا ساڃاه وند ۽ اتان جي ڪميونٽي اسڪول جا مالڪ آهن. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جا ڪهڙي بہ شاخ يا شهر جا باشعور ساٿي گڏجي ڪوششون وٺي، پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي اولاد جي بهتر روشن مستقبل لاءِ، اسڪول کولڻ چاهن تہ هڪ طريقہ ڪار موجب سگا شاخ مان منظوري وٺي، سگا مرڪز سان لک پڙهہ ڪبي آهي. انهن کي سگا مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي کان منظوري بعد روشن تارا اسڪول کولڻ جي اجازت ملندي آهي.

سگا وٽ باقائده هڪ سسٽم تحت هر ٽن سالن بعد اسڪول جو چيئرمين چوندجي ٿو، جيڪو سگا ميمبرن مان هوندو آهي. ان کي سگا جي آئين ۽ روشن تارا اسڪولن لاءِ ”رهبر“ تي هلڻو پئي ٿو. روشن تارا اسڪول ٻين فرينچائيز اسڪولن وانگر نہ آهي. هر دفعي اسڪول جي انتظاميا تبديل ٿيڻ ڪري روشن تارا اسڪول جو مالڪ سگا جي شاخ جا ساٿي ٿين ٿا، تنظيم ٿئي ٿي. اهو هڪ ڪيڏو نہ خوبصورت تصور آهي تہ روشن تارا اسڪول جو ڪو بہ هڪ شخص مالڪ ڪونهي. سگا ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ بي لوث ٿيڻو ٿو پئي. سماجي ڪم ڪرڻ هڪ عبادت آهي. اهو ڪنهن تي بہ ٿورو ناهي هوندو. جنهن کي جيترو ڪم وٽي اوترو خدا ڪارڻ ۽ پنهنجي ماڻهن،

پنهنجي ايندڙ نسل کارڻ ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ گذريل 50 سالن کان سگا سنڌ ۾ سماجي خدمت ڪري رهي آهي. ڪيترائي روشن تارا اسڪول مختلف شهرن ۾ کليا ۽ مختلف سببن ڪري بند ٿي ويا. سگا پهريون روشن تارا اسڪول هالا ۾ کوليو.

1980ع کان وٺي روشن تارا اسڪولن جو سموري سنڌ ۾ هڪ ڄار وڇايل آهي، جن کي هڪ چار طرفو طريقن سان جاچ هيٺ رکيو ويندو آهي. پهريون تہ اسڪول جو استاد ۽ پرنسپال اسڪول جي پڙهائي جي عمل ۾ ڀار جي سگهڻ ۽ اسڪول کي بهتر ڪرڻ جا اپاءَ وٺندو آهي.

ٻيو تہ هر روشن تارا اسڪول ۾ اسڪول مينيجنگ ڪاميٽي ٺهيل آهي جيڪا ريگيولر بنياد تي گڏجاڻيون ڪري اسڪول جي معياري تعليم جي حصول کي ممڪن بڻائيندي آهي ۽ ٽيون سگا هيڊ آفيس سيڪريٽري تعليم جي ذريعي روشن تارا سيڪريٽريٽ قائم ٿيل آهي، جيڪا سڀني روشن تارا اسڪولن جي جاچ رکندي آهي ۽ باقائده روشن تارا آسڪولن جي چيئرمين ۽ پرنسپالن جي گڏيل گڏجاڻيون ڪري روشن تارا اسڪولن ۾ بهتر تعليم لاءِ فيصلا ڪندي آهي ۽ چوٿون تہ ساڳي فيصلا سنڌ گريجوئٽس ائسوسيئيشن جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي کان منظوري ڪرائيندي آهي. ان کان علاوه ڪو بہ نئون روشن تارا اسڪول کولڻ لاءِ بہ سگا جي ڪاروباري ڪاميٽي جي اجازت هجڻ ضروري هوندو آهي.

**روشن تارا اسڪولن جو سڄي سنڌ ۾ ڦهلاءُ:**

## Details of all Roshan Tara Schools Established since 1980 till 2021



| S.No | Name of the school | District | Date of Establishment | Class Level | Level of School |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | RTS Hala 1 | Matyari | 1/11/1980 | Nur, 6 - 10 | Secondary |
| 2 | RTS Badin | Badin | 17/09/1982 | K.G - 5 | Primary |
| 3 | RTS Hyderabad | Silawati Paara Hyderabad | 16 -8-1982 | K.G - 5 | Primary |
| 4 | RTS Khipro | Sanghar | 4/7/1983 | K.G - 10 | Secondary |
| 5 | RTS Karachi | Old Golimar Karachi | 10-8-1984 | K.G - 8 | Lower Sec |
| 6 | RTS Sehwan | Jamshoro | 29/9/1988 | Nur - 10 | Secondary |
| 7 | RTS Dadu | Dadu | 2/5/1989 | Nur - 10 | Secondary |
| 8 | RTS Pano Akil | Sukkur | 1/8/1992 | K.G - 12 | Higher sec |
| 9 | RTS Mehar | Dadu | 20/8/1992 | Nur - 10 | Secondary |
| 10 | RTS Ghotki | Ghotki | 23/8/1992 | K.G - 12 | Higher sec |
| 11 | RTS Mehrabpur | Naushero Feroz | 7/9/1992 | Nur - 10 | Secondary |
| 12 | RTS Sachal Goth | Karachi | 8/8/1993 | Nur - 10 | Secondary |
| 13 | RTS Johi | Dadu (Rural) | 25-08-1992 | KG to 8 | Middle |
| 14 | RTS Hadeed-I | Karachi | 10/4/1995 | Nur - 9 | Lower Sec |
| 15 | RTS Bhan Syedabad | Jamshoro | 1/11/1996 | Nur - 10 | Secondary |
| 16 | RTS Nawab Shah | District Nawab Shah (Rural) | 01-04-1997 | K.G - 5 | Primary |
| 17 | RTS Kashmore | Kashmore | 31/12/1997 | Nur - 12 | Higher sec |
| 18 | RTS Kaloi | Tharparkar | 1/9/1998 | K.G - 8 | Lower Sec |
| 19 | RTS Jarwar | District Ghotki (Rural) | 10-05-1999 | KG to 8 | Lower Secondary |
| 20 | RTS Mirpur Khas | Mirpur Khas | 1/4/2001 | K.G - 8 | Lower Sec |
| 21 | RTS G.Hadeed-2 | Karachi | 10/4/2001 | Nur - 10 | Secondary |
| 22 | RTS Talhar | Badin | 20/4/2001 | K.G - 5 | Primary |
| 23 | RTS Hyderabad | Hyderabad (Urban) | 01-10-2008 | KG to 5 | Primary |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 24 | RTS Gadap | Karachi (Rural) | 01-8-2010 | KG to 5 | Primary |
| 25 | RTS Phulji Station | Dadu | 1/8/2010 | K.G - 7 | Lower Sec |
| 26 | RTS Bachal Goth | Karachi | 15/8/2010 | Nur - 10 | Secondary |
| 27 | RTS Hala 2 | Matyari | 25/11/2011 | Nur - 5 | Primary |
| 28 | RTS Sita Road | Dadu | 2/4/2017 | Nur-5 | Primary |
| 29 | Roshan Tara School ShahpurChakar | Sanghar | 23/08/2021 | Nur-Viii | Lower Secondary |
| 30 | Roshan Tara School Bhukrio | Tharparkar | 01/11/2021 | K.G to 5 | Primary |
| | | | | | |

متي ڏنل لسٽ ۾ هر هڪ روشن تارا اسڪول جي قائم ٿيڻ جي تاريخ، شهر؛ ضلعي جو نالو سميت اسڪول جي ليول بہ ڏنل آهي. ان لسٽ موجب 30 روشن تارا اسڪولن مان 24 اسڪول هن وقت هلي رهيا آهن. روشن تارا اسڪول جوهي، نوابشاه، حيدرآباد سلاوٽ پاڙو، جروار، ڪراچي گڏاپ ۽ ڪراچي پراڻي گوليمار اسڪول بند ٿي ويا آهن يا سگا وٽ نہ آهن. جڏهن تہ ٻيا اسڪول سنڌ ۾ معياري تعليم جي حصول لاءِ ڪوشان آهن. هر اسڪول جي هڪ تاريخ آهي ۽ اهو اسڪولڪيترن ئي مرحلن، تڪليفن مان گذريو آهي. پر ان جي باوجود بہ هر سال روشن تارا اسڪولن مان شاگرد ٻارهين جماعت پاس ڪريڏيھ توڙي پرڏيھ جي يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃنٿا. مقابلن جي امتحانن ۾ پاس وڃنٿا ۽ ڪيترائيڊاڪٽر، انجيئر، وڪيل ۽ آفيسر ٿي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. پر ان جي باوجود بہ سگا سنڌ کي روشن تارا اسڪولن جي روپ ۾ جديد تقاضائن موجب



هڪڪامياب ماڊل نہ ڏئي سگهي آهي. ٻيا نجي تعليمي ادا تمام تيزي سان ترقي ڪنداٿا رهن. انهن جون شاخون تيزي سان وڌي رهيون آهن. ان ڏس ۾ سگا کي وڌيڪڪوششونڪرڻ گهرجن.

اچو تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ترقي ۽ شعوري راه هموار ڪريون؛ علم جي شمع کي روشن ڪرڻ ۾ پنهنجو قومي فرض ادا ڪريون.

سگا جي روشن تارا اسڪولن جي ڪارڪردگي ۽ شاخن جي شاندار خدمتن تي هر هڪ اسڪول ۽ شاخ تي جدا ڪتاب تحرير ڪري سگهجن ٿا. ساٿين جي ان خدمت لاءِ لاڪيٽي لطيف جون هي خوبصورت سٽون:

جت نہ پکيءَ پير تت ٿمکي باهڙي،
ٻيوٻاريندوڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

**سنڌ ٻالڪ ميلو:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ساليانی رپورٽن پڙهڻ مان خبر پئي ٿي تہ سگا طرفان 21 کان 22 نومبر 1990ع تائين ڪرنل شاه هاسٽل خيرپور ۾ ٻالڪ ميلو منعقد ٿيو. جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان 30 اسڪولن جي سوين ٻارڙن ۽ ڪجھ ڪاليجن جي شاگردن حصو ورتو.

سگا سهائي، اونداهيءَ جي وات تي،
آهي سجائي لوچ سموري ساٿ جي.

**تعليمي پراجيڪٽس جو اڀياس:**

حڪومتي نوڪري ڪندڙن تي سگا جي ميمبر ٿيڻ تي پابندي لهڻ کان پوءِ ۽ جلد ئي سچل بين الاقوامي ڪانفرنس جي ڪامياب انعقاد کان پوءِ سگا هڪ اداري طور ڏيھ توڙي پرڏيھ ۾ مشهور ٿيو.

سگا ٻه پنهنجي قيام کان پوءِ ٻن ڏهاڪن جي ڪم جي طريقيڪار ۾ ترميم ڪئي ۽ ٻين ملڪي ۽ عالمي سطح جي ادارن سان ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. نتيجي ۾ سگا کي ڪيترائي تعليمي پراجيڪٽس مليا، جن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي 1995ع کان 1997ع تائين ٽرسٽ فار والنٽيئر آرگنائيزيشن جي امداد سان 30 وليج ڪميونٽي اسڪول ضلعو دادو لاءِ مليا، جيڪي پاڪستان گوورمينٽ جي پارٽيسيپيٽري ڊوولپمينٽ پروگرام تحت مليا. ان کان پوءِ سال 1996ع کان 1998ع تائين 100 وليج ڪميونٽي اسڪول سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن لاءِ مليا. ساڳيءَ سالن يعني 1996ع کان 1998ع سالن لاءِ 70 وليج ڪميونٽي اسڪول ضلعو بدين جي آسپاس جي ڳوٺن لاءِ مليا. يونيسيف طرفان سگا کي سال 2001ع ۾ 15 وليج ڪميونٽي گرلس اسڪول ضلعو بدين ۾ مليا.

سگا کي يونيسڪو جي امداد سان جولاءِ 2001ع ۾ 60 وليج ڪميونٽي سپورٽ موبيلائيزيشن گرلس اسڪول 60 ضلعي بدين لاءِ ۽ 20 ضلعي دادو جي علائقن لاءِ مليا. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن تعليم بالغان لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون ۽ يو ايس ايڊ جي تعاون سان 79 مرڪز تعليم بالغان تعلقي هالا، ضلعو حيدرآباد ۽ ٻيا 320 مرڪز تعليم بالغان هالا، لطيف آباد، ٽنڊوالهيار، ضلعو حيدرآباد، ٺٽو ۽ تعلقو سڄاول ۾ کوليا ويا. جنهن ذريعي 12500 ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو ويو. 400 استادن جي سکيا ڪرائي وئي.

1998ع دوران عالمي بينڪ سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي ذريعي سگا کي آڇ ڏني ته اهڙا ٻار جيڪي مائٽن جي وسيلن جي کوٽ هئڻ سبب مزدوري ڪن ٿا تن کي اسڪالر شپ ڏئي پڙهائجي. سگا ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 50 ٻارن کي داخل ڪرائي



اسڪالرشپ ڏيارائي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان جناب شبير احمد جماڻي جي تعاون سان 1999ع کان وٺي سنڌ جي مختلف ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ شاگردن لاءِ هر سال اسڪالرشپ ڏني وئي جيڪا ڪيترائي سال جاري رهي.

**روشن تارا اسڪولن ۾ ڪمپيوٽرن ۽ ليبارٽرين جو قيام:**

سال 2001ع دوران انفاق فائونڊيشن جي مالي سهڪار سان روشن تارا اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر مهيا ڪيا ويا. سال 2003ع ۽ 2004ع دوران انفاق فائونڊيشن جي تعاون سان(9) روشن تارا اسڪولن کي سائنس ليبارٽريون فراهم ڪيون ويون. روشن تارا اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر ۽ ليبارٽرين نهڻ کان پوءِ پڙهائي جي عمل ۾ اجان بهتري آئي ۽ اسڪولن جو معيار بهتر ٿيو.

**ورلڊ بئنڪ طرفان پيئڻ جي پاڻي مهيا ڪرڻ ۽ پاڻي نيڪال جو پراجيڪٽ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن صرف تعليم ۽ صحت تي ڪم نه ڪيو آهي پر سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ پرچار، ثقافت، هنري سکيا، ماحوليات کان بچاءَ جا اپاءَ، غربت جي خاتمي لاءِ منصوبابندي، قدرتي آفتن لاءِ اپاءِ وٺڻ ۽ ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوششون جاري رکيون آهن. سگا کي ورلڊ بئنڪ طرفان پيئڻ جي پاڻي مهيا ڪرڻ ۽ نيڪال جا پراجيڪٽ مليا. 1998ع جي شروع ۾ سنڌ سرڪار طرفان پائليٽ طور چار ڳوٺ چونڊيا ويا جن ۾ ڳوٺ صاحب خان بلوچ ٺٽو ضلعو، ڳوٺ حسين پاتو ضلعو خيرپور، ڪنڊو بوزدار، رنگ ٽيٻا ۽ هوت خان شاهاڻي ضلعو دادو هئا انهن جي ڪاميابي کان پوءِ سگا کي پاڻي ۽ نيڪال جو پراجيڪٽ مليو جنهن کي ضلعي خيرپور، دادو، ٺٽو، لاڙڪاڻو،

جيڪب آباد ۽ شڪارپور جي آسپاس ڳوٺن ۾ ڪاميابي سان هلايو ويو. هي پراجيڪٽ ورلڊ بينڪ طرفان سنڌ گورنمينٽ جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي اشراڪيت سان 3 سالن لاءِ 16 ڳوٺن ۾ هلايو ويو. اهي پراجيڪٽ ملڪي توڙي غير ملڪي ادارن طرفان ساراهيا ويا ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي تمام گهڻي مڃتا ملي .

**سڳا هنري مرڪز جو قيام:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان دادو شهر ۾ رلي سينٽر (سڳا عورتن جو مرڪز) 1991ع ۾ واشنگٽن ۾ پاڪستاني عورت جي ايسوسيئيشن جي سهڪار سان قائم ڪيو ويو. محترم لائق کوسو ۽ ساٿين جي سربراهي ۾ ڪنڊيارو شهر پرسان ڳوٺ ۾ ڪامياب رلي سينٽر قائم ڪيو ويو. جتي عورتن کي هٿ جي هنرن کي سيکاري معاشي طور مستحڪم بڻايو ويو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان رلي مرڪز سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ قائم ڪيا ويا جيڪي بيحد ڪامياب ويا. 500 کان مٿي غريب ۽ بي واهه عورتن عزت ۽ مان سان پنهنجو روزگار پاڻ ڪمايو.

مختلف هنري سينٽر ۾ تيار ٿيل شين جي مارڪيٽنگ ڪرڻ ۽ عورتن کي روزگار لاءِ همٿائڻ لاءِ سڳا طرفان 1981ع ۾ سڳا آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ سنڌ ايڪسپو ميلو لڳايو. جنهن ۾ هٿ جون ٺهيل شيون وڪري لاءِ رکيون ويون. ڪيترا ئي اسٽال لڳايا ويا. ملڪي توڙي بين الاقوامي تنظيمن ۽ عملدارن سنڌ ايڪسپو جو دورو ڪيو ۽ اهڙي طرح سڳا جي ڪم جي ساراهه ٿي. ساڳي طرح 1994ع سال ۾ پڻ سڳا سنڌ ايڪسپو لڳايو. 4 کان 7 نومبر 1998ع تائين سنڌي هنرن جي نمائش "ايڪسپو سنڌ" آرٽس



ڪائونسل پاڪستان ڪراچي ۾ سڳا جي 26 سالگرهه دوران لڳايو ويو.

**ماحوليات جي تبديلين بابت معلومات پهچائڻ جو پراجيڪٽ:**

سڳا کي ورلڊ بينڪ طرفان ماحوليات جي تبديلين جي ڄاڻ بابت پرچار ڪرڻ لاءِ هڪ پراجيڪٽ مليو.ماحوليات کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ رسالو "حياتي" جاري ڪيو ويو ۽مختلف پروگرام ڪيا ويا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڪارگذارين ۾ ڪالاباغ ڊيم ناهڻ خلاف مضبوط طريقي سان سنڌ جو آواز پهچائڻ آهي. سڳا ماڻهن کي سيمينار ڪرائي اصل حقيقتن کان آگاهه ڪيو. سنڌ جو هر باشعور طبقو اٿي ڪڙو ٿيو. سڀني گڏجي هڪ آواز ٿي ڪالاباغ ڊيم خلاف زبردست احتجاج ڪيا. جنهن سبب وقت جي حڪومت کي پنهنجن ارادن کي تبديل ڪرڻو پيو . محترم الطاف حسين جڏهن سڳا جو چيئرمين هو ته سڳا هڪ ڪتاب نالي "ڪالا باغ ڊيم اينڊ سنڌ" ڇپايو.

**قدرتي آفتن دوران سڳا جي ڪم ۽ ڪردار جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن قدرتي آفتن، ڏڪار، طوفان، ۽ ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪندي رهي آهي. سال 1999ع ۾ بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي سامونڊي ڪناري جا ماڻهو سامونڊي طوفان سبب سخت متاثر ٿيا. گهر ڊهي ويا، چوپايو مال لڙهي ويو ۽ کاڌ خوراڪ جو سامان پڻ متاثر ٿيو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي رضاڪارن سڄي سنڌ مان امداد گڏ ڪري ماڻهن جي مدد ڪئي. سڳا متاثرين جي گهر ناهي ڏيڻ جو پراجيڪٽ ايڪشن ايڊ هڪ "بين الاقوامي اداري" وٽ جمع ڪرايو.

اهڙي طرح 90 گهر ٺهرائي متاثرين جي حوالي ڪيا ويا. بين الاقوامي سهڪاري اداري ايڪشن ايڊ پاڪستان سگا سان ساموندي طوفان کان ستايلن جي ٻيهر آبادڪاري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ بعد سگا جي ڪم کي ساراهيندي ڪپرو ۾ سماجي جاڳرتا جو پراجيڪٽ حوالي ڪيو، جنهن جي ابتدا نومبر 2000ع کان ٿي. سگا جو سماجي جاڳرتا پراجيڪٽ ڪپرو ايڪشن ايڊ پاڪستان جي تعاون سان تعلقي ڪپري جي وڏي ۾ وڏي يونين ڪائونسل ڪامل هنگورو جي 15 ڳوٺن ۾ شروع ٿيو. جنهن ۾ ڳوٺاڻن سان رابطو ڪري تنظيمون ٺهرائي ڳوٺ جي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سڌارو آڻڻو هو. مختلف پيشيوراڻي مهارتن کان ڳوٺاڻن کي واقف ڪرائي غربت کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻي هئي. جنسي اڻبرابري جي خاتمي لاءِ اپاءَ وٺڻا هئا. ٻارڙن جي حقن جي حفاظت ڪرڻي هئي ۽ انهن جي بهتر تعليم جي حصول لاءِ پرگهور لهڻي هئي. اهو هڪ وڏو پراجيڪٽ هيو جيڪو ڪپرو جي آسپاس علائقي جي ماڻهن کي مڪمل تبديل ڪري پئي سگهيو . ان پراجيڪٽ جو وڌيڪ احوال ايندڙ مضمون ۾ ڏنل آهي.

**اسلام آباد ۾ شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر جو قيام:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن اسلام آباد شاخ ۽ سگا مرڪز جي ساٿين گڏجي اسلام آباد ۾ هڪ گهڻ مقصدي عمارت ٺاهڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. نيٽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي کان 5310 اسڪوائر وال جو پلاٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. جنهن لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن مرڪز ۽ سرندي وارن مدد ڪئي. 1996ع کان شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر اسلام آباد ٺهڻ شروع ٿيو. سگا اسلام آباد جي ساٿين ڏينهن رات محنت ۽ جدوجهد ڪري اسلام آباد ۾ هڪ بهترين آڊيٽوريم ۽ هاسٽل



ٺهرايو. سالن کان وٺي اسلام آباد ۾ هي سگا جو مرڪز هزارين ماڻهن جي مدد جو سبب بڻيو آهي ۽ خدمتون ڏئي رهيو آهي.

**شاهه سچل سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان "شاهه سچل سامي بين الاقوامي ڪانفرنس" 18 کان 20 ڊسيمبر 2004ع ڪراچي جي بيچ لگزري هوٽل ۾ ڪوٺائي وئي. ڪانفرنس ۾ هندستان مان ٻهريون پيرو وڏي تعداد ۾ سنڌي اديبن سري سريش ڪيسواڻي جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي جيڪو ان وقت هندستان جي مٿاهين ايوان يعني راجيا سڀا جو ميمبر هئڻ کان سواءِ دهلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ قائم اداري جو وائيس چيئرمين هو.

ڪانفرنس جو افتتاح ان وقت جي سينيٽ چيئرمين محترم محمد ميان سومرو ڪيو ۽ افتتاحي اجلاس جي صدارت سِگا چيئرمين محترم الطاف حسين ڳورڙ ڪيو. شاهه سچل سامي جي شاعري ۽ امن پري فلسفي تي 20 مقالا پڙهيا ويا. ڪانفرنس جي اختتام ۾ گڏيل پڌرنامو منظور ڪيو ويو. جنهن ۾ پاڪستان ۽ هندستان مان اديبن، دانشورن ۽ فنڪارن جي وفدن جي مٽاسٽا ڪئي وڃي.

ٻنهي ملڪن ۾ هنرمند ماڻهن کي دورا ڪرايا وڃن ۽ ويزا پاليسي کي آسان ڪيو وڃي. اهڙي طرح ٻيا ٺهراءَ پڻ پاس ڪرايا ويا. هندستان کان آيل ساٿين کي سنڌ جو دورو ڪرايو ويو جيڪو هر هنڌ ڏاڍو بهترين رهيو. سگا جي روشن تارا اسڪولن، سگا جي شاخن کان علاوه ياسمڪ، سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ميوزم، سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري، ڀٽ شاهه، هالا، سچل سائين، رهڙڪي صاحب، جروار، ساڌ ٻيلو، موئن جو دڙو، سيوهڻ شريف، سن، ڪينجهر، مڪلي، ٺٽو، وغيره گهمايو ويو.

"شاهه سچل سامي بين الاقوامي ڪانفرنس"۾ پڙهيل مقالن

ڪي اڄ ڏينهن تائين نہ ڇپايو ويو آهي. ڪانفرنس بابت تفصيل سان ڪا بہ الڳ رپورٽ شايع ٿيل نہ آهي ۽ نہ وري ڪانفرنس بعد سنڌ جي دوري تي ڪو سفرنامو لکيل آهي. جڏهن تہ سچل بين الاقوامي ڪانفرنس تي جڳ مشهور ليکڪن جا ٽي سفرناما لکيل آهن.

”شاهہ سچل،سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس“ انتهائي ڪامياب وئي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن سال 2004ع ۾ ”شاهہ سچل، سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس“ منعقد ڪرائي، سڄي دنيا ۾ سک، سلامتي، امن ۽ پائيچاري جي پرچار ڪئي. سگا جي شاندار سماجي خدمتن ۽ تاريخي سرگرمين جي هاڪ ۾ ساک اضافو ٿيو ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن جي انعقاد سان ڏيهي توڙي پرڏيهي پزيرائي ملي. شاندار خدمتن ۽ معيار جي مڃتا عيوض ان دور ۾ سگا کي ملڪي توڙي غير ملڪي ادارن طرفان سنڌ جي بهتر تعليم لاءِ، صحت ۽ پيئڻ جي پاڻي، ۽ ماحولياتي تبديلين بابت ڪيترائي پراجيڪٽ مليا.

**”شاهہ جي ساڃاهہ“ جي سري هيٺ ادبي ليڪچر:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شاخ ڪراچي ادبي ماحول کي سرگرم رکڻ لاءِ هفتيوار ليڪچر تاريخ 24 جنوري 2002 کان مظهر ريسورس سينٽر رمپا پلازا ڪراچي ۾ شروع ڪيا. اهي ليڪچر تمام گهڻو ڪامياب ويا ۽ ماڻهو هر هفتي شوق سان سگا هيڊ آفيس اچڻ لڳا. سگا ڪراچي شاخ جي جنرل سيڪريٽري جناب حيدر بخش هڪڙي جي محنتن رنگ لاتو. شاهہ عبداللطيف جا عاشق امن، پيار، جدوجهد، جستجو ۽ وحدانيت جا سبق سکڻ لاءِ گڏ ٿي محبت جو اهڃاڻ بڻجي ويا. تہ مچ مچايوجو سڄي سنڌ ۽ دنيا تائين آواز پهتو. اخبارن ۾ تفصيل اچڻ لڳا ۽ تنظيمي ڪارڪردگي پڻ بهتر بڻي. هيٺ ڏنل مختصر ٽيبل ۾ اهڙن ادبي ليڪچرن جو تفصيل آهي.



| نمبر | ليڪچرڪار ڏاهو | تاريخ | عنوان |
|---|---|---|---|
| 1 | محترم انب گوپانگ | 24.01.2002 | جانب جو جمال |
| 2 | محترم انب گوپانگ | 30.01.2002 | جانب جو جلال |
| 3 | ڊاڪٽر فهميده حسين | 07.02.2002 | شاهہ جي شاعري ۾ عورت جو مقام |
| 4 | محترم انب گوپانگ | 14.02.2002 | شاهہ جو درد |
| 5 | محترم انب گوپانگ | 28.02.2002 | شاهہ جو درد |
| 6 | محترم آغا سليم | 07.03.2002 | شاهہ جي غم جو فلسفو |
| 7 | محترم عبدلاخالق جوڻيجو<br>محترم ولي محمد روشن<br>محترم حيدر بخش هڪڙو<br>محترم دين محمد ڳبول | 14.03.2002 | عام رايا |
| 8 | محترم انب گوپانگ | 28.03.2002 | شاهہ جو ڪيڏارو |
| 9 | محترم انور پيرزادو | 04.04.2002 | ڀٽائي سنڌ جي قومي وحدت جو اڏيندڙ |
| 10 | محترم انب گوپانگ | 11.04.2002 | لطيف رح ۽ ڪبير |
| 11 | محترم ڪمال ڄامڙو | 18.04.2002 | لطيف رح ۽ سچل رح |
| 12 | محترم انب گوپانگ | 25.04.2002 | زندگي جو ترهو |
| 13 | محترم ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ | 09.05.2002 | زمان ۽ مڪان جو فلسفو |
| 14 | محترم رخمان گل پالاري | 16.05.2002 | لطيف جي لفظن جو جوهر |
| 15 | محترم انب گوپانگ | 23.05.2002 | حقيقت محمدي صلي الله وآلہ وسلم |
| 16 | ڊاڪٽر فهميده حسين | 30.05.2002 | سنڌي سماج،عورت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | ۽ شاھ لطيف |
| 17 | محترم انب گوپانگ | 06.06.2002 | لطيف ۽ خدا |
| 18 | محترم حفيظ قريشي | 13.06.2002 | اڄ جي سنڌ ۽ شاھ عبداللطيف |
| 19 | محترم پروفيسر عابد مظهر | 20.06.2002 | سر ليلا چنيسر ۾ ڏاهپ جو اپياس |
| 20 | محترم محمد ابراهيم جويو | 27.06.2002 | شاھ جي شاعري ۾ سر رپ |

**سگا پاران ڪتنبن جون گڏجاڻيون:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوئيئيشن هڪ سماج سڌارڪ پڙهيل لکيل ماڻهن جي تنظيم آهي. پنهنجن ماڻهن جي مسئلن جي هڪ ٻئي سان ملڻ سان خبر پئجي ٿي ۽ انهن مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ لاءِ ملاقات ۽ ميڙاڪا ڪرائڻ ضروري ٿين ٿا. ڪراچي جهڙي اجگر شهر ۾ ماڻهن سان انيڪ مسئلا رهن ٿا. سگا ڪافي سالن کان ڪوشش ڪري ڪراچي ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيترين ئي ڪتنبن جون گڏجاڻيون منعقد ڪرايون آهن. ڪتنبن جو پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ سان دوستون وڌيون ۽ اهي هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ اچڻ لڳا. ڪافي دوستيون اڳتي رشتيدارين ۾ پڻ تبديل ٿيون جيڪو انهن گڏجاڻين جو مقصد بہ هو. هڪ گڏجاڻي 27 اپريل 2002 تي بيمانٽ روڊ تي مهڪ گارڊن جي چيراني لان ۾ رکي وئي. شامل ٿيندڙ ڪتنب ڪارڊ سسٽم وسيلي شامل ٿيا. گڏ ٿيل پئسا اتي ئي تحفن ۽ کاڌ خوراڪ تي خرچ ٿيا. ٻارن ڪوئيز پروگرام رٿيو. تقريري مقابلا ٿيا. راڳ جي محفل ٿي. ٽر جي پلوڙ راڳي صادق فقير محفل مچائي ڇڏي. ڪل پوڳ لاءِ قادر بخش منو کي گهرايو ويو هو.



ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، سائين بخش علي لاڪو، سائين ولي محمد روشن، سائين عبدالرحمان سيال، سائين عبدالخالق شيخ ۽ سائين حيدر بخش هڪڙو ٻين ڪيترن سگا ساٿين سان هن يادگار ڪتنب گڏجاڻي جو مزو ورتو. نيشنل اچار، نيشنل فوڊ ۽ نيشنل لوڻ وارن طرفان شامل ٿيندڙ ڪتنبن کي تحفا ڏنا ويا.

**شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ورسي جو احوال:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي 42 ورسي تاريخ 22 نومبر 2000 تي سگا هيڊ آفيس ۾ ملهائي وئي.

شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽو سنڌ جو هڪ وڏو عالم، محقق، تعليمي ماهر۽ لطيف جو پارکو هو. پروگرام جي صدارت سندن فرزند ايئرمارشل محمد عظيم دائودپوٽي ڪئي. جناب علي احمد بروهي، جناب عبدالرحمان سيال، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ، جناب نصرت ابڙو ۽ حيدر بخش هڪڙو پروگرام ۾ ڳالھ ٻولھ ڪئي. انهن چيو تہ شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي جون سنڌ جي تعليمي نظام ۽ نصاب جي سلسلي ۾ نمايان خدمتون رهيون آهن. ڪيس سندس علمي ۽ تحقيقي مرتبي جي ڪري 1940ع ۾ تڏهوڪيءَ انگريز سرڪار پاران ”شمس العماءَ“ جو خطاب مليو.

سگا اهڙن علمي ادبي شخصيتن کي ياد ڪري ايندڙ نسلن تائين جدوجهد ۽ خدمت جهڙا جذبا پيدا ڪرڻ چاهي ٿي تہ جيئن ملڪ ۽ قوم جي خدمت جاري رهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ گريجوئٽس ائسوسيئشن جي بي لوث خدمتن جو سفر وڌي جوان ٿيو ۽ ملڪي سطح مڃتا حاصل ڪري رهيو هو. يقينن اهو سگا جي قيادت ۽ رضاڪارن جي مسلسل خلوص ۽ نيڪ نيتي واري جدوجهد جو نتيجو آهي.

# هڪ سفر، ٽي سفرناما

(سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان 1989ع ۾ منعقد ڪيل بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۽ سنڌ جو سير ڪرڻ تي لکيل ٽن مختلف سفرنامن جو اڀياس)

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن تي سختي ۽ پابندي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جلد ئي 1989ع ۾ بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ هندستان ۽ پاڪستان جا سنڌي اديب، شاعر ۽ ساڃاهه وند ورهاڱي جي تاريخ ۾ پهريون دفعو شرڪت ڪري رهيا هئا. هن ڪانفرنس ۾ تاريخ جو پهريون عالمي سنڌي مشاعرو پڻ ٿيو. بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي ڪيترن ئي يونيورسٽين جي وفدن شرڪت ڪئي ۽ هن ڪانفرنس جو افتتاح ملڪ جي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي ڪرڻو هو جيڪا ڪنهن اٽڪر سببن ڪري نه اچي سگهي ۽ سندن ماءُ محترمه نصرت ڀٽو صاحبه نومبر 1989ع تي ان ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو. ڪانفرنس ۾ هند کان آيل دادا گوبند مالهي، ڊاڪٽر جيٺلي ڪشن ڪتواڻي، وينا شرنگي، نارائڻ ڀارتي ۽ قيمت هري سنگهائي وفد ۾ شامل هئا. ڪانفرنس جي وفدن کي آخر ۾ سڄي سنڌ گهمائي وئي. سڄي سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي ميڙاڪا منعقد ڪيا ويا ۽ وفدن کي ڀرپور آجياڻو ڏنو ويو. بين الاقوامي سچل ڪانفرنس دوران ڪانفرنس ۽ سنڌ جي دوري جو احوال سفرنامي جي صورت ۾ گوبند مالهي "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ"، وينا شرنگي "ڪچان تان ڪافر" ۽ سلطانه وقاسي "خوابن جو سفر" لکي پنهنجن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اهو ائين آهي جيئن:



"ايڪ قصر در لک ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون"

محبوب هڪ آهي، سنڌ هڪ آهي، بين الاقوامي سچل ڪانفرنس هڪ آهي، جايون ۽ جڳهيون ساڳيون آهن پر هر هڪ جي پرکڻ ۽ بيان ڪرڻ جو انداز پنهنجو آهي. هن مضمون ۾ ڪانفرنس جو مختصر احوال ۽ انهن سفرنامن جو تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

سفرنامو ادب جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ادبي چاشني سان گڏ هڪ دور جي تاريخ سماجي مطالعو جاگرافي جو احوال ۽ واقعاتي رپورٽ اچي وڃن ٿا.

**(1) دادا مالهي جي سفرنامي "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ" جو اڀياس:**

هي سفرنامو هند سنڌ جي مشهور اديب، سنڌي ادبي سنگت جي باني دادا گوبند مالهي جولکيل آهي، جيڪو آڪٽوبر 1993ع تي سنڌ ٽائيمس پبليڪيشن الهاسنگر پاران ڇپايو ويو. هي سفرنامو پنجن حصن ۾ ورهايل آهي .

گوبند مالهي هند سنڌ جو سنڌي پرست، ناول نگار، ڊراما نگار، اديب ۽ محب وطن هو. هن ساٿين سان گڏجي سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو. ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ پنهنجي ڪالم ۾ گوبند مالهي کي سنڌيت جو مالهي ڪري لکيو آهي.

سفرنامي جي حصي پهرئين جي عنوان شاهه سائين جي بيت جي سٽ سان ڪئي وئي آهي ته تو جني جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي. پهريون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي طرفان بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت نامي جو ذڪر ٿيل آهي، پوءِ گوبند مالهي پنهنجو وڃڻ ۽ اجازت نه ملڻ جون ڪيفيتون بيان ڪري ٿو. ڏيءَ، گهر وارن ۽ دوستن سنڌ وڃڻ بابت

گفتگو آهي. اڪثر ڪري ڊائلاگ آهن، جيڪي جيئن جو تيئن لکي مالهي جو ان تي اظهار ٿيل آهي. اتساهيت ۽ انتظاري جون ڪيفيتون بيان ٿيل آهن. چپن ۽ چانهه جي وٿي واري ڳالهه بيان ڪيل آهي. ماضيءَ ۾ سنڌ وڃڻ لاءِ هن ڪيتريون ڪوششون ڪيون هيون پر هر دفعي اجازت نه ملي هئي. مالهي ويزا، اجازت ۽ ڪراچي ايئرپورٽ تي 42 سالن ڪان پوءِ پهچڻ جي پڪ واري منظر کي پنهنجي سفرنامي ۾ بي انتها پيار وارو منظر پيش ڪري ٿو. سڳا ساٿين مان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، برڪت علي چوهاڻ، ممتاز علي ڪلهوڙو، ولي محمد روشن جو ذڪر ڪري ٿو.

سڄي سفرنامي ۾ 42 سال اڳ واريءَ هاڻي واري سنڌ جو تجزيو روان هلي ٿو. ڳالهين، واقعن کي ماضيءَ سان ڳنڍي ڪمال جو اظهار ڪري ٿو. تنوير عباسي سان ڪراچي جو سير ڪري ٿو. ڊرگ روڊ، ايئرپورٽ، هاءِ ڪورٽ، برنس روڊ، ڊي جي سنڌ ڪاليج، مينا رام هاسٽل، هندستان ٽائيمز جي آفيس، رام باغ، فريئر روڊ، چيٽومل اسپتال، بندر روڊ، رنجيت سئنيما، نئين دنيا ڪتاب گهر آفيس، پڪچر هائوس، وائيٽ هائوس وغيره ڪان ٿيندو ڪلفٽن ۽ پوءِ سمنڊ طرف پهچي گندگي ڏسي افسوس ڪن ٿا. هو لکي ٿو ته هاڻي واري سنڌ تمام گهڻو ڦري چڪي هئي.

سفرنامي جي ٻئي حصي ۾ ”دل تنهنجي منهنجي هڪ آ“ جو عنوان ڏئي محبت جو اظهار ڪيو آهي. هو ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب کي دلفريب لفظن سان لکي ٿو. مالهي ساجده شيخ جي ڪمپيئرنگ، هن جي صورت، سيرت ۽ آواز جي دل کولي تعريف لکي ٿو ۽ چوي ٿو ته ساجده هن جي ذهن ۾ جرڪندي رهي آهي. بين الاقوامي سچل ڪانفرنس جو افتتاح محترمه نصرت پٺو صاحبه ڪيو. هن جي سنڌي ۾ تقرير بابت لکي ٿو ته نصرت پٺو صاحبه جي ادائيگي پارت ۾ سنڌي ٻارن کان بهتر آهي.



هو محفل موسيقي ۾ خوب مزو وٺي ٿو. جيجي زرينا، محمد يوسف، محمد جمن ۽ سچل جي روضي جي فقيرن خوب ڳائي رات دير تائين هن جي من کي مست ڪري ڇڏيو ۽ هن ورهين پڄاڻان نارو شاهه جي رات دير تائين واري محفل موسيقي ياد اچي وئي هئي. هو سفرنامي ۾ هر موڙ تي هر هنڌ ديهانت ڪري ويل پنهنجي پتني پڳونتي کي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ياد ڪري ٿو. مالهي سان ملاقات ڪندڙ ماڻهو به اڪثر ڪري پڳونتي جو ذڪر ڪري هن سان ڏک ۾ شريڪ ٿين ٿا. هن جي ملاقات محمد ابراهيم جويو، نورالدين سرڪي، سوڀي گيانچنداڻي، آغا سليم، امداد حسيني، سحر امداد ۽ شيخ اياز سان ٿي جنهن کي هن بهترين انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

گوبند مالهي بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۾ ”سچو سچ ٿو ٻولي“ جي عنوان سان پنهنجو پيپر پڙهي ٿو جيڪو هن سڄي رات ويهي پنهنجي يادگيري مان لکيو هو ڇاڪاڻ ته هو پيپر غلطي سان گهر وساري آيو هو. هو ڪانفرنس ۾ پڙهندڙ اديبن جي مضمونن تي ٽورا تبصرا به ڪري ٿو. ڪانفرنس دوران ڪيترن ئي اديبن سان ملاقاتن جو ذڪر پڻ لکيو اٿس. ڊاڪٽر درشهوار سيد، جام ساقي، جي الانا، الهداد ٻوهيو، عبدالجبار جوڻيجو ۽ ٻين جو ذڪر ڪري ٿو. هو شيخ اياز سان ڳالهه ٻولهه جو تاريخي ذڪر به لکي ٿو.

هڪ هنڌ گوبند مالهي ڪانفرنس جي مقصدن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته: ”هڪ طرف سڳا جو پنهنجي پاران جاري ڪيل سلسلي کي وڌائڻ- شاهه تي سيمينار بعد سچل تي ڪرڻ لازمي هو. ٻيون مقصد هو دنيا ڀر جي سنڌي اديبن ۽ مفڪرن کي هڪ وقت هڪ ئي هنڌ آڻي هنن وچ ۾ پنهنجائيءَ جي ڳنڍ مضبوط ڪرڻ ۽ ڪين خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو ميسر ڪري ڏيڻ. ٿيون جو انهن ڪان وڏيڪ هو پر ان جو ذڪر به ٿي ته خانگي طرح ۽ ڊبيل زبانن

سان. اهو مقصد هو سنڌ جي جيئي سنڌ جي تحريڪ جي پيٽ ۾ اهو جتائڻ ته پاڪستان ۾ جا ٻارنهن سالن بعد جمهوريت آئي آهي سا سنڌ ۾ آزادي ۽ سجاڳيءَ جي ماحول کي اوج ڏئي سگهي ٿي. ان لاءِ ڀارت مان اديبن جو ۽ خاص طور تي منهنجو اچڻ- موتي، ڪلا ۽ اتم سندري جو اچڻ تر تان گسي وڃڻ- اهي سڀ شاهد هئا ته جيئي سنڌ تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جو مقصد به بر ثواب ٿي رهيو هو.

ڪانفرنس هڪ لافاني ۽ مبارڪ گڏجاڻي جو موقعو ميسر ڪري ڏنو هو. تنهنڪري سيمينار جي ڪاميابي پنهنجي جڳهه تي، ڪانگريس کان ٻاهر گڏجاڻين ۽ ڪچهرين جي ڪاميابي لفظن جي قيد ۾ قابو ٿيڻ کان قاصر آهي.”

حصو چوٿون جو عنوان ”سنڌ جي ڌرتي توتي سيس نوايان“ آهي. سفرنامي جي هن حصي ۾ مالهي جي سنڌ جي سفر جون يادون آهن. ڀٽ شاهه تي پهچڻ جو منظر سهڻو چٽيو اٿئين. هو لکي ٿو ته هن جو بابو ننڍي هوندي کان ئي هن کي شاهه سائين جو هڪ بيت ياد ڪرڻ تي هڪ پائي ڏيندو هو. مالهي سفرنامي ۾ سچل سائين جي روضي تي حاضري لڳائڻ، چادر چاڙهڻ ۽ محفل جو خوب ذڪر ڪري ٿو.

هو سڄي سفر دوران مختلف موقعن تي نارائڻ سان سگا ۽ وقت جي حڪومت تي ڪانفرنس جي روشني ۾ ڪانفرنس جا مقصد، فائدا ۽ انتظامن تي تبصرو ڪندو رهي ٿو. گوبند مالهي پنهنجو ڳوٺ نارو شاهه گهمڻ جا منظر نهايت جذباتي لکي ٿو. پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار دهرائي ٿو. پنهنجي پهرين محبت زينو کي وري ڏسڻ واري خواهش جو گلو دٻائي ٿو. هو پنهنجو گهر، پاڙو، گوڏرام جو نڪاٽو، اسڪول، نولکي واهه، مارڪيٽ سڪل



تلاءُ، ڪيسن جو دڪان، مساڻ، شاهه جي حويلي وغيره جون يادون تازيون ڪري ٿو.

سفرنامي ۾ نارائڻ جو لاڙڪاڻو گهمڻ جو منظر پيش ڪيو اٿائين. ڪافي شيون مٽجي وڃڻ ۽گندگيءَ ڏسي شاندار ماضيءَ کي ياد ڪيو اٿائين. سکر ۾ ميڙاڪو، ساڌ ٻيلي جو سير ۽ مخدوم بلاول جي روضي تي حاضري ۽ سگا ساٿين طرفان شاندار آجياڻي جو ذڪر ڪري ٿو.

گوبند مالهي لال شهباز قلندر جي روضي تي حاضري ۽ ڀڳونتي جي ٻاس کي پورو ڪرڻ جو احوال نهايت جذباتي ڪيو اٿائين.

سفرنامي جي آخري حصي ۾ گوبند مالهي مختلف دعوتن ۾ دوستي سان ملاقاتن جو ذڪر ڪري ٿو. سيئي ساٿي هن سان جيئي سنڌ، سدا جيئي سنڌ چئي ملن ٿا. ڄام صادق صاحب، سراج الحق صاحب ۽ سنگم پبليڪشن جي دعوتن جو ذڪر ڪري ٿو. ڪجهه پروگرامن ۾ شرڪت ڪري ٿو. ان دوران سنڌيت تي ٿيندڙ بحث کي سفرنامي ۾ خودڪلامي ڪري ماضي جي غلطين جو ذڪر ڪري ٿو. سفرنامي جي آخر ۾ سياسي بحث گهڻي قدر لکيل آهي. ڪاش هيئن نه ٿئي. جي هيئن ٿئي ها ته پوءِ اڄ هيئن ٿئي ها وغيره وغيره.

مالهي جي لکڻ جو انداز نئيا نئيا جملا آهن. عام استعمال جي ٻولي آهي. اڪثر ڪامائن ۾ ساڳي چيل ڊائلاگ آهن. هو سياسي بصيرت رکندڙ محب وطن نظر اچي ٿو. خود ڪلامي ڪندي سنڌ سان محبت جو درس ڏئي ٿو. بدليل سنڌ جي موجوده حالت ڏسي بار بار سگريٽ پئي، پاڻ ساڙي وري به وطن جي بهتري لاءِ اميد جو ڏيئو دامن مان نه ٿو ڇڏي. مالهي جي سنڌ ڇڏڻ ۽ ايئرپورٽ تي ساٿين کي خدا حافظ چوڻ ۽ وري سنڌ نه ڏسڻ

واري خيالن جو جذباتي منظر پيش ڪري پڙهندڙ ڪي تاريخ جي بي رحم ورهاڱي بابت سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو.

**(2)سلطانه وقاصي جي سفرنامي "خوابن جو سفر" جو اڀياس:**

هي سفرنامو سنڌ جي دلير شاعره، بهترين ڪالم نگار، نثر توڙي نظم جي ماهر محترمه سلطانه وقاصي جو لکيل آهي. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب لکيو آهي ۽ مرڪ پبليڪيشن 2020ع ۾ ڇاپيو آهي.

سفرنامي جي شروعات ڪانفرنس جي آخري ڏينهن تي سوڪڙين ڏيڻ واري ڏينهن کان ٿئي ٿي جتي سلطانه سان پنهنجي ننڍپڻ جي سهيلي ليليٰ هن سان ملي ٿي ۽ هن کي سنڌ جي سير لاءِ سچل ڪافلي ۾ گڏجي هلڻ تي راضي ٿي ڪري. سفرنامي ۾ ڪانفرنس يا موسيقي يا شاعري جي محفلن ۽ دعوتن وغيره جو ذڪر ڪونهي. هي سفرنامو ليکڪ جي ڊائري نما آهي جنهن ۾ هو دل جا احوال لکي ٿي. سلطانه وقاصي هن سفرنامي ۾ دل جا احوال ۽ سفر دوران شين ۽ ماڻهن ڏانهن پنهنجو عمل يا رد عمل لکي ٿي. ڪراچي کان ڄامشورو علامه آءِ آءِ قاضي ۽ سنڌالاجي جي مختصر تاريخ لکي پنهنجو خيال ۽ ڪچهري جو احوال لکي ٿي. حيدرآباد پهچي سنڌ ميوزيم جو منظر خوبصورت لفظن ۾ پيش ڪري ٿي. 90 جي دور ۾ سنڌ سان ڪلور بيان ڪري ٿي. حيدرآباد ۾ راڪاسن جو ذڪر ڪري جذباتي ٿي وڃي ٿي. سنڌين سان پنهنجي شهر ۾ ظلمن جو ذڪر ڪري ٿي ۽ چئي ٿي ته "مان سمجهان ٿي ته اديب جي لکڻين ۾ ايتري سگهه هجي جو پڙهندڙ کي اهو پيغام ڏئي سگهجي ته پنهنجي تحفظ لاءِ هٿيار کڻڻ يا جنگ جوٽڻ ۾ ڪا به خرابي نه آهي. اگرائي نه ڪجي پر جي ڪير حمله آور ٿئي ته مقابلي ڪرڻ جي قوت هئڻ ڪپي."



جيجي زرينه بلوچ سان گڏ سيئي ساهيڙيون "پٽ جا پٽائي، پٽ تي وسئي نور، منهنجون تو پڇايون" چوندي پٽ شاهه وٽ حاضري ڀري روشن تارا اسڪول هالا ۾ منجهند جي ماني کاڌي ۽ هالا شهر گهمڻ جو احوال آهي. موري پهچي شاندار آجياڻو ۽ ٻالهه ٻولهه جو ذڪر آهي. هو سڄي سفر دوران پنهنجي ويجهي دوست فهميده حسين سان گڏ ڪوچ جي سيٽ تي ويٺي تنهنڪري هڪ ٻئي سان سور سلڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جو به انهن کي خوب موقعو مليو. سفرنامي ۾ سلطانه لکي ٿي ته: "سچ پچ لکندڙ سان هڪ وڏي ويڌن اها به آهي ته هو دنيا جا سور سنڀالي يا پنهنجا، لکندڙ به ته هن معاشري ۾ رهندڙ هڪ فرد آهي، هڪ احساس ۽ ڏات رکندڙ فرد جي حوالي سان هو ٻٽيون ڀوڳنائون ٿو ڀوڳي. پاڻ سان ٿيندڙ ڀوڳنائون هو هڪ ته لکي نه ٿو سگهي. اگر لکي به ٿو ته حوالا ٻين جا ٿو ڏئي ۽ ڪردارن جا نالا ٿو مٽائي ايترو ڪجهه ڪرڻ جي باوجود اگر ڪير ان لکت کي سمجهي وڃي ته هي ڪنهنجي لاءِ لکيو ويو آهي ته پوءِ سائين بس مصيبت، لکندڙ جو ٻج ٻج پٽيو ٿو وڃي".

سلطانه وقاصي پريا شهر ۾ وينا شرنگي سان گڏ هڪ ئي ڪمري ۾ رهي ٿي پر هن سان هند سنڌ جي تبديلين بابت، ادب بابت ڪا به گفتگو نه ٿي لکي. ڪوٽڙي ڪبير جي لائبريري جو اتساهيندڙ ذڪر ڪيو آهي. سچل سرمست جي روضي جو جذباتي ذڪر پيش ڪيو آهي. راڳ جي محفل ۾ جهمر جو ذڪر ڪيو آهي. "ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان" جهونگاريندا سچل سائين وٽ پهچڻ ۽ سگا گمبٽ جو شاندار طريقي سان استقبال جو ذڪر آهي. سکر پهچڻ ۽ ساڌ ٻيلي جو سير ڪرڻ ۽ ان جي تاريخ جو مختصر احوال سفرنامي ۾ ملي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي طرفان آجياڻي جي تقريب جو

من موهيندڙ احوال پڙهندڙ کي ڪلايو ڇڏي. لاڙڪاڻي جو ذڪر نڪرندي ئي سلطانه کي بهه ۽ لوڙه ياد اچي ويا ۽ ڏڏڙي جيڪا گهوڙيا ٽالن ۾ ڪٽي وڪڻندا آهن. هن لاڙڪاڻي جي زيتون جي تعريف ۾ پڻ لکيو آهي. هوءَ بس ۾ سفر دوران مختلف صوبن جي ماڻهن کي سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالتن بابت اکين سان ڏيکاريندي تبصرو ڪندي رهي. اسلام آباد، پشاور، بلوچستان ۽ ڪراچي جي اردو ميڊيا جي رپورٽن کي آگاهي ڏيندي رهي. هن موهن جي دڙي آجياڻي ۽ پروگرام جي بندوبست جي تعريف ڪئي. ڪچهري دوران چرچن، ڪل مذاق ٺهڪن سان گڏ سنڌ جي ماضي قديم جي تاريخ جو ذڪر آهي.

خيرپور ناٿن شاهه وٽان گذرندي سلطانه کي ايم آر ڊي تحريڪ دوران هن شهر رهواسين جي جدوجهد ياد اچي وئي ۽ پوءِ يارنهن سالن جي بربريت جو ذڪر ڪري ٿي. ناٿن شاهه جي شهيدن کان وٺي ڪيترائي ظلم جا مختصر حوالا لکي ٿي. هالا شهر ۾ بيدردي سان ماڻهن کي ڪٽيو ويو، ڳوٺ ايوب ٿهيم کي باهه ڏئي ساڙيو ويو. هوءَ ٿوڙهي ڦاٽڪ جي واقعي جو حوالو لکي پڙهندڙ کي جذباتي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي.

سلطانه پنهنجي اباڻي شهر ميهڙ جو خوب ذڪر ڪيو آهي. هن جو ننڍپڻ هتي گذريو آهي. پنهنجي دور جون ڳالهيون لکي جڻ ته پنهنجي ڪٿا لکي اٿائين. ميهڙ جي ميندي ۽ مائي جو ذڪر لکيو اٿائين. سچل جو قافلو ميهڙ کان پوءِ مخدوم بلاول جي روضي تي حاضري ڀري ٿو. جتي سڳا وارن محترم عبدالمجيد جمالي ۽ محترم عادل سخيراڻي جي اڳواڻي ۾ شاندار پروگرام ترتيب ڏنو. سين کي اجرڪ ۽ سوکڙيون ڏنيون ويون. پروگرام ۾ گوبند مالهي خطاب ڪندي تاريخي لفظ چيا ته: ”جيڪڏهن دارا شڪوه هندستان جي تخت تي ويهي ها ته هندستان جي ۽ سنڌ جي



تاريخ بدلجي وڃي ها. دارا شڪوه تي مخدوم بلاول جو گهڻو اثر هو. مخدوم بلاول سنڌ لاءِ ئي شهيد ٿيو هو.“

سچل قافلو سيوهڻ شريف ۾ لعل شهباز قلندر جو روضو ۽ قلعو گهمي رات دير سان پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانو ٿيڻ جا مختصر احوال سفرنامي ۾ لکي سنڌ جي سير جي پڄاڻي ڪري ٿو.

سلطانه وقاصي جو ”خوابن جو سفرنامو“ واقعي به هن جي خوابن وانگر لکيل خوبصورت سفر جي رپورٽ آهي. سماجي تنظيمن جي ڪارڪن لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهه آهي. ڪتاب هڪ ادبي شاهڪار آهي جنهن ۾ تاريخ سان گڏ تمام گهڻا تاثرات آهن. هڪ حساس پڙهيل لکيل، قومي شعور ۽ درد رکندڙ هڪ عام سنڌي عورت جي ٻولي ۾ داستان آهي. جنهن ۾ نه ادبي تشبيهون، نه وري تمثيلون آهن. نه پهاڪا يا چوڻيون، نه وري وقفي وقفي سان شعرن جو ورجاءُ آهي. ڳالهه سڌي ۽ پنهنجي سلطانه وقاصي جي آهي، جيڪا هن سفرنامي جي سونهن آهي.

**(3) وينا شرنگي جي سفرنامي ”ڪچان تان ڪافر“ جو اپياس:**

هي سفرنامو هند سنڌ جي مشهور ليکڪا، شاعره ۽ ڪمپئر وينا شرنگي جو لکيل آهي. اهو سفر نامو پهريون ڀيرو 1992ع ۾ پروميلا پبليڪيشن نيو دهلي انڊيا طرفان ڇپايو ويو. ان جو ٻيو ڇاپو سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر جي ڪوآرڊينيٽر پروفيسر بخش علي چانڊيو پنهنجي نظرثاني ۾ 2019ع ۾ ڇپايو. سفرنامي ۾ مختلف عنوانن ڏئي 43 حصن ۾ ورهايل آهي جيڪي بين الاقوامي سچل ڪانفرنس جي مختلف اجلاسن ۽ سنڌ جي سير دوران مختلف شهرن، پروگرامن ۽ واقعن تي مشتمل آهن. وينا شرنگي هي سفرنامو سورهير راجا ڏاهر ۽ شهيد بلاول کي ارپيو آهي. هن

سفرنامي جو مهاڳ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي باني ،سماج سڌارڪ محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب لکيو آهي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان ڇاپيل ڪتاب پڪي جلد سان 240 پيجن تي مشتمل آهي، جنهن جي قيمت 400 روپيا آهي.

هن سفر نامي ۾ بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۽ سنڌ جي سير جو احوال آهي. وينا شرنگي پنهنجي طرفان ڪچان ته ڪافر ۾ لکي ٿي ته: ”هي تصنيف سنڌ جي تهذيب، علم، ادب، فن، ريتن رسمن، سماجي اخلاقي قدرن ۽ قديم سڀيتا جي وارثن جي عظيم تاريخ جو اکين ڏٺو احوال ۽ مشاهدو آهي.“

وينا شرنگي بين الاقوامي ڪانفرنس جي مختلف ويهڪن جو احوال ۽ ان دوران مختلف شخصيتن سان ملاقاتن جو ذڪر ڪري ٿي. وينا شرنگي جي بهترين ڳالهه اها آهي ته هو جنهن ماڻهو سان ملي ٿي ان جي صورت، سيرت ۽ شخصيت جو خاڪو پيش ڪري ٿي ۽ هن جي اهڙي حافظي تي سلام پيش ڪجي ٿو. سيد غلام مصطفي شاهه جي شخصيت جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکيو اٿائين. ”شاهه صاحب جي اها عادت آهي، دنيا جي ڪهڙي به ملڪ ۾ وڃن اتان لڪڻ وني اچن يا وري ڪين دوستن طرفان الڳ الڳ ملڪن جا نموني نموني جا خوبصورت ڊزائين وارا لڪڻ تحفي طور مليل اٿن. جيڪي هن پٽين جي چارون طرف ٽنگي ڇڏيا آهن.“ اهڙي طرح وينا سفرنامي ۾ شيخ اياز سان ملاقات جو پيرائتو احوال سان گڏ اياز جي باري ۾ سنو تجزيو پيش ڪيو اٿائين.

بين الاقوامي سچل ڪانفرنس ۾ ڪل 58 مقالا پڙهيا ويا جنهن ۾ مختلف زبانن جي دانشورن انگريزي، اردو، سنڌي، پنجابي، سرائڪي وغيره ۾ پڙهيا. ڪانفرنس ۾ ڇهه اجلاس ٿيا ۽ هڪ بين الاقوامي سنڌي مشاعرو ٿيو. هر اجلاس جو الڳ احوال



لکي بهترين معلومات فراهم ڪئي اٿائين. وينا جي حافظي کي سلام آهي جو ايترن ماڻهن کي ياد ڪيو اٿائين ۽ سفرنامي ۾ انهن جو احوال اهڙي نموني لکيو اٿئين جو پڙهندڙ بلڪل به بور نه ٿو ٿئي. سگا طرفان بين الاقوامي سنڌي مشاعري ۾ شرڪت ڪندڙن بابت نظارو پيش ڪندي وينا لکي ٿي ته: ”ان حسين دلڪش رات جي هر مٽر ڏڙڪڻ ڪان واقف هيس. ڪن چهرن تي مسڪراهٽ ته ڪي چهرا سوچ ۾ ٻڏل، ڪن جي اکين ۾ اوسيئڙو ۽ چمڪ ته چڻ ڪن لبن تي لرزش، ته چڻ ڪن ڪنن کي مشاعري ۾ گونجندڙ غزلن جي مٺن ٻولن جي جهنڪار جو انتظار.“

وينا شرنگي سفر دوران پنهنجا احساس، محبتون، تجزيا ۽ تاريخي حوالا لکي ٿي. هڪ هنڌ هوءَ لکي ٿي ته: ”سچل سائين اعلان حق جو قائل هو. ڪليو ڪلائو چوندو هو: سچ ٽا مرد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي. سندس ڪلام ۾ توهان کي شير جي گهرج ۽ بادلن جي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ ايندي. مان جڏهن سنڌ جي ڪليل آسمان تي نگاهه ڪندي آهيان ته ستارن جي جهرمٽ مان سچل سائين جي ڪلام جو پڙاڏو ٻڌندي آهيان. سچل ان سنڌ جو ترجمان آهي جا ڪلمئہ حق جي علم بردار آهي. جنهن ڪڏهن به جبر ۽ مڪر سان سمجهوتو نه ڪيو آهي. جنهن هردم ۾ منصور جي روايت کي زنده رکيو آهي.“

هوءَ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، مخدوم بلاول، لعل شهباز قلندر، علامہ آءِ آءِ قاضي جي روضي تي وڃي پنهنجون ڪيفيتون شاندار انداز سان بيان ڪري ٿي. هن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، سنڌ ميوزيم حيدرآباد، روشن تارا اسڪول هالا، روشن تارا اسڪول مورو، الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي ڪبير، سکر، ساڌ بيلو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، شڪارپور، موهن جو دڙو، شهدادڪوٽ ۽ ٻين ڪيترن علمي ادبي پروگرامن جو پيرائتو

احوال قلمبند ڪيو آهي.

هوءَ سفرنامي ۾ بين الاقوامي سچل ڪانفرنس جي موقعي تي خاص سووينئر ڇاپي تي خوبصورت تبصرو ڪري ٿي. ان موقعي تي سگا طرفان خاص ڪتاب "سچل سارو سچ" ۾ ڇپيل هر هڪ مقالي تي پنهنجا خيال پيش ڪري سفرنامي کي وڌيڪ اهميت لائق بڻائي ٿي.

وينا شرنگي جي سفرنامي "ڪچان تان ڪافر" ۾ استعمال ٿيل ٻولي سنڌي سليس ۽ سنڌ ۾ مروج عام آهي ان ۾ گوبند مالهي جي سفرنامي جي برعڪس هندي لفظ استعمال ٿيل نه آهن. وينا جي لکيل سفرنامي "ڪچان تان ڪافر" ۽ گوبند مالهي جي لکيل سفرنامي "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ" وچ ۾ هڪڙو فرق اهو به آهي ته وينا پنهنجي سفرنامي ۾ همسفر ساٿياڻين جي ڪپڙن، لٽڻ، ميڪ اپ جو ذڪر ڪيو آهي. انديا جي فلمن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪچهري جو پيرائتو احوال، ادب، ٻولي، عورتن جي ترقي ۽ ٻين سماجي مسئلن بابت ڪيل ڪچهري، سوال جواب لکي سفرنامي کي اصلي مزيدار ڪري ڇڏيو آهي. هن مالهي وانگر ڪٿي به اهو ذڪر نه ڪيو آهي بين الاقوامي سچل ڪانفرنس جا فائدا ڪنهن کي ۽ ڪهڙا ٿيندا. پاڪستان سرڪار هن ڪانفرنس ذريعي دنيا کي ڇا ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. اهڙي طرح وينا وس ڪري سياسي بحث نه لکيو آهي. جيڪا هن جي سفرنامي نمايان ڳالهه آهي. محترمه سلطانه وقاصي جي سفرنامي "خوابن جو سفر" جي ڀيٽ ۾ موقعي مناسبت سان وينا پنهنجي سفرنامي ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن جا بيت به گڏ لکي پنهنجي ڳالهه کي وڌيڪ خوبصورت بڻايو آهي.



"ڪچان تان ڪافر" سفرنامو پڙهندي سنڌ جي تاريخي معلومات پڻ ملي ٿي. ڪوٽڙي ڪبير تي نالو ڪيئن پيو؟ ساڌ ٻيلو جي تاريخ، ان ۾ مندر ۽ آشرم بابت دلچسپ معلومات، موهن جو دڙو جي تاريخ ۽ ان مان لڌل شين بابت بهترين انداز سان ذڪر پيش ڪيو آهي. مختلف دعوتن ۾ علم ادب جي ڪچهرين جو احوال لکي سفرنامي کي هڪ علمي ادبي تاريخي شاهڪار دستاويز بڻائي ڇڏيو آهي. تنهنڪري اها ڳالهه چئي سگهجي ٿي ته سفرنامو "ڪچان تان ڪافر" هڪ اهڙو سماجي تاريخي ڪتاب آهي جو پڙهندڙ آخر تائين هي سفرنامو پڙهندي بور نه ٿيندو.

**سگا جو ماضي قريب:**

## سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن
## جي ويجهڙ وارن 14 سالن جي تاريخ جو اپياس

(2005ع – 2018ع)

**چيئرمين جي عهدي تي ٿيندڙ تاريخي چونڊ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي بقا ۽ پائيداري سماجي خدمتن سان گڏ جمهوري انداز سان مقرر وقتن تي صاف، شفاف ۽ غير جانبدار اليڪشن جا انعقاد ۽ آئيني ۽ جمهوري انداز سان فيصلا سازي بہ آهن. تاريخ ۾ پهريون دفعو چيئرمين جي عهدي تي محترم الطاف حسين ڳورڙ ۽ محترم ولي محمد روشن مد مقابل ٿيا . الطاف ڳورڙ اليڪشن ۾ سوڀارا ٿيا. سگا ۾ اليڪشن ٿينديون رهيون آهن ۽ مختلف عهدن تي زبردست مقابلا پڻ ٿيا آهن. پر سگا چيئرمين اڪثر ڪري بنا مقابلي چونڊيو ويندو هو. الطاف حسين ڳورڙ جي سگا جي مرڪزي عهدي تي بلڪل نئين اينٽري هئي ۽ هو اڳ ۾ ڪڏهن بہ شاخ جا صدر يا جنرل سيڪريٽري بہ نہ رهيا هئا. سگا جي باشعور ساٿين نواڻ ۽ سماجي ڪمن جي بهتري خاطر بلڪل هڪ نئين ساٿي کي ڪامياب ڪري خدمت جو موقعو ڏنو . هي اليڪشن سنڌ جي تاريخي ۽ پراڻي راڄ ڏاني خدا آباد ۾ سگا شاخ خدا آباد جي ميزباني ۾ ٿي.

الطاف حسين ڳورڙ جي دور ۾ سگا، شاندار تعليمي توڙي سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون ڪيون. الطاف حسين ڳورڙ صاحب



جي 2004ع ۾ چيئرمين جي منصب ماٿڻ ڪانپوءِ پهرين مهيني ۾ ئي شاه سچل سامي بين الاقوامي امن ڪانفرنس منعقد ٿي. جيڪا تمام گهڻو ڪامياب وئي. سگا جون شاخون پڻ وڏيڪ سرگرم رهيون ۽ ٿيون.

**شاهہ سچل، سامي امن ليڪچر پروگرام:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ”شاهہ سچل، سامي امن ڪانفرنس جي عنوان هيٺ ليڪچر منعقد ڪرايا. جڳ مشهور ۽ بهترين انسان جو اعزاز ماڻيندڙ پارتي سنڌي دانشور دادا جي پي واسواڻي جا حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ليڪچر ڪرايا ويا. حيدرآباد ۾ سنڌ ميوزم جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ شاندار پروگرام ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جناب مظهرالحق صديقي ڪئي ۽ افتتاحي خطاب سگا جي چيئرمين جناب الطاف حسين ڳورڙ جن ڪيو. دادا جي پي واسواڻي چيو تہ دنيا کي عملي طرح محبت ۽ پيار جي ضرورت آهي. انسان ذات لاءِ محبت ۽ پيار بنا معاوضي جي هئڻ کپي. صبر، انسانيت جي خدمت، نوڙت، درگذر، خواهش کي پري رکڻ ۽ انا کان پاڪ هجڻ سان ئي ڪاميابي حاصل ٿي سگهي ٿي. هڪ شاندار ليڪچر 18 مارچ 2005ع تي ميريٽ هوٽل ڪراچي ۾ پڻ ٿيو. جنهن ۾ هن پنهنجي مخصوص محبت واري انداز سان گفتگو ڪري سڄي سنڌ ما آيل سوين ماڻهن تي سحر تاري ڪري ڇڏيو. 20 مارچ 2005ع تي بيچ لگزري هوٽل جي تمام وڏي لان تي ماڻهن جي وڏي تعداد کي جي پي واسواڻي صاحب سگا طرفان رچايل ”روح رهاڻ“ کي خطاب ڪيو. هن ”شڪر“ تي ليڪچر ڏنو. اهي ليڪچر ڏاڍا ڪامياب ويا ۽ يادگار رهيا.

**ٻارن جي دل ۾ سوراخ جي اوپن هارٽ سرجري جو**

**هندستان مان مفت علاج:**

ڪامياب، شاندار ۽ تاريخي ڪانفرنس ڪانپوءِ ساڌو واسواڻي مشن هندستان طرفان سگا کي هڪ خدمتن ڀريو پراجيڪٽ مليو. الله تعالي جا ڪروڙين ڪرم جنهن سگا ۽ سگا جي ساٿين کي ان عظيم پروجيڪٽ لاء چونڊيو ۽ حصو بڻايو. الله تعالي جنهن سان ڀلائي ڪندو آهي ان کي خدمت خلق ۽ دين جي ڏڳ يا واڳ عطا ڪندو آهي. آءٌ هن پروجيڪٽ کي سگا ۽ سگا جي ساٿين لاءِ الله تعالي جي ڀلائي ۽ راضپو تصور ڪيان ٿو ۽ سمجهان ٿو. ٻار معصوم آهن.

ٻار هن ڪائنات ۽ ڌرتي جي سونهن آهن. ٻار هن ڌرتي جا ڏٽي ۽ اسان جا وارث آهن . ٻار والدين لاءِ مٺو ميوو آهن. ٻار والدين جون اميدون ۽ آس آهن. ٻار والدين جون خوشيون آهن. هن ڪائنات جون حقيقي خوشيون ٻارن سان ۽ ٻارن جي ٻاتڙين ٻولين سان آهن. هن مبارڪ ۽ خدمت ڀرئي پروجيڪٽ جي سعادت تحت، سگا سنڌ مان، ”دل ۾ سوراخ“ جي مرض ۾ مبتلا 18 ٻارن جي نانا وتي اسپتال ممبئي هندستان مان مفت ۾ ڪامياب اوپن هارٽ سرجري ڪرائي. جنهن جو مڪمل خرچ ڪروڙن روپين ۾ هو ۽ پاڪستان ۾ علاج به ممڪن نه هو. الله تعالي جو هي فرمان هت ضرور لکندس ته ”توهان جي اتان مدد ڪندس جتان توهان کي گمان ئي نه هوندو“ اهي ٻار هن وقت جوان ٿي ڪامياب زندگي گذاري رهيا آهن.

2005ع کان 2015ع تائين سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي رهيو، جڏهن ته چيئرمين محترم ولي محمد روشن، جناب الطاف حسين ڳورڙ، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ،جناب رفيق احمد جعفري جن رهيا آهن. انهن جي



رهبري ۽ سچائي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو.

**خوشحالي بئنڪ پروجيڪٽ جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سماجي خدمتن جي جذبي تحت غربت جي خاتمي ۽ ماڻهن کي معاشي طور پاڻيرو ڪرڻ لاءِ 2002ع کان خوشحالي بئنڪ سان گڏجي ڪم ڪندي پئي اچي. 2002ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي رتوديرو کان شروعات ڪئي پوءِ نوابشاه، گهوٽڪي ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن، تعلقن ۾ 2020ع تائين 17 شهرن ۾ ڪم ڪيو. ڪووڊ وبا دوران بئنڪ جون پاليسيون تبديل ٿيون جنهن ڪري سگا هن وقت ڪجھ ئي شهرن ۾ خوشحالي بئنڪ سان ڪم ڪري رهي آهي. سگا غريب ماڻهن ۾ جاڳرتا ڏئي ڪميونٽي آرگنائيزيشن ٺاهي انهن کي روزگار لاءِ ننڍا ننڍا قرض ڏئي پاڻ ڀرو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سگا هر سال سوين ماڻهن کي خوشحالي بئنڪ کان ننڍا ننڍا قرض وٺي ڏئي ٿي. نه صرف اهو پر، سگا جي هن پراجيڪٽ ۾ ڪنڌڙ ڪيترن نوجوانن کي تجربو ڪرائي مختلف بئنڪن ۾ سٺيون نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب بڻايو. دنيا ۾ غربت کي ختم ڪرڻ جا ڪيترا ئي ڪامياب ماڊل هلن پيا. بنگلاديش کان وٺي ٻين ترقي پذير ملڪن خوب نتيجا حاصل ڪيا آهن پر پاڪستان ۾ اجا گهربل نتيجا نه ملي سگهيا آهن.

نتيجن نه ملڻ تي تحقيق ٿيڻ گهرجي. هن پروجيڪٽ جي پسمنظر ڪجھ ان ريت آهي ته اسٽيٽ بئنڪ جي قاعدن پٽاندڙ سگا کي ڪمنيوٽي موبلائيزيشن جي ذميوارين سان حصيداري آهي. هر بينڪ جي برانچ ۾هڪ مرد ۽ هڪ عورت موبلائيزر جي مقرري سگا ڪندي آهي. انهن موبلائيزرس جو ڪم، مختلف ماڻهن سان ملي انهن کي قرض وٺڻ ۽ ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪرڻ لاءِ

آماده ڪرڻ آهي. بئنڪ اهو قرض آسان قسطن ۾ انٽريسٽ سميت واپس وٺندي آهي. بئنڪ پرافٽ جو حصو سڳا جي اڪائونٽ ۾ موڪليندي آهي.

**سڳا پني عاقل طرفان الشمس خيراتي ڪلينڪ جو قيام:**

برانچن جي تاريخ ۾، سڳاپنوعاقل شاخ صحت جي سهولتن کي غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ يقيني بنائڻ خاطر پهرين نومبر 2007ع تي الشمس خيراتي ڪلينڪ جي شروعات ڪئي. سنڌ جي سخي ۽ تاريخ ساز ڪردار چاچي شمس الدين شيخ صاحب پنهنجي سموري ملڪيت سڳا جي نالي ڪري هڪ سونهري تاريخ رقم ڪئي ۽ سماجي ڪمن لاءِ اتساه بخشيو. سندس ان ملڪيت ۽ پلاٽ تي الشمس خيراتي اسپتال قائم ڪئي وئي آهي.

**ڪپري ۾ ايڪشن ايڊ طرفان سڳا کي سماجي جاڳرتا پروجيڪٽ جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سماجي خدمتن کي مڃتاملڻ لڳي. مختلف ادارن ڪارڪردگي جي بنياد تي پراجيڪٽ ڏيڻ شروع ڪيا. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن کي ايڪشن ايڊ پاڪستان مالي سهڪار سان "سماجي جاڳرتا جو پراجيڪٽ نالي" "ايڪشن ايڊ پاڪستان" ڊي اي 8 ڪپرو مليو.

سڳا اهو پراجيڪٽ تعلقي ڪپرو جي وڏي ۾ وڏي يونين ڪائونسل ڪامل هنگورو جي 15 ڳوٺن ۾ ڊسمبر 2000ع کان شروع ڪيو ۽ جون 2009ع ۾ ختم ڪيو. هن پراجيڪٽ جو بنيادي مقصد عام ماڻهن ۾ خاص ڪري غريب ۽ پنتي پيل طبقي جي ماڻهن ۾سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ هو ته جيئن اهي معاشري ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن ۽ پنهنجي سوچ ۾ مثبت تبديلي آڻي بهتر زندگي گذارن. سڳا هن علائقي جي ماڻهن کي



مختلف طريقن سان سماجي جاڳرتا ڏني ته جيئن اهي پنهنجي تعليمي ترقي ۽ صحت جي سهولتن بابت واقفيت، غربت جو خاتمو، عورتن جا حق، ٻارن جا حق، ڪاڏ خوراڪ جي اهميت ۽افاديت بابت، ڳڏيل انساني حق، هنگامي امداد وغيره بابت معلومات ۽ مهارت رکي اڳتي وڌن ۽ مسئلن جي حل لاءِ مسلسل ڪوششون جاري رکن.

سڳا ان ڏس ۾ حدف جي حاصلات لاءِ ڪيترائي تربيتي پروگرام منعقد ڪرايا .

**سڳا جو رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ سان الحاق:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سن 2000ع ۾ رورل سپورٽ نيٽ ورڪ جو بنيادي ميمبر بڻيو. جنهن تحت مختلف تنظيمن کي پراجيڪٽ مليا. رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ ذريعي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي يو ايس ايڊ جي مالي سهڪار سان هڪ فلاح پراجيڪٽ 2008ع ۾ مليو Family Advancement for Life and Health (FALAH). ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفي لاءِ ڪم جو منصوبو هو جنهن جو ڪم مرڪز، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي حڪومتي ۽ نجي شعبن سان گڏجي ڪم ڪرڻو هو. هن پراجيڪٽ جا بنيادي مقصد ٻارن جي پيدائش ۾ وقفي جي طلب وڌائڻ، صحت ۽ آبادي جي حڪومتي ادارن ۾ وقفي ۽ خانداني زندگي ۽ صحت بابت بهترين خدمتون پهچائڻ هو. صحت جي خانگي ادارن ۾ پيدائش ۾ وقفي ۽ خانداني منصوبابندي بابت بهترين خدمتون فراهم ڪرڻ هو ۽ ٻارن جي پيدائش ۾ ڪتب ايندڙ شين جي سماجي تشهير ڪرڻ هو.

سڳا ان مقصد جي حاصلات لاءِ پنهنجون سرگرميون ڪپري تعلقي جي 5 يونين ڪائونسلن ۾ شروع ڪيون جنهن ۾ ڪامل هنگورو، هٿونگو، ڊليار، ڪاهي ۽ ڪوڙي شامل هئا. سڳا 142 ڳوٺن

۾ 284 ڪميونٽي آرگنائيزيشن ناهيون ۽ سماجي جاڳرتا جو ڪم شروع ڪيو. اهڙي طرح سانگهڙ ضلعي جي ڪپرو، ٽنڊو آدم، ڄام نواز علي، ۽ شهدادپور تعلقن جي 16 يونين ڪائونسلن ۾ پنجن سالن لاءِ فلاح پراجيڪٽ تحت ڪم ڪيو ويو.

**قدرتي آفتن ۾ سگا جو ڪردار:**

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جي تاريخ شاندار انساني خدمتن تي مشتمل آهي. سگا جا ساٿي انساني خدمت جي جذبي سان سرشار آهن. سنڌ ۽ سگا جا اهي املهه ڪردار هر ڏکئي وقت ۾ وڏي همت سان دکي انسانيت جي خدمت ۾ اڳ کان اڳرا رهيا آهن . بلوچستان ۾ آيل ٻوڏ ۾سگا مرڪزجي اپيل تي سگا شاخن امدادي ڪئمپون لڳائي سامان گڏ ڪري سگا ڪشمور شاخ جي سرواڻن غوث بخش ڪلوڙ ۽ فقير محمد زمان دايو وٽ پهچايو. سگا جي اڳواڻن اهو امدادي سامان بلوچستان جي متاثرين تائين پهچايو. سگا شاخن ۽ ساٿين جي خدمتن جي ساراهه سان قلبي سڪون ملي ٿو . سنڌ ۽سگا جا اهڙا انسان دوست ۽ تاريخ ساز ڪردار جڳ جڳ جيئن! آمين

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو سال 2010ع دوران سنڌ ۾ خطرناڪ ٻوڏ جي تباهيءَ سبب ٻوڏ متاثرن جي سهائتا ڪرڻ ۾ زبردست ۽ شاندار ڪردار رهيو. 7 آگسٽ 2010ع تي سنڌو دريا جو ٽوڙي بند جيڪو ڪشمور پرسان ڪرمپور ۽ غوثپور وٽان هو ٽٽي پيو. جنهن سبب آسپاس جا ڳوٺ، شهر ٻوڙيندو پئي آيو. ٻوڏ جي پاڻي ضلعي ڪشمور، جيڪب آباد ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي علائقن کي ٻوڙي ضلعي دادو جي ميهڙ، خير پور ناٿن شاهه، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ داخل ٿيو. هانءُ ڏاريندڙ قيامت جا منظر هئا. غريب مسڪين ماڻهو صرف پنهنجو سر بچائي راتون رات پڳا. ٻار ٻچا، عورتون، پوڙها سڀ پيرن پنڌ جڏهن پرسان شهر پهتا ته



خطرناڪ ٻوڏ سبب شهر ٻہ خالي ڪرايا ويا. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي رضاڪارن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻوڏ متاثرن لاءِ وس آهر ڪاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪيو. سنڌ جي مختلف 25 شهرن ۾ هنگامي بنيادن تي ڪئمپون لڳائي سرندي وارن کان امداد گڏ ڪري ٻوڏ متاثرن تائين پهچايو. ڪشمور، ٺل، گهوٽڪي، شڪارپور، شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، نئون ديرو، رتو ديرو، پنوعاقل، گمبٽ، ڪنب، نري ميرواهه، ڪرونڊي، پڊ عيدن، ڦل، ڪنڊيارو، نارو شاهه، مورو، ڦلجي اسٽيشن ،سيتا روڊ، جوهي، خدا آباد، ڀان سيد آباد، سيوهڻ، قاضي احمد، شاهپورچاڪر، ٽنڊو آدم، ڪپرو، سانگهڙ، ميرپور خاص، حيدرآباد، ڪيبر، گلشن حديد، سچل ڳوٺ ڪراچي ڪوٽڙي ۽ ٻين شاخن جي رضاڪارن ٻوڏ متاثرن لاءِ ڪاڌي پيتي جو سامان گڏ ڪيو .

ٻوڏ متاثرن جو وڏو انگ ڪراچي پهتو جتي مختلف تنظيمن ۽ حڪومت سنڌ ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي. پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ حڪومت سنڌ طرفان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي ٻوڏ متاثرن جي پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ ڪئمپ جي سار سنڀال لاءِ 29 آگسٽ 2010ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. سگا جي رضاڪارن اها ڪئمپ 15 آڪٽوبر 2010ع تائين ڪاميابي، خير خوبي ۽ خدمتن سان هلائي. جنهن ۾ 478 خاندانن جا 3287 فرد هئا. انهن کي ڪاڌ خوراڪ، صحت، تعليم ۽ ٻيون ضروري شيون مهيا ڪري ڏنيون پئي ويون. چوويهه ڪلاڪ ڪلينڪ هلائي وئي، ڊاڪٽر مقرر ڪيا ويا. اکين ۽ چمڙي جي بيمارين جون ڪئمپون لڳايون ويون. هن ڪئمپ تي 7,552,520 رپيا خرچ آيو .

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن جا مهندار ساٿي هر وقت هر حال ۾ سماجي خدمتن ڪوشان هوندا آهن. ڪرونا وبا جي خوف ۽ هراس جي ماحول ۾ ٻہ سگا جي رضاڪارن پنهنجي پرواهه ڪرڻ

کانسواءِ راشن ضرورتمندن تائين پهچائيندا رهيا ۽ سندن حوصلي سان سماج کي به حوصلو مليو پئي .

ڪٽي ڪو ٻاهه لڳڻ جو واقعو ٿئي ٿو ته سگا جا رضاڪار پيش پيش آهن.

**سگا جو ايمرجنسي بحالي پروجيڪٽ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي آر ايس پي اين جي ذريعي آمريڪي اداري يو ايس ايڊ طرفان "ايمرجنسي بحال پراجيڪٽ" مليو جنهن تحت خير پور ناٿن شاهه تعلقي جي سنڌي ٻٽڙا ۽ گوزو يونين ڪائونسل جو انتخاب ڪيو ويو. هن پراجيڪٽ تحت علائقي جي ماڻهن کي زرعي ٻاڻ، ٻج ۽ روڪ رقم ڏني وئي. مال جو گاهه، صحت ۽ صفائي جو سامان، نلڪا ۽ گهر نهرائي ڏنا ويا. مجموعي طور تي 673 خاندانن کي گهر نهي مليا ۽ باقي سامان 4644 خاندانن کي ڏنو ويو.

**سنڌ حڪومت ۽ سگا جي گڏيل سهڪار سان ڪراچي ۾ پبلڪ اسڪول گڏاپ جو قيام:**

سنڌ حڪومت سگا جي تعليمي ڪاميابين جي نيٽ ورڪ مان بيحد مطمئن ٿي آهي نتيجي ۾حڪومت سنڌ جي وزارت تعليم سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي 30 سالن لاءِ پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي 500 ملين جي اينڊومينٽ فنڊ سان 9 نومبر 2011ع ۾ منظور ڪيو ويو. پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي مين هاءِ وي روڊ کان گڏاپ طرف 23 ڪلوميٽر پري 50 ايڪڙن تي مشتمل هڪ رهائشي ادارو آهي، جنهن جو انتظام هڪ بورڊ جي ذريعي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هلائي رهيو آهي. هي ادارو ڇهين جماعت کان



ٻارهين جماعت تائين تعليم ڏئي رهيو آهي. 2022ع ۾ پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ 558 شاگرد داخل آهن.

**سنڌ حڪومت جي سهڪار سان روشن تارا اسڪولن ۾ آنڌل سڌارا:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي 22 روشن تارا اسڪولن ۾ جديد انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي شعبن کي بهترين طريقي سان پڙهائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ طرفان ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروگرام (فيز ٽيون) مليو جنهن تحت روشن تارا اسڪولن جي تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون ونڻ هو. انگريزي، رياضي ۽ سائينس لاءِ ماسٽر ٽرينر مقرر ڪري هر هڪ روشن تارا اسڪولن جي استادن کي ٽرينڊ ڪيو ويو. 380 استادن کي اسڪول ۾ ملنڌڙ پگهار سان گڏ 2000ع هر هڪ استاد کي هر مهيني واڌو پگهار ڏني وئي. روشن تارا اسڪول سيوهڻ، ڪشمور ۽ محراب پور ۾ ڪمپيوٽر ليب قائم ڪئي وئي. پرنٽر، جنريٽر ۽ ضروري شيون مهيا ڪري ڏنيون ويون. سگا مرڪز ۾ روشن تارا اسڪولز ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر بڻايو ويو.

هي پراجيڪٽ 2012ع کان 2013ع تائين هليو جنهن ۾ 2461300 روپين جي امداد ملي. نه صرف اهو پر ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروگرام حڪومت سنڌ جي ( فيز پنجون) تحت 2014ع کان 2016ع تائين 23633192 روپين جي مدد ڪئي وئي. جنهن ۾ 6 روشن تارا اسڪولن ڪشمور، سيوهڻ، محراب پور، ڪپرو، هالا ۽ ٻان سيد آباد ۾ سائنس ليبارٽري قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ شعبن جي تياري لاءِ تجربا ڪرڻ لاءِ گهربل سامان شامل هو. هن پراجيڪٽ جي ذريعي روشن تارا اسڪول ڪپرو، هالا ۽ ٻان سيد آباد کي مڪمل ڪمپيوٽر ليب تيار ڪري ڏني وئي. ان کان علاوه روشن تارا اسڪولن کي واش روم

نهرائي ڏنا ويا. روشن تارا اسڪولن ۾ سولر سسٽم ڏنا ويا ته جيئن ڪمپيوٽر ليب بهتر ڪم ڪري سگهي. ماسٽر ٽرينر مقرر ڪيا ويا جن مختلف روشن تارا اسڪولن ۾ استادن کي انگريزي پڙهائڻ جي سکيا ڏني.

اهڙي طرح ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروگرام حڪومت سنڌ جي فيز ڇهين ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي روشن تارا اسڪولن کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ پراجيڪٽ 5 مئي 2017ع ۾ منظور ٿيو ۽ 2018ع ۾ روائيز ڪري ڏنو ويو جنهن تحت 7 روشن تارا اسڪولن ۾ڪمپيوٽر ليب ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جو سامان ڏنو ويو، 6 روشن تارا اسڪولن ۾ سائنس ليبارٽري جو سامان ڏنو ويو. 8 روشن تارا اسڪولن ۾ سولر سسٽم لڳايو ويوءِ بجلي جي وائرنگ فٽنگ ڪرائي وئي. واش رومن جي مرمت ڪرائي رنگ لڳايو ويو. انهن روشن تارا اسڪولن ۾ روشن تارا اسڪول سيوهڻ، قلجي اسٽيشن، ڪشمور، پنوعاقل، بچل ڳوٺ ڪراچي، سچل ڳوٺ ڪراچي، گلشن حديد، ميرپورخاص، بدين ۽ ڪلوئي ٽر شامل هئا. هن پراجيڪٽ ذريعي 22773673 روپين جي مدد ڪئي وئي. (حوالو: سگا سالياني رپورٽ 2017ع)

**سگا جي صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي جو اپياس:**

سال 2012ع جي اليڪشن ۾ محترم پيرل خان ڪوسو سيڪريٽري صحت چونڊجي آيو. هو هڪ عوامي ماڻهو ۽ درد دل رکڻ وارو بي لوث رضاڪار آهي. سگا جي ماضيءَ جي شاندار تاريخي روايت کي قائم رکندي، هن پنهنجي دور ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيٽريون ئي صحت جون ڪئمپون لڳايون. سال 2013ع ۾ اکين جون 11 ڪئمپون، 2014ع ۾ 14 ڪئمپون، 2015ع ۾ 13 ڪئمپون، سال 2016ع ۾ 10 ۽ 2017ع ۾ 15 ڪئمپون، جڏهن ته 2018ع ۾ 21



اکين جون ڪئمپون لڳرايون. جنهن ۾ 77129 مريضن کي ٽپاسيو ويو ۽ 9582 مريضن کي آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا.

2013ع کان وٺي 2018ع تائين چمڙي جي بيمارين جون مفت 28 ڪئمپون لڳرايون ويون جنهن ۾ 38091 مريضن کي ٽپاسي دوائون ڏنيون ويون ۽ 2777 مريضن جي شگر ٽيسٽ ڪرائي وئي. نه صرف اهو پر پيرل خان ڪوسو جي قائدانا صلاحيتن جي ڪري سال 2013ع کان 2018ع تائين 22 جنرل ڪئمپون لڳايون ويون جنهن ۾ 32065 مريضن کي ٽپاسيو ويو. ڪن چپ ڪٽيلن جون 5 مفت ڪئمپون لڳايون ويون جنهن ۾ 3891 مريضن کي ٽپاسيو ويو ۽ 471 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا. ذهني صحت جي مريضن لاءِ جاڳرتا جون 5 ڪئمپون لڳايون ويون. ارڙي ۽ پوليو جي مهم جون 5 ڪئمپون لڳايون ويون. ڪاري ڪامڻ کان بچاءَ لاءِ جاڳرتا جون 7 ڪئمپون لڳرايون.

**ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽرجو اپياس:**

هيءُ ادارو CDP پراجيڪٽ جي گهرجن تحت 2008ع ۾ ريسرچ سينٽر جي نالي سان قائم ڪيو ويو.وري تاريخ 4 جون 2013ع تي سگا جي باني محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب جي سالگرهه جي موقعي تي، ان جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وئي ۽ سندس نالو تبديل ڪري ڊاڪٽرمحمد سليمان شيخ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر رکيو ويو.

2018ع جي اليڪشن کان پوءِ نئون مرڪزي سيٽ اپ ٺهيو ته هيءُ ادارو پروفيسر بخش علي چانڊيو، ميمبر سي اي سي جي حصي ۾ آيو.

بخش علي چانڊيو صاحب کو آرڊينيٽر جي ذميواري سنڀالڻ کان پوءِ هن اداري کي فعال بنايو ۽ مختلف پراجيڪٽن تي ڪم

شروع ڪيو، جنهن موجب سگا جي تاريخ کي مرتب ڪري ڇپائڻو هو. ان سلسلي ۾ پهريون ڪتاب اندين ليکڪ محترم وينا شرنگي جو سگا سچل ڪانگريس جي قافلي متعلق سفرنامو، ڪچان تہ ڪافر نئين سر ترتيب ڏئي، نئين سر ٽائيپ ڪرائي ڇپايو ويو، ان کان پوءِ سگا جا تاريخي دستاويز سگا اتهاس، سگا الماس، 100 کان وڌيڪ سگا ڪارڪنن جي پروفائيلن تي مشتمل ڪتاب "سنڌ جن جي ساھ ۾"، انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب: "Volunteerism above self" ۽ لطيف شناسيءَ تي مشتمل روشن تارا اسڪولن جي ٻارڙن لاءِ درسي ڪتاب "اسان جو ڀٽائي" ڇپجي چڪا آهن.

هتي اها ڳالھ فخر لائق آهي تہ اڳئين دور جي 11 سالن ۾ فقط هڪ مڪمل ڪتاب ۽ هڪ ڪتاب انفرميشن سيڪشن سان گڏ ڇپايا ويا هئا، پر پروفيسر بخش علي چانديو جي ٽن سالن جي دور ۾ ڪافي رڪاوٽن جي باوجود 6 ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جيڪو خود هڪ رڪارڊ آهي.

**روشن تارا اسڪول شاهپورچاڪر جو قيام:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ کان سيپٽمبر 2015ع تي روشن تارا اسڪول شاهپور چاڪر منظور ڪرايو. جنهن جو لڳ ڀڳ 22 هزار اسڪوائر فٽ پلاٽ هڪ سرندي واري سخي مرد محترم حاجي محمد عالم شر ڏنو. پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ روشن تارا اسڪول جي ڊبل اسٽوري بلڊنگ لاءِ 12,964,093 روپيا منظور ڪيا. اسڪول جي بلڊنگ مارچ 2018ع ۾ مڪمل ٿي. اسڪول کي چوديواري، فرنيچر ۽ ٽرانسفارمر وغيره جي خرچن لاءِ مدد درڪار هئي. ڪجھ پئسا ڊپٽي ڪمشنر منظور ڪيا ۽ روشن تارا اسڪول شاهپور چاڪر



سال 2021 -2022ع ۾ شروع ٿيو. سگا شاهپورچاڪر جي ساٿين جي ڏينهن رات جدوجهد اسڪول کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جاري آهي .

**سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس جو اپياس:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان ثقافت ۽سياحت کاتي جي تعاون سان 3 ڏينهن سنڌي ٻوليءَ عالمي ڪانفرنس 29 کان 31 جنوري 2016ع تي نيشنل ميوزيم ڪراچي ۾ منعقد ڪرائي وئي. جنهن جو افتتاح وڏي وزير جي صلاحڪار جناب ناصر حسين شاھ بطور خاص مهمان ڪيو. ان ڪانفرنس ۾ ٽوٽل 14 ويهڪون ٿيون. جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجھ ۽ درپيش للڪارن تي بحث ڪيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بهتري لاءِ قراردادون منظور ڪيون ويون.

**سگا جو هڪ ٻيو سنگ ميل،**
**اسلام آباد ۾ ورڪنگ وومين هاسٽل جو قيام:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شاخ اسلام آباد "ورڪنگ وومين هاسٽل" جي مد ۾ سنڌ حڪومت کان مارچ 2017ع ۾ هڪ سو ملين امداد منظور ڪرائي ۽ هڪ شاندار هاسٽل مڪمل ڪرائي، سگا اسلام آباد شاخ نوڪري ڪندڙ عورتن کي هاسٽل جي سهولت مهيا ڪري رهي آهي. ان کان اڳ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هڪ ايڪڙ زمين 1993ع ۾ ورتي. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪيو ويو آهي. اتي "شاھ عبداللطيف ڀٽائي ڪميونٽي سينٽر" قائم ڪيو. گذريل ڪيترن سالن کان سگا شاخ اسلام آباد جا ساٿي اسلام آباد ۾ ٻاهران ايندڙ ساٿين کي اسلام آباد ۾ هاسٽل مهيا ڪري رهيا آهن. شاھ عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر جڻ تہ ملڪ جي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ هڪڙي ننڍڙي سنڌ هجي جتي 500 ماڻهن جي ويهڻ لاءِ اسٽيٽ آف آرٽ شاھ عبداللطيف

آڊيٽوريم نهيل آهي، جنهن ۾ ثقافتي ۽ علمي پروگرام ٿيندا رهن ٿا. ان کان علاوه اتي هاسٽل ۾ رهائش 30 ماڻهن تائين آهي ۽ هن وقت تائين اسلام آباد ۾ نوڪري وغيره لاءِ انٽرويو ڏيڻ يا ضروري ڪم لاءِ ايندڙ هزارين ماڻهن کي رهائش جي سهولت مهيا ڪري چڪو آهي. اتي هڪ لائبريري نالي ڊاڪٽر فيروز لائبريري ناهي وئي آهي جنهن ۾ جديد ۽ قديم ڪتابن جو سٺو ذخيرو آهي جتي مطالعو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو اچن ٿا. سگا شاخ اسلام آباد جي پراجيڪٽ امپليمينٽيشن اينڊ مينيجنگ ڪاميٽي شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر ڪل وقتي عملو مقرر ڪري پنهنجي نظرثاني ۾ هلائي رهيو آهي. شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر جي بلڊنگ کي 2 سيپٽمبر 2007ع تي اچانڪ باهه لڳي وئي، جنهن ۾ آڊيٽوريم مڪمل سڙي ويو. سگا هر مشڪل سان منهن ڏيندي ان کي وري ناهيو. شاهه عبداللطيف ڪميونٽي سينٽر اسلام آباد 30 مئي 2009ع تائين بلڪل مڪمل تي ويو۽ سهولت مهيا ڪري رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سگا اسلام آباد شاخ 1976ع کان وٺي پنهنجون خدمتون جاري رکندي پئي اچي ۽ هن وقت يوٿ هاسٽل نهرائڻ لاءِ سرگرم عمل آهي جيڪو انشاءَ الله جلد نهندو.

**روشن تارا ماڊل هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ سامي بلاڪ جو اضافو:**

روشن تارا ماڊل هاير سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي ڪروڙين جي ماليت سان سامي بلاڪ نهرائي 2021ع ۾ سگا چيئرمين جناب رفيق احمد جعفري ۽ مون کان بحيثيت سيڪريٽري جنرل افتتاح ڪرايو. جڏهن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي بلاڪ ۽ سچل سرمست بلاڪ اڳ ۾ نهيل هئا. هن وقت 1200 جي لڳ ڀڳ شاگرد زير تعليم آهن پر اڄ کان 30 سال اڳ 1992ع ۾ صرف 95 شاگردن کان هن اداري گهوٽڪي ۽ آسپاس جي ماڻهن لاءِ



علم جي جوت جلائڻ شروع ڪئي. 2003ع ۾ ميٽرڪ جي پهرين بيچ ۾ 45 شاگردن مان 41 شاگردن اي ون ۽ اي گريڊ حاصل ڪيو. 2005ع ۾ انٽرميڊيٽ جي پهرين بيچ نڪتي جن اسي سيڪڙو مارڪون حاصل ڪيون ۽ ملڪ جي مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا. 2021ع تائين روشن تارا ماڊل هاير سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي مان 2176ع شاگرد ٻارهين جماعت پاس ڪري مختلف يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪئي، جيڪي زندگي جي مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي، ڪامياب عملي زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئشن شاخ گهوٽڪي جي ساٿين کي مسلسل اهڙي جدوجهد تي سلام پيش ڪجي ٿو.

## 40 هين ساليانى ڪنوينشن جي موقعي تي، مون سگا جي 2019ع جي ساليانى رپورٽ بحيثيت سيڪريٽري جنرل پيش ڪئي

دوستو ۽ ساٿيو!
السلام عليڪم

جيئي سنڌ
جيئي لطيف
جيئي لطيف جي ڌرتي
جيئي لطيف جي ٻولي!

مون لاءِ اجوڪو هي ڏينهن نهايت ئي شانائتو ۽ سڀاويڪ ڏينهن آهي، اهو ان ڪري به جو مان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جهڙي عظيم ۽ مقدس اداري ۾ سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ پنهنجي پهرئين سال جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪري رهيو آهيان.

منهنجي لاءِ اها ڳالهه انتهائي فخر ۽ اعزاز واري ڳالهه آهي ته مان هڪ اهڙي منصب تي پهتل آهيان جتي سگا جا عظيم ۽ بي لوٿ خدمتگارشخصيتون رهي چڪيون آهن، اهڙي منصب تي فائز ٿيڻ فخر سان گڏ چئلينج واري ڳالهه به آهي جو ماڻهن جون اميدون نالي سان نه ، منصب سان جڙيل آهن، ان ڪري مان ڄاڻان ٿو ته مون کي پنهنجن ساٿين کي هرگز مايوس ناهي ڪرڻو. جيتوڻيڪ مان خالد حسين چنا آهيان، مان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ يا شمشيرالحيدري يا اهڙن ٻين عظيم ڪردارن جهڙو هرگز نه ٿو ٿي



سگهان پر مون پنهنجي ٽينيوئر جي شروعاتي سال ۾ هن منصب سان انصاف ڪرڻ جي پنهنجي طور ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. مون 30 ڊسمبر 2018ع تي اهڙو حلف کنيو هو ۽ ساڻ پنهنجو پاڻ سان وچن پڻ ڪيو هو ته مان انهن سڀني رضاڪار ساٿين کي هرگز مايوس نه ڪندس جن مون تي ڀروسو ڪري پنهنجو قيمتي ووٽ ڏنو ۽ ان قابل سمجهيو ته مان سيڪريٽري جنرل جهڙي اهم عهدي تي رهي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيان.

دوستو ۽ ساٿيو!

سچ پڇو ته مون پنهنجي وت ۽ وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ته سگا مرڪز کان ويندي سڀني شاخن کي زياده سرگرم ڪيان ته جيئن سگا جي پليٽفارم تان اسين سنڌ ۽ سنڌ جي انهن ماڻهن لاءِ ڪو مانائتو ڪم ڪري سگهون، جنهن ڪم لاءِ هو سالن کان سگا لاءِ آس ڪٽي ويٺل آهن. اهوئي سبب آهي جو مان گذريل هڪ سال ۾ ڪراچي کان ڪشمور ۽ گهوٽڪي کان مٺي ۽ عمرڪوٽ کان لاڙڪاڻي تائين جا ڏينهن رات پنڌ ڪيا آهن.

مون ڪوشش ڪئي آهي ته سگا جي ساٿين سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اٿندڙ هر ان آواز کي ورنايان جتي منهنجو منصب مون کي پهچڻ جو حڪم صادر ڪري ٿو. مون ذاتي ڪم ڪار ۽ ٻيا مامرا پاسيرا رکي هر ان سرگرميءَ ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جتي منهنجي منصب موجب مون کي پهچڻ گهرجي. گذريل سال ۾ جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ گهڻا چئلينج هئا پر هر چئلينج کي هڪ موقعو ۽ هر مسئلي کي حل ۾ تلاش ڪري مان اڳتي وڌيو آهيان ۽ ان سموري سفر ۾ اسان جي ڪيبنيٽ جا سڀئي ساٿي مون ساڻ ٻڌُ ٻينا ۽ ائين به ته ٻارنهن واري فلسفي هيٺ مون کي

وڌيڪ همت، حوصلو ۽ اعتماد مليو جنهن سبب گذريل سال تمام گهڻو سرگرم سال رهيو.

آئون هتي گذريل سال جي ڪارڪردگي ڪي تفصيل سان پيش ڪرڻ ۽ گذريل سال ۾ ٿيندڙ اهم سرگرمين ۽ ڪاميابين جو ترتيبوار ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪي سلسليوار هيٺ ڏجن ٿيون:

**سگا جي برانچن جي چونڊ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 76 سرگرم برانچن جون چونڊون 9 سيپٽمبر 2018ع تي مرڪزي چونڊ ڪاميٽي جي نگراني ۾ ڪرايون ويون، جيڪي شيڊول موجب پنهنجي وقت تي ٿيون.

**39 هون ساليانو ڪنوينشن:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو 39 هون ساليانو ڪنوينشن 22 ۽ 23 ڊسمبر 2018ع تي روشن تارا اسڪول سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ سگا سچل ڳوٺ شاخ جي سهڪار سان ڪرايو ويو، جتي سڄي سنڌ جي 76 شاخن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڪنوينشن ۾ ان وقت جي سگا جي سيڪريٽري جنرل، سگا جي سالياني ڪارڪردگي رپورٽ ۽ انهيءَ سال جي بجيٽ ۽ خرچن جا تفصيل ايوان اڳيان پيش ڪيا.

**سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جون چونڊون:**

آئين موجب نئين مُدي لاءِ سگا جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جون چونڊون 23 ڊسمبر 2018ع تي روشن تارا اسڪول سچل ڳوٺ ۾ ڪرايون ويون، جيڪي چونڊون مرڪزي اليڪشن ڪاميٽيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. چونڊن لاءِ 19 پولنگ ايجنٽ مقرر ڪيا ويا هئا، جن چونڊن جي شفافيت لاءِ پاڻ چونڊ عمل جي نگراني ۽ مشاهدو ڪيو. جيئن ته ان وقت سرگرم شاخن جو تعداد 76 هو، جتي 152 سرگرم ميمبر (شاخن جا صدر ۽ جنرل



سيڪريٽري) چونڊن لاءِ اهل هئا، جن مان 145 ميمبرن چونڊن ۾ پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪيو. اهڙيءَ ريت 20 رڪني سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جي چونڊ عمل ۾ آئي. ان ڪان پوءِ آئين موجب 4 مردن ۽ هڪ عورت ميمبر ڪي ڪوآپٽ طور سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو.

**سگا مرڪزي باڊي جون چونڊون:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي چونڊيل ڪاروباري ڪاميٽيءَ يڪراءِ سان 30 ڊسمبر 2018ع تي سگا مرڪزي باڊي جي چونڊ ڪئي، جنهن جا عهديدار هن وقت اوهان اڳيان موجود آهن.

**عهديدارن جا نالا ۽ عهدو:**

محترم رفيق احمد جعفري، محترم پيرل خان ڪوسو، محترم خالد حسين چنا، محترم جاويد احمد انڙ، محترم نور محمد سيال، محترم عبداللطيف ڪرٽيو، محترم عبدالحميد بلو، محترم رفيق احمد سرهيو، محترم راز علي گل پٺو، محترمه صنم ناز جوڻيجو، محترم علي حسين بروهي، محترم ڪرم الاهي چنا، محترم ولي محمد روشن، محترم حاڪم علي اونو، محترم بخش علي چانڊيو، محترم منظور حسين اجڻ، محترم سريش ڪمار واڌواڻي، محترم عبدالرسول سومرو، محترم ارباب خالد محمود، محترمه حميده خاصخيلي، محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، محترم تاج محمد وساڻ، محترم فضل الله قريشي، محترم تاج محمد بلوچ ۽ محترمه ريشمان پٽي.

**ڪائونسل آف ميمبرس (COM) جي گڏجاڻي:**

ڪائونسل آف ميمبرس جي نئين سال 2019ع جي پهرئين گڏجاڻي 31 مارچ 2019ع تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد ۾ ٿي، جتي مختلف شاخن جي 103 ميمبرن ۽ 10 مشاهدو ڪندڙ ساٿين شرڪت ڪئي. چيئرمين سنڌ

گريجوئيٽس ائسوسيئيشن محترم رفيق احمد جعفري جي صدارت ۾ ٿيندڙ گڏجاڻي جي ايجندا ۾ تنظيم جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ۽ گڏوگڏ اداري جي ايندڙ وقت جي رٿابنديءَ لاءِ پڻ ويچاريو ويو.

گڏجاڻيءَ ۾ روشن تارا بالڪ ميلي جي انعقاد جهڙا معاملا پڻ غور هيٺ آيا ۽ اهم فيصلا پڻ ٿيا. اهڙي گڏجاڻيءَ جا منٽس سيني شاخن ڏانهن وقت سر اماڻيا ويا.

**مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون:**

2018-19ع دوران مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون 4 گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ سگا جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ۽ تنظيمي معاملن تي غور ويچار کان علاوه آئنده جي حڪمت عملي لاءِ پڻ رٿابندي ڪئي وئي. انهيءَ عرصي ۾ ٿيندڙ 4 گڏجاڻين ۾ سي اي سي جي ميمبرن جي حاضري 98 سيڪڙو رهي. گڏجاڻين جون تاريخون هن ريت رهيون.

پهرئين گڏجاڻي 29-07-2018
ٻين گڏجاڻي 04-11-2018
ٽين گڏجاڻي 10-02-2019
چوٿين گڏجاڻي 30-06-2019

**سگا هيڊ آفيس ۾ آندل سڌارا:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي هيڊ آفيس جي مختلف سيڪٽرس ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ هينيون ڪوششون ورتيون ويون.

**(i) ملازمن جي حاضري يقيني بنائڻ ۽ وقت جي پابندي:**

سگا هيڊ آفيس ۾ ملازمن جي حاضري يقيني بنائڻ ۽ وقت جي پابنديءَ لاءِ بايوميٽرڪ مشين لڳرائي وئي ته جيئن ملازمن



جي آفيس اچڻ ۽ وڃڻ جو ٽائيم رڪارڊ ڪري سگهجي ۽ سندن موڪلن جو بهتر رڪارڊ پڻ رکي سگهجي.

**(ii) رڪارڊ جي ترتيب:**

سگا هيڊ آفيس ۾ رکيل برانچن جي رڪارڊ توڙي ٻين شعبن جهڙوڪ تعليم، صحت، عورتن جي ترقي ۽ فنانس ڊپارٽمينٽس جي رڪارڊ جي ٻيهر ترتيب ڏني وئي آهي جنهن ۾ خاص طور تي سگا برانچن جي رڪارڊ سنڀالڻ ۾ آيل سڌارا ساراهه جوڳا آهن، جن جو ذڪر هتي ڪرڻ ضروري آهي.

**(الف) برانچن جو سافٽ رڪارڊ:**

سگا هيڊ آفيس ۾ قائم ڪيل برانچ ڊيسڪ وٽ سگا جي مڙني شاخن پاران ڪيل سرگرمين جون آهي رپورٽون جيڪي سافٽ آهن، انهن جو برانچ وائيز الڳ فولڊر ٺاهيا ويا آهن، جن ۾ وري تصويرن جو الڳ الڳ رڪارڊ سنڀاليو پيو وڃي. ائين ڪرڻ سان سيني شاخن جو رڪارڊ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويو آهي ۽ گڏوگڏ رڪارڊ منظم طريقي ۽ ترتيب سان محفوظ ڪرڻ سبب نه رڳو رڪارڊ جي زندگي وڌي وئي آهي پر اهڙو رڪارڊ ڳولڻ ۾ آساني پيدا ٿي آهي.

**(ب) برانچن جو هارڊ رڪارڊ:**

سگا جي سيني برانچن پاران موڪليل رپورٽون، قراردادون، درخواستون، فارم ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ الڳ فائيلن ۾ لکيل مواد جي حساب سان سنڀاليا ويا آهن. هر فائيل ۾ سيپريٽر لڳائي، هر برانچ جي بي ايم سي جا ميٽنگ منٽس، سرگرميون، چونڊن ۽ ٻين معاملن جو رڪارڊ الڳ ڪري ترتيب سان رکيو ويو آهي.

**(ت) شاخن کي سرگرم ڪرڻ ۽ ميمبر سازي وڌائڻ:**

گذريل سال سگا شاخن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ مختلف خط

لکڻ سان گڏ مون برانچ اڳواڻن کي پڻ هدايتون ڏنيون ته اهي بي ايم سي جون لڳاتار گڏجاڻيون ڪرڻ سميت ٻيون سرگرميون تيز ڪن ۽ گهربل رڪارڊ هيڊ آفيس کي وقت سر موڪليندا رهن. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان کي ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته مختلف برانچن پاران بي ايم سي جي گڏجاڻين ۾ اضافو ٿيو ۽ ميٽنگ منٽس هيڊ آفيس وقت سر موڪلڻ جو سلسلو تيز ٿيو. ساڻ اهو به ٻڌائيندو هلان ته ان عرصي ۾ سگا جون 8 نيون برانچون کليون جن ۾ ڪورنگي، پٽائي آباد، مناهي، سخي عبدالله خان شاهاڻي، پيارو ڳوٺ، چاچرو، ڪيٽي بندر ۽ عرس سومرو شامل آهن. ان سان گڏ ميمبر سازي وڌائڻ لاءِ سگا جي آفيشل فيس بوڪ پيج تي مهم هلائڻ سان گڏ سگا ويب سائيٽ تي هڪ اشتهار پڻ هلايو ويو ۽ ميمبر شپ جو فارم پڻ اپلوڊ ڪري نون ميمبرن لاءِ هدايتون ڏنيون ويون. ان سان گڏ سگا جي سيني شاخن کي خط لکي نوان ميمبر ڪرڻ لاءِ همٿائڻ سان گڏ هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون. اهڙين ڪوششن عيوض انتهائي خاطر خواهه نتيجا مليا ۽ ڪافي شاخن ۾ سنا پروفيشنل، هڏڏوڪي ۽ سنڌ دوست ماڻهو سگا جا ميمبر بڻيا آهن جنهن سبب سگا کي سماجي خدمتگار طور نوان چهرا مليا آهن جنهن سان سگا جي توانائي، سگهه ۽ اعتماد ۾ اضافو ٿيو آهي.

**(iii) آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران آندل سڌارا:**

سگا هيڊ آفيس ۾ قائم آءِ ٽي شعبي پاران مختلف سڌارا آندا ويا آهن، جيڪي ترتيبوار هيٺ ڏجن ٿا.

(الف) سگا جي آفيشل ويب سائيٽ ۾ بهتري آڻيندي ان کي اپڊيٽ ڪيو پيو وڃي. هن وقت سگا مرڪز توڙي برانچن پاران ڪيل مختلف اهم سرگرمين جا فوٽوز ۽ رپورٽون سگا جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجن ٿيون.



(ب) سگا هيڊ آفيس جي آءِ ٽي شعبي پاران روشن تارا اسڪولن ۽ سگا شاخن جا آفيشل اي ميل اڪائونٽ کولي، لاڳاپيل شاخن ۽ اسڪولن جي اختيارين ڏانهن موڪليا ويا آهن. اهڙن اڪائونٽن جي لڳاتار استعمال لاءِ ٽيليفون ۽ خطن ذريعي سيني شاخن ۽ روشن تارا اسڪولن کي بار بار آفيشل اڪائونٽ ايڪٽو رکڻ لاءِ يادداشت ناما ڏنا پيا وڃن.

(پ) روشن تارا اسڪولز ۽ سگا شاخن جا واٽس ايپ گروپ سرگرم ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ اڪثر خط ۽ ٻيا ڪم واٽس ايپ گروپن ذريعي ڪرايا وڃن ٿا. اهڙي عمل سان نه رڳو خطن لکڻ ۾ جوڳي گهٽتائي آئي آهي پر سافٽ ڪميونيڪيشن سبب هڪ ئي وقت انرجي، پئسي ۽ وقت جي بچت ٿي آهي.

**(iv)سگا هيڊ آفيس جو آفيشل فيس بوڪ پيج:**

(الف) سگا جي آفيشل فيس بڪ پيج کي انتهائي سرگرم رکيو ويو آهي. سگا مرڪز توڙي شاخن جون سرگرميون روزاني جي بنياد تي سگا فيس بوڪ تي اپ لوڊ ڪيون پيون وڃن.

(ب) سگا شاخن جي سينيئر رضاڪارن جن ۾ صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين کي سالگرهه جي ڏينهن تي مبارڪون ڪرڻ لاءِ سگا جي آفيشل فيس بڪ تان روزاني جي بنياد تي سالگرهه مبارڪ جا ٽيگ هلايا وڃن ٿا ته جيئن سينيئر رضاڪارن جي حوصلا افزائي ٿي سگهي ۽ کين گهربل مجتا ملي سگهي.

**سنڌ جي حقيقي خدمتگارن ۽ ناليوارين شخصيتن جا ڏهاڙا ملهائڻ:**

(i) گذريل سال سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران سنڌ جي انهن باوقار ۽ اعليٰ شخصيتن جا ڏهاڙا ملهايا ويا، جن سنڌ ۽ سنڌي جي ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ جيڪي هن وقت هيءَ فاني دنيا ڇڏي چڪا آهن.

اهڙين شخصيتن ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي چيف

جسٽس ۽ سگا جي پراڻي ڪارڪن **جسٽس سيد ديدار حسين شاھ** جي ياد ۾ سگا پاران 8 فيبروري 2018ع تي ڪراچي جي مهراڻ هوٽل ۾ هڪ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سگا جي مرڪزي قيادت سميت ڪراچي برانچن جي عهديدارن ۽ ميمبرن ۽ جسٽس مرحوم ديدار حسين شاھ جي عزيزن پڻ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ جسٽس ديدار حسين شاھ جي تصوير اڳيان گل نڇاور ڪيا ويا ۽ ميڻ بتيون ٻاري ڪيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

(ii) **مرحوم نذير احمد پند**: سگا جو بي لوث ڪارڪن هو، جنهن جي ياد ۾ سگا خداآباد شاخ پاران 28 جنوري 2019ع تي ورسي ملهائي وئي، جتي چيئرمين سگا محترم رفيق احمد جعفري جي اڳواڻي ۾ سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت مرحوم نذير احمد پند جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري. ورسي جي موقعي تي هڪ تقريب پڻ تي جنهن ۾ سگا جي اڳواڻن مرحوم جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي ۽ ڪيس لفظن جي شاندار پيٽا پيش ڪئي.

(iii) سنڌ جي قومي ۽ عوامي راڳي **مرحوم جلال چانڊيو** جي 18 هين ورسي سگا ڦل شاخ پاران ملهائي وئي، جلال چانڊئي جي اباڻي ڳوٺ ڦل شهر ۾ ملهايل ورسي ۾ ماڻهن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي، جتي تقريب ۾ سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت جلال چانڊئي جي فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ۽ سندس سنڌي موسيقيءَ جي ترقيءَ ۾ ڪيل خدمتن عيوض جلال چانڊيي کي خراج عقيدت پيش ڪيو.

(iv) **مرحوم غلام رسول ٻبر** سگا جو هڪ ٻيو يگانو ڪارڪن هو، جنهن سڄي ڄمار سگا سان سلهاڙجندي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪئي. سگا سچل ڳوٺ شاخ پاران مرحوم غلام رسول ٻبر



جي ورسي سچل ڳوٺ ۾ ملهائي وئي جتي رکيل تقريب ۾ سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت مرحوم جي ڪم ۽ ڪيل مجموعي خدمتن تي زبردست پيٽا پيش ڪئي.

(v) **مولوي جان محمد نهڙيو** ٿرپارڪر جو هڪ بي لوث خدمتگار رهيو آهي جنهن جي ياد ۾ 8 جنوري 2019ع تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول گرڙابهه ۾ هڪ تقريب سگا برانچ گرڙابهه پاران ڪوٺائي وئي، جتي سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت هن عظيم تعليمي ماهر ۽ ادب دوست مولوي جان محمد نهڙيو جي ڪردار تي روشني وڌي ۽ ڪيس زبردست پيٽا پيش ڪئي.

(vi) **مرحوم ناصر مورائي** جو سنڌ جي ٻولي ۽ ثقافت جي ترقيءَ ۾ نهايت اهم ڪردار رهيو آهي. سگا مورو برانچ پاران مرحوم ناصر مورائي جي 18 هين ورسي مورو شهر ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ سگا مورو شاخ جي عهديدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورسي تقريب ۾ مرحوم ناصر مورائي جي ڪردار ۽ ڪاوشن جي واکاڻ ڪندي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

(vii) سگا پٽائي آباد شاخ پاران **مرحوم استاد گل حسن** جي 22 هين ورسي تقريب پٽائي آباد ڪراچي ۾ ملهائي وئي.جتي آيل مهمانن مرحوم استاد گل حسن کي لفظن جي شاندار پيٽا پيش ڪئي ۽ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو.

(viii) ناليواري سماج سڌارڪ **مرحوم خان محمد پنهور** جي سگا مورو شاخ پاران 22 هين ورسي ملهائي وئي، ورسي تقريب ۾ سگا جي مرڪزي عهديدارن سميت سگا جي مقامي قيادت ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مقررن مرحوم خان محمد پنهور جي ڪيل خدمتن تي ڪيس زبردست پيٽا پيش ڪئي.

(ix) سگا قاضي احمد شاخ پاران سنڌ جي ناليواري شاعر **مرحوم مسڪين ملاح** جي 28 مئي 2019ع تي ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾

سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت مرحوم مسڪين ملاح کي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ ڪيس فطرت ۽ حسن سان پيار ڪندڙ شاعر قرار ڏنو.

(x) سگا پاٽ شريف شاخ سنڌ جي ناليواري دانشور ۽ تعليمي ماهر **علامه آءِ آءِ قاضي** جي 51 هين ورسي سندس اباڻي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ ملهائي. تقريب ۾ سگا جي مرڪزي قيادت سميت مقامي اڳواڻن ۽ ادب سان واسطو رکندڙ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي سنڌ ۾ تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڪيل ڪوششن جي واکاڻ ڪئي وئي ۽ ڪيس شاندار لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

**ڪتابن جي مهورت:**

(i) سگا سچل ڳوٺ پاران سنڌ جي ناليواري سفرناما نگار **محترم عبدالحئي پليجو** جي سفرنامي تي مشتمل يادگيرين جي ڪتاب "هڪ ٻي زندگيءَ جي تمنا" جي مهورت ڪئي وئي. سچل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ٿيل ان مهورتي تقريب ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ سگا جي مرڪزي قيادت سميت ناليواري شاعر امداد حسينيءَ، سحر امداد ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ۽ لکيل ڪتاب تي روشني وڌي.

(ii) سگا اسلام آباد برانچ پاران ٻن ڪتابن جي مهورت ڪرائي وئي، جيڪو پروگرام 21 جون 2019ع تي اسلام آباد ۾ تي گذريو، ٻئي ڪتاب "گلوبل سوشيو اڪنامڪ" جي موضوع تي لکيل هئا، جيڪي شڪارپور جي محترم راشد احمد مغل ۽ لاهور جي محترمه ماه رخ مغل ترتيب ڏنا. پروگرام ۾ سگا اسلام آباد شاخ جي عهديدارن، سينيٽر رحمان ملڪ، سينيٽر انور بيگ، آزاد ڪشمير جي اڳوڻي صدر سردار يعقوب خان ۽ مقامي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪتاب بابت پنهنجا ويچار ونديا.



**سنڌي ٻولي جي ترقيءَ لاءِ ڪيل ڪاوشون:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران گذريل سال سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڪيترين ئي ڪوششون ورتيون ويون، جنهن ۾ سڀ کان پهريون سگا جي اندر يعني هيڊ آفيس کان شاخن ۽ شاخن کان هيڊ آفيس خط و ڪتابت کي سنڌيءَ ۾ لکڻ کي اوليت ڏيندي هر سطح جي خط و ڪتابت سنڌيءَ ۾ هئڻ کي ترجيح ڏني وئي. سنڌ حڪومت جي مختلف سيڪريٽرين کان ويندي وزيرن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن سان لک پڙهه جو ڪم سنڌيءَ ۾ ڪيو پيو وڃي. ان سان گڏ نادرا پاران شناختي ڪارڊ سنڌيءَ ۾ ناهي ڏيڻ باوجود نادرا جي سافٽ ويئر ۾ سنڌيءَ جي نج لفظن جهڙوڪ ٽپال گهر جي جاءِ تي ڊاڪ خانو، اولهه جي بدران مغربي ضلعو ۽ مشرقي ضلعي جهڙا اردو لفظ لکڻ سبب نادرا چيئرمين کي هڪ خط لکي ڌيان ڇڪايو ويو، جنهن ۾ ڪين سافٽ ويئر ۾ غير موجود سنڌي لفظن جي نشاندهي ڪندي اهڙو مسئلو حل ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان کي اهميت ڏيڻ لاءِ سگا جي مختلف شاخن ۽ روشن تارا اسڪولن ۾ 21 فيبروري 2019ع کي ٻوليءَ جي عالمي ڏينهن طور ملهائڻ لاءِ مختلف سرگرميون ڪيون ويون، جڏهن ته ان سلسلي ۾ ٻه مکيه تقريبون سگا ڪراچي برانچ پاران پڻ ڪيون ويون، جن ۾ سگا ڪراچي شاخ پاران 20 فيبروري 2019ع تي شمشير الحيدري آڊيٽوريم نيشنل ميوزم ڪراچي ۾ ٻوليءَ تي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن پنهنجا پنهنجا تحقيقي مضمون پڙهيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ پنهنجا رايا پڻ ڏنا. تقريب ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ سميت مختلف مطالبن

تي مشتمل هڪ قرارداد پڻ منظور ڪئي وئي.

سنڌيءَ ٻوليءَ جي اهميت لاءِ سگا ڪراچي شاخ پاران هڪ ٻيو پروگرام به ٿي گذريو، جنهن هيٺ 24 اپريل 1898ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي قرار ڏيڻ واري فيصلي کي مڃتا ڏيڻ لاءِ 24 اپريل 2019ع تي سگا هيڊ آفيس ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ ٻولي جي ماهر اديبن ۽ سماج سڌارڪ ۽ ٻين ناليوارن ماڻهن سنڌي ٻولي کي لازمي ٻولي ۽ دفتري ٻولي قرار ڏيڻ واري گهرج ۽ مطالبي کي ڀيهر ورجايو. تقريب ۾ ٻولي جي ماهرن جن ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، مختيار احمد ملاح، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، سگا جي چيئرمين محترم رفيق احمد جعفري ۽ سيڪريٽري جنرل خالد حسين چنا پڻ پنهنجا رايا ۽ تجويزون پيش ڪيون.

**گورک جبل تي ثقافتي شام:**

8 آڪٽوبر 2018ع تي گورک ٽڪري تي هڪ ثقافتي شام ملهائي وئي، جتي سگا سنڌ جي ڪيترين ئي شاخن جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن گورک جي تاريخ ۽ ان جي بيهڪ ۽ حيثيت تي روشني وڌي. گورک تي ثقافتي ڪانفرنس ڪرائڻ پنيان سگا جو واضح مقصد هن ماڳ کي اهميت ڏيڻ هو ۽ هن اهم ماڳ کي زياده مشهور ڪرڻ هو ته جيئن سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جا ماڻهو گرمين جي موسم ۾ هن هنڌ اچي ٿڌ واري موسم مان لطف اندوز ٿين. گورک دراصل موسم جي لحاظ کان هڪ بهترين ماڳ آهي، جتي سياحن لاءِ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي. جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ ان پروگرام ۾ آواز پڻ اٿاريو ويو. گورک تي راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ احمد مغل ۽ صوفي ڳائڻي خوشبو لغاري پنهنجي فن جو مظاهرو پڻ ڪيو ۽ گورک تي ملهايل شام کي وڌيڪ رونق بخشي.

**پهرين مئي ”يوم مزدو“ ڏهاڙو ملهائڻ:**



گذريل سال پهرئين مئي تي مزدورن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ لاءِ سيني شاخن کي خط لکيو ويو ته جيئن هن ڏهاڙي تي دنيا سان گڏ اسين به سنڌ جي انتهائي پنتي پيل محڪوم ۽ ڪمزور طبقي مزدورن سان يڪجهتي طور ڏهاڙو ملهايون. ان سلسلي ۾ سگا جي ڪيترين ئي شاخن ”پهرين مئي“ تي سيمينار منعقد ڪيا، ريليون ڪڍيون ۽ واڪ ڪري دنيا سان گڏ سگا جو آواز پڻ مزدورن لاءِ اٿاريو. سگا جي شاخن ميرپورخاص، بدين، سيوهڻ، ڀاٽ شريف، ڀان سيدآباد، شهدادڪوٽ ۽ سگا قاضي احمد برانچ جي دوستن مزدورن جي ڏينهن تي پنهنجي پنهنجي شاخن جي طرفان پروگرام ترتيب ڏنا.

**وڻڪاري مهم:**

سنڌ ۾ وڌندڙ گرمي کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ ”پلانٽيشن ويڪ“ پروگرام ترتيب ڏنو ويو، جنهن هيٺ سنڌ ۾ هزارين نوان ٻوٽا پوکيا ويا. وڻن جي واڍي ۽ خاص طور تي ٻيلن جي وڏي پئماني تي ٿيندڙ ڪٽائي ۽ نوان وڻ نه پوکڻ سبب سنڌ ۾ گرمي پد ۾ هر سال بي انتها اضافو ٿي رهيو آهي، جيڪا ڳالهه انتهائي ڳڻتي جهڙي آهي. گلوبل وارمنگ وارو چئلينج هڪ طرف پر سنڌ ۾ نون وڻن جو نه پوکڻ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيندو پيو وڃي.

اهڙي صورتحال جي پيش نظر سيڪريٽري جنرل بهار جي آمد کان پهرين فيبروري 2019ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ سگا جي سيني شاخن کي هڪ خط لکي وڻڪاري جو هفتو ملهائڻ جي گذارش ڪئي ۽ مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته سنڌ جي اڪثر شاخن 22 کان 28 فيبروري 2019ع تائين وڻڪاري جو هفتو ملهايو ۽ روشن تارا اسڪولن ۽ شاخن مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هزارين ٻوٽا پوکي سنڌ مان گرمي جي خاتمي لاءِ

پنهنجي حصي جو ڪردا ادا ڪيو. اهڙين شاخن ۾ روشن تارا اسڪول دادو، ميرپورخاص، سيوهڻ، سگا شاخ نئون ديرو، روشن تارا اسڪول هالا، پنوعاقل، بدين، گلشن حديد، سچل ڳوٺ، ڦلجي اسٽيشن، سگا شاخ ڀاٽ شريف، اسلام آباد، ڪوٽڙي، ڦل شهر، روشن تارا اسڪول گهوٽڪي، ميرپورخاص، سگا برانچ شهداد ڪوٽ، وارهه، روشن تارا اسڪول ڪشمور، ڪپرو، ڪلوئي، سگا شاخ مناهين، روشن تارا اسڪول ميهڙ، ڀان سيدآباد، سيتا روڊ شامل هئا. ذڪر ڪيل اسڪولن جي شاگردن، استادن ۽ والدين سميت سگا شاخن جي عهديدارن ۽ رضاڪار ميمبرن وڏي تعداد ۾ ٻوٽا پوکي نہ رڳو بهار موسم کي ڀليڪار ڪيو پر سنڌ مان گرمي ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ پنهنجي حصي ۽ خصوصي طور سگا جي حصي جو ڪم ڪيو.

**8 مارچ، عورتن جو عالمي ڏهاڙو:**

8 مارچ عالمي طور تي عورتن لاءِ هڪ خاص ڏينهن مخصوص ٿيل آهي، اقوام متحده پاران عورتن لاءِ مخصوص ڪيل هن ڏهاڙي تي سڄي دنيا اندر عورتن جي حقن جا حمايتي ادارا ۽ تنظيمون ۽ ٻيا فورم عورتن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪن ٿا. گذريل سال 8 مارچ تي سگا پاران عورتن جي حقن جو ڏينهن طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن لاءِ سنڌ جي شاخن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ جيئن 8 مارچ تي سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عورت لاءِ آواز بلند ڪجي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي اڪثر روشن تارا اسڪولن ۾ 8 مارچ تي ننڍي سطح تي تقريبون منعقد ڪيون، جتي شاگردن ۽ استادن عورتن جي حقن تي روشني وڌي. جڏهن تہ عورتن جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ ٻہ وڏا ۽ اهم پروگرام ٿيا، جن مان هڪ پروگرام خواتين شاخ حيدرآباد ۽ ٻيو پروگرام سگا لاڙڪاڻو ڊويزن جي سيني شاخن جي گڏيل سهڪار سان لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. جن



پروگرامن ۾ عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ هيومن رائيٽس اڳواڻن سميت اديبن، ناليوارن وڪيلن ۽ صحافين عورتن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو.

**<u>برانچن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ</u>**
**<u>برانچن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جي تربيت ڪرائڻ</u>**

ان ڳالهہ جي ضرورت کي محسوس ڪندي تہ ادارن اندر آيل جدت ۽ نواڻ جي پيٽ ۾ سگا شاخن جي ڪم ڪرڻ جي انداز ۾ بہ جدت ۽ نواڻ اچڻ گهرجي، جنهن لاءِ سگا جي سيني شاخن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين، تنظيمي رپورٽنگ جي ماهرن، تربيتڪارن کان ٽريننگ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن لاءِ سگا جي 81 شاخن جي 162 رضاڪار اڳواڻن جي 3 مرحلن ۾ تربيت ڪرائڻ جو رٿيو ويو، جنهن لاءِ پهرئين مرحلي ۾ 23 شاخن جي 46 صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين جي ٽريننگ لاءِ 1-3 فيبروري 2019ع تائين ڪنٽري سائيڊ شيلٽ ڪراچي ۾ ٽن ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرايو ويو. جنهن ۾ ڊولپمينٽ سيڪٽر جي مختلف شعبن جي ماهر تربيتڪارن کان سگا جي فلسفي ۽ تاريخ سميت رضاڪاريت، هيومن رائيٽس، سگا جي آئين، ماليات جي معاملن، ڪاغذ ڪانسواءِ تڪڙي ڪميونيڪيشن جي طريقن، رپورٽون لکڻ ۽ رٿابندي سميت ٻين اهم سبجيڪٽس تي تربيت ڪرائي وئي. جڏهن تہ ٻئي مرحلي ۾ ساڳيو ورڪشاپ 19 کان 21 اپريل 2019ع تي ساڳئي هنڌ ڪرايو ويو، جتي سگا جي 21 برانچن جي 42 اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ تربيت حاصل ڪئي. ذڪر ڪيل ورڪشاپ ۾ سگا شاخن جي اهم اڳواڻن نهايت دلچسپي جو مظاهرو ڪيو ۽ تربيت ۾ دلي لڳاءُ ڏيکاريو. ذڪر ڪيل تربيتي ورڪشاپ ۾ پيپلز پارٽي جي سينيٽر تاج حيدر ۽ عورتن جي ترقيءَ واري ڊپارٽمينٽ جي صوبائي وزير شهلا رضا آخري ڏينهن

شرڪت ڪئي ۽ تربيت حاصل ڪندڙ رضاڪارن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا. اهڙيءَ تربيت جا انتهائي مثبت نتيجا حاصل ٿي رهيا آهن. تربيتي ورڪشاپ ڪانپوءِ اهڙيون شاخون زياده سرگرم ٿي ويون آهن ۽ سندن ڪم ڪرڻ واري ڍانءَ ۾ جدت ۽ رڪارڊ سنڀالڻ ۽ رپورٽنگ ۾ پڻ بهتري آئي آهي.

**تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي:**

سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن ڪرندڙ تعليمي معيار پاڻ سيني لاءِ ڳڻتيءَ جو معاملو آهي. جيتوڻيڪ سگا ڪرندڙ تعليمي معيار ۾ ڪو گهڻو سڌارو آڻي نه سگهي آهي، پر اسان پنهنجي گذريل هڪ سال واري عرصي ۾ پنهنجن روشن تارا اسڪولن ۾ سڌارا آڻڻ ۽ اتي بهتر ماحول سان گڏ تعليمي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، جيڪي هيٺ ذڪر ڪيان ٿو.

(i) **اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽين کي سرگرم ڪرڻ:**

اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽيز کي وڌيڪ سرگرم بنائڻ لاءِ مون هيڊ آفيس مان خط لکڻ سميت، روشن تارا اسڪولز سيڪريٽريٽ مان ڪالز ڪان ويندي ايس ايم سي ۽ سيڪريٽريٽ وچ ۾ فاصلو گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن لاءِ هيڊ آفيس مان ڪاميٽين جون گڏجاڻيون ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏيڻ سميت سيڪريٽري تعليم سگا محترم عبدالحميد ٻلو ۽ منهنجي روشن تارا اسڪولن جي وزٽ دوران به ايس ايم سيز کي فعال ۽ سرگرم بنائڻ جون هدايتون جاري ڪيون.

(ii) **روشن تارا اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن جون تربيتون ڪرائڻ:**

روشن تارا اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن ۽ هيڊ ماسترن جي پڙهائڻ ۽ انتظامي صلاحيتون بهتر ڪرڻ لاءِ استادن سميت هيڊ ٽيچرز جو تربيتي پروگرام شروع ڪرايو ويو، جنهن ۾ روشن تارا اسڪول پنوعاقل، روشن تارا اسڪول بدين، روشن تارا



اسڪول ميرپورخاص ۽ سيوهڻ، گلشن حديد پاران استادن جون تربيتيون ڪرايون ويون، تربيت ۾ استادن کي پڙهائڻ جا جديد طريقا، ڪلاس روم سنڀالڻ ۽ ليسن پلان تيار ڪرڻ جهڙن موضوعن تي تربيت ڪرائي وئي.

(iii) **اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي تياري:**

گذريل تعليمي سال 2018-19ع لاءِ هڪ ڪئلينڊر پڻ تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ روشن تارا اسڪولن جو شيڊول، سڄي سال ۾ ٿيندڙ سرگرمين جي ترتيب ڏنل آهي ته جيئن اسڪولن جي استادن کي پڙهائڻ ۽ پرنسپال ۽ ايس ايم سي جي چيئرمين کي اسڪولن ۾ پڙهائي ۽ ٻين غير نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي نگراني ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. اهڙا ڪئلينڊر سيني اسڪولن ڏانهن موڪليا ويا جيڪي اسڪولن ۾ ڊِس پلي ٿيل آهن.

(iv) **روشن تارا اسڪولن ۾ راندين جي فروغ،**
**هم نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ:**

روشن تارا اسڪولن ۾ گذريل تعليمي سال يعني 2018-19ع دوران راندين جا هفتا ملهائڻ ۽ غير نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اسڪولن جي هيڊ ٽيچرس ۽ پرنسپالس کي همٿايو ويو. نتيجي ۾ گذريل سال اڪثر اسڪولن ۾ راندين جا هفتا ملهايا ويا. عيدميلاد النبي صلعم سميت علامه اقبال، قائداعظم ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙين عظيم هستين جا ڏينهن پڻ ملهايا ويا. اڪثر اسڪولن ٻارن جا اسٽيڊي ٽوئر پڻ ترتيب ڏنا، اهڙين سرگرمين سان ٻارن جي ذهني پختگي ۽ اعتماد ۾ زبردست اضافو ٿيو آهي.

(v) **لٽريسي جو عالمي ڏينهن ملهائڻ:**

8 آڪٽوبر تي عالمي طور "لٽريسي جو عالمي ڏينهن" ملهايو ويندو آهي. تعليم جي فروغ لاءِ سگا پاران 21 آڪٽوبر تي

سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ هڪ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت پڻ شرڪت ڪئي.

تقريب ۾ روشن تارا اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ بهترين استادن ۽ بهترين هيڊ ٽيچرس ۽ پرنسپالن کي ايوارڊز ڏنا ويا. تقريب ۾ سگا جي مرڪزي قيادت سميت روشن تارا اسڪولن جي شاگردن، استادن، والدين ۽ تعليم سان سلهاڙيل ماهرن پڻ شرڪت ڪئي، جن استادن جي عظمت ۽ ان جي عظيم ڪردار کي ڀيٽا ڏني ۽ ساڻ سنڌ ۾ تعليم جي فروغ لاءِ تجويزون پيش ڪيون.

**(vi) بورڊس پاران مئٽرڪ ۽ انٽر جا آيل شاندار نتيجا:**

تعليمي بورڊس پاران تعليمي سال 2018-19ع جي مئٽرڪ ۽ انٽر جي آيل امتحاني نتيجن موجب روشن تارا اسڪولن جي هاءِ اسڪولن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي شاگردن شاندار ڪاميابيون ماڻيون. آيل نتيجن موجب مئٽرڪ ۾ 11 روشن تارا اسڪولن جي 461 شاگردن مان 113 شاگرد اي ون گريڊ، 210 اي گريڊ ۽ 79 بي گريڊ ۾ پاس ٿيا. جڏهن ته رڳو 5 سيڪڙو شاگرد يعني 27 فيل قرار ڏنا ويا. اهڙيءَ ريت هاءِ اسڪول جي ڪاميابيءَ جي شرح 95 سيڪڙو رهي. ساڳي ريت انٽر جي 204 شاگردن مان 60 شاگرد اي ون گريڊ، 51 اي ۽ 57 شاگرد بي گريڊ ۾ پاس ٿيا. مجموعي طور انٽر جي شاگردن جي ڪاميابيءَ جي شرح پڻ 95 سيڪڙو رهي. جيڪا سگا جي روشن تارا اسڪولن جي شاندار ڪاميابي آهي.

**صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ خاص طور تي تمام پنتي پيل علائقن جي انهن ماڻهن تائين به رسائي جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي ماڻهو زندگيءَ جي بنيادي



ضرورتن کان به اڃان سوڌو محروم آهن. صحت جي سهولتن جي دستيابي اڄ به سنڌ جي ڀهراڙين ۾ وڏو مسئلو آهي. جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن محدود وسيلن باوجود هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ سگا جو صحت وارو شعبو هميشه جيان گذريل سال به تمام گهڻو سرگرم رهيو. سيڪريٽري صحت سگاجناب رفيق احمد سرهيو تمام گهڻو سرگرم رهيو. گذريل سال يعني 2018-19ع ۾ سگا جي مختلف شاخن سنڌ جي پنتي پيل علائقن ۾ ميڊيڪل جون 53 ڪئمپون لڳايون، جتي مجموعي طور تي 76 هزار 474 مريضن جي چڪاس ۽ علاج ڪيو ويو. اهڙين ڪئمپن ۾ اکين جون 22 ڪئمپون لڳايون ويون، جن ۾ 24 هزار 455 اکين جا مريض چڪاسيا ويا، جن مان 2 هزار 890 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا ۽ 29 سئو 53 مريضن کي نظر جا چشما ڏنا ويا.

صحت شعبي پاران چمڙيءَ جي بيمارين جون 9 ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ 11 هزار 491 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ انهن کي ضروري دوائون پڻ مهيا ڪيون ويون. ان کان علاوه پوليو جا ڦڙا پيارڻ، ٽيسٽون ڪرڻ ۽ ٻيون 22 جنرل ڪئمپون پڻ لڳايون ويون، جن ۾ مجموعي طور 40 هزار جي لڳ ڀڳ مريضن کي تپاسيو ويو ۽ انهن جو ضروري علاج ڪيو ويو.

**سگا خوشحالي بئنڪ لميٽڊ سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ:**

هت مان اوهان کي اهو ٻڌائيندي انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان ته خوشحالي بئنڪ سان شروع ڪيل سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ گذريل سال يعني 2018-19ع ۾ سئو سيڪڙو کان وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيون. گذريل سال سگا کي 15 هزار 775 اهڙا غريب گهراڻا تلاش ڪرڻا هئا، جيڪي خوشحالي بئنڪ کان ننڍا ننڍا قرض کڻي ڪاروبار ڪري پنهنجي آمدني

وڏائي سگهن.

اسان جي ٽيم جي محنتن سان 17 هزار 144 خاندان منتخب ڪيا ويا، جيڪي هن وقت ڪاروباري سرگرمين ذريعي پنهنجي آمدنيءَ ۾ خاطر خواهه اضافو ڪري چڪا آهن. اهڙيءَ ريت خوشحالي پروجيڪٽ ۾ ٽارگيٽ کان 1369 گهراڻا وڌيڪ منتخب ۽ ڪاروبار لاءِ تيار ڪيا ويا، جنهن سبب خوشحالي بئنڪ پاران سگا جي ڪارڪردگيءَ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي وئي آهي ۽ اسان جي ان ڪم کي مختلف جاين تي مڃتا پڻ ملي آهي.

**ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروجيڪٽ (حڪومت سنڌ):**

ڪميونٽي ڊولپمينٽ پروجيڪٽ فيز 6 مئي 2017ع ۾ مليو، جنهن هيٺ ڪجهه روشن تارا اسڪولن ۾ سولر سسٽم لڳرايو ويو جن ۾ روشن تارا اسڪول سيوهڻ، ڦلجي اسٽيشن، ڪشمور، پنوعاقل، ٻچل ڳوٺ ڪراچي، سچل ڳوٺ ڪراچي، بدين ۽ ڪلوئي شامل آهن.

ان کان علاوه ساڳين ئي اسڪولن ۾ رنگ روغن جو ڪم ڪرائڻ سميت اسڪولن ۾ لائيٽ جي فٽنگ ۽ هر اسڪول ۾ 4 واش رومن جي مرمت ڪرائي وئي. مجموعي طور تي هن پراجيڪٽ هيٺ 8 روشن تارا اسڪولن ۾ هڪ ڪروڙ هڪ لک چوٽيهه هزار رپين جو ڪم ڪرايو ويو. جيڪو سمورو فنڊ سنڌ حڪومت جي پروجيڪٽ هيٺ مدد هئي.

**پبلڪ اسڪول گڏاپ:**

پبلڪ اسڪول گڏاپ سنڌ حڪومت جو هڪ اهم پروجيڪٽ آهي، جيڪو انتظامي طور سگا جي حوالي ٿيل آهي. سنڌ حڪومت ۽ سگا وچ ۾ پبلڪ اسڪول گڏاپ جا انتظامي معاملا هلائڻ ۽ بجيٽ جي متعلق باقاعده هڪ معاهدو طئي ٿيل آهي.



هن اسڪول ۾ گذريل سال جي اندر تمام گهڻا سڌارا آندا ويا آهن، جنهن هيٺ بورڊ آف گورننس جي نئين چيئرمين جي مقرري جنهن لاءِ سنڌ جي سماجي ڪيتر جي هڪ ناليواري انتظامڪار ۽ اديب محترم پروفيسر اعجاز قريشي جي مقرري عمل ۾ آندي وئي ۽ ان کان علاوه بورڊ جا نوان ميمبر پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پبلڪ اسڪول گڏاپ جي بجيٽ، خرچن جا معاملا ۽ اسڪول جي نگرانيءَ لاءِ مختلف ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون آهن ته جيئن اسڪول جا وسيلا درست جڳهه تي خرچ ٿي سگهن. ان کان علاوه پبلڪ اسڪول گڏاپ جي SOP بيهر ترتيب ڏني وئي آهي ۽ ٻيون پاليسيون پڻ بيهر ترتيب ڏنيون پيون وڃن، جن ۾ HR پاليسي پڻ شامل آهي. گذريل سال سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي طرفان اسڪول جو معيار ڏسندي 152 شاگرد پبلڪ اسڪول گڏاپ ۾ داخل ڪرايا ويا آهن، جنهن سان پبلڪ اسڪول جي آمدني ۾ اضافي سان گڏ اسڪول جي تعليمي معيار ۾ به گهڻي بهتري آئي آهي.

**پبليڪيشن:**

پبليڪيشن ۾ گذريل سال سگا سماچار کي ريگيولر ڇپرائڻ تي زور ڏنو ويو، جيڪو هر ٽن مهينن بعد لڳاتار ڇپجي رهيو آهي.

سگا سماچار لڳاتار ۽ وقت سر اچڻ سبب روشن تارا اسڪولن ۽ سگا جي برانچن کي مئگزين ۾ مناسب جاءِ ملي رهي آهي. جنهن جو شاخن ۽ اسڪولن جي ڪارڪردگي تي انتهائي مثبت اثر آيو آهي. ان سان مختلف شاخون ۽ روشن تارا اسڪولن جي سرگرمين ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ ان سان گڏ مختلف سرگرمين جون رپورٽون پڻ باقائده دستاويزي شڪل ۾ آنديون پيون وڃن جيڪا انتهائي مثبت ڳالهه آهي.

# 41 هين ساليانی کنوينشن جي موقعي تي، مون سگا جي 2021ع جي ساليانی رپورٽ بحيثيت سيڪريٽري جنرل پيش ڪئي

جناب رفيق احمد جعفري صاحب چيئرمين،
سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن،
ڪائونسل آف ميمبرز جا ڪاهوڙي ساٿيو،
معززمهمانو، گريجوئيٽ ساٿيو، ڀينرو ۽ ڀائرو
السلام عليڪم

جيئي سنڌ، جيئي لطيف، جيئي سنڌي ٻولي،

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي اجوڪي 41 ساليانی ڪنونيشن جي اهم اجتماع ۾ اسين سڀ هتي گڏ ٿيا آهيون انهي موقعي تي آئون سيني ساٿين ۽ معزز مهمانن کي دل جي گهرائين سان ڀليڪار چوان ٿو.

پيارا ساٿيو!

مون لاءِ اها اعزاز جي ڳالهه آهي ته رب پاڪ مونکي ننڍي عمر ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جهڙي مقدس ۽ عظيم تنظيم ۾ بحيثيت سيڪريٽري جنرل ٿيڻ جو اعزاز بخشيو، جيڪو اوهان سيني دوستن، ساٿين جي حمايت سان ئي ممڪن ٿي سگهيو ۽ اوهان جي مسلسل اعتماد ۽ سهڪار سان مون خوش اصلوبي سان پنهنجي مدت جا ٽي سال مڪمل ڪري



ورتا آهن ۽ هن ايوان ۾ آئون ٽئين سال جي ڪارڪردگي رپورٽ 2020ع ۽ 21 اوهان آڏو پيش ڪري رهيو آهيان.

منهنجي لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ته جتي سگا جون نامياريون ڪاهوڙي ۽ عظيم شخصيتون هن عهدي تي رهي چڪيون آهن، انهن نه صرف سگا ۾ منفرد فلاحي ڪم ڪيا ۽ هن سماجي اداري جي سنڌ جي هڪ الڳ تاريخ ٺاهي آهي، اهڙي منصب تي فائز ٿيا جنهن جي ذريعي سگا اندر الفت جو آواز پيدا ٿي پيو ۽ اهڙي طرح انهن عظيم رهنمائن جي ڇڏيل فلاحي ڪمن جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي ۽ سگا جي ساٿين کي ساڻ ڪٺي سگا جي مول ۽ متن مطابق نه صرف پنهنجين ذميوارين کي پورو ڪيم پر ان سان گڏو گڏ سگا جي ڪمن جي تاريخ کي ڪتابي شڪل ۾ سهيڙي سگا جي هر هڪ رضاڪار جي ڪمن ۽ ڪارڪردگي کي پڻ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪاوشون ڪيون. يقينن پنهنجي مدي ۾ هن منصب سان انصاف ڪرڻ لاءِ مون پنهنجي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. مون 30 ڊسمبر 2018ع تي حلف کنيو هو ۽ سيڪريٽري جنرل جهڙي اهم عهدي تي رهي پنهنجي وت ۽ وس آهر پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۽ سگا جي عظيم رهنمائن جي ڇڏيل ڪمن سان انصاف ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

ساٿيو!

رضاڪار ساٿين جي اميدن۽ انهن سان ڪيل واعدي کي سامهون رکندي مون تمام گهڻي محنت ڪئي ۽ ان حوالي سان ساٿين پاران مونکي ڀرپور موٽ پڻ ملي. نوان نوان تجربا به سامهون آيا. شاهه جي هن بيت وانگر حوصلي سان اڳتي وڌندو رهيم.

ڪنڊا مون پيرن ۾ ٽوٽي لک لڳن،

آگر آگوڻني نہ مڙي ،ڇپون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نہ پائيان.
(شاهہ)

مانائتا ساٿيو!

اها حقيقت آهي تہ سگا جهڙي سماجي تنظيم جو ڪم ڪو سولو نہ آهي مختلف علائقن جا مسئلا مختلف نوعيت جا هوندا آهن، پر پوءِ بہ مون پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ سگا مرڪز کان ويندي سڀني شاخن کي ساڻ ڪٺي هلڻ، انهن کي زياده سرگرم ڪرڻ جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي. مون هميشہ اها ڪوشش ڪئي تہ سگا جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ سنڌ جي انهن ماڻهن لاءِ وڌ ۾وڌ لاڀائتا ڪم ڪري سگهون، جنهن لاءِ سگا مان مدت کان اميدون آهن. اهوئي سبب آهي جو مان ڪراچي کان ڪشمور ۽ گهوٽڪي کان مٺي ۽ عمرڪوٽ کان لاڙڪاڻي تائين جا ڏينهن رات پنڌ ڪيا آهن.

ساٿيو!

مون پنهنجي  مدت ۾ سگا جي ساٿين سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اٿندڙ هر ان آواز کي ورنائڻ جي ڪوشش ڪئي  جتي پهچڻ منهنجو فرض اولين هو مون پنهنجن ذاتي ڪمن توڙي سرڪاري نوڪري جا فرض پورا ڪرڻ سان گڏو گڏ سگا جي ان سرگرميءَ ۾ پهچڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا سگا جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي.

گذريل سال سنڌ ۾ ڪورونا توڙي ڊينگي، ٽائيفائيڊ، ارڙي روبيلا، دوران جيتوڻيڪ گهڻا چئلينج سامهون آيا، ڪورونا سبب جتي مختلف وقتن ۾ لاڪ ڊائون رهيو، اتي  آفيسون ڪاروبار بند رهيا ۽ سال 2020ع ۽ 2021ع ۾ مختلف وقتن ۾ لاڪ ڊائون دوران



پورا 88 ڏينهن آفيس بند رهي. اهڙي صورتحال ۾ بہ اسان گهرن ۾رهي آفيس عملي توڙي شاخن سان فون تي رابطي ۾ رهيا سين جتي پوري دنيا ڪورونا سبب گهرن تائين محدود هئي، پر تنهن هوندي بہ اسان ڪم ۾ فرق پوڻ نہ ڏنو،ان دوران بہ اسان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سگا جي پليٽ فارم تي سماجي ڪمن ڪارن کي فون ذريعي سماجي ڪاروان کي هلائيندا رهياسين، سگا جي پنجاهہ  سالن جي تاريخ کي ڪٽي ڏسجي تہ سنڌ صوبي ۽ ملڪ ۾ اهڙي قسم جون هنگامي حالتون ڪڏهن بہ نہ ٿيون آهن، جنهن سان اهڙي قسم جي صورتحال پيدا ٿي هجي انهن سڀني رڪاوٽن جي باوجود بہ اسان هر چئلينج کي هر مسئلي کي همت ۽ بهادري سان منهن ڏنو ۽ هر مسئلي جو حل  تلاش ڪري اڳتي وڌندا رهياسين. ڪورونا لاڪ ڊائون سبب حڪومت جي سخت ايس او پيز ۾ بہ آفيس عملي لاءِ زوم ميٽنگ ۽ ايجوڪيشن ويبنر تي سمورن روشن تارا اسڪولن کي تربيتون ڪرايون ويون. ان کان علاوه سگا آفيس  جي ڪل وقتي عملي لاءِ آئي ٽي ٽريننگز ڪرايون ويون، جيڪي آفيس جي هر هڪ عملي کي زوم ميٽنگ ڪرائڻ لاءِ  ٽرائل طور زوم ميٽنگ جو هوسٽ ڪرايو ويو.ٻن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ وقفي وقفي دوران ملڪ توڙي شهرن جي ڳنڀير صورتحال ۾ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ ايترو سولو نہ هو، ان سموري سفر ۾ اسان جي سٽ جا سڀئي ساٿي مون ساڻ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا رهيا ۽ ائين ايڪي ۽ ٻڌي واري  فلسفي هيٺ مون کي وڏيڪ  حوصلو ۽ اعتماد ڏيندا رهيا ۽ وڌ ۾ وڌ سرگرميون جاري رهيون.

بيشڪ! سگا جو قافلو سگا جي هرسال ٿيندڙ ميڙاڪي ۾ پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي پرکيندو آهي، سو اڄ سال 2020ع ۽ 21 جي ڪيل ڪاوشن کي پرکڻ جو ڏينهن اچي ويو آهي.اهڙيءَ طرح

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سال2020-21ع جي ڪارڪردگي اوهان آڏو پيش ڪجي ٿي.

**سگا جي شاخن جي چونڊ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 95 سرگرم شاخن جون چونڊون 8 آگسٽ 2021ع تي مرڪزي چونڊ ڪاميٽي جي نگراني ۾ ڪرايون ويون، جيڪي شيڊول موجب پنهنجي وقت تي ٿيون.

**ڪائونسل آف ميمبرس (COM) جي گڏجاڻي:**

ڪائونسل آف ميمبرس جي نئين سال 2020ع ۽ 2021ع جي پهرئين گڏجاڻي 24 جنوري 2021ع ۾ ٿي، جنهن ۾ مختلف شاخن جي 84 ميمبرن ۽ 25 مرڪزي ڪاروباري ڪميٽي جي ساٿين شرڪت ڪئي. چيئرمين سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن محترم رفيق احمد جعفري جي صدارت ۾ ٿيندڙ هن اهم گڏجاڻي ۾ صرف هڪ ايجنڊا سگا آئين ۾ ترميم ڪرڻ شامل هو ۽ سگا جي آئين ۾ ترميمن ڪي غور هيٺ آڻي فيصلا ڪري آئين ۾ ترميم ڪئي وئيءِ اها ڇپرائي آئين جو ترميم ٿيل ڪتابچو سڀني شاخن کي ڏانهن موڪليوويو. اهڙي گڏجاڻيءَ جا منٽس پڻ سڀني شاخن ڏانهن وقت سر اماڻيا ويا.

**مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون:**

سال 2020-21ع دوران مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون 03 گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ سگا جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو ۽ تنظيمي معاملن تي غور ويچار ڪان علاوه آئنده جي رٿابندي پڻ ڪئي وئي. ان ڪان علاوه آئين ۾ ترميم ڪرڻ سگا اليڪشن ۽ ڪورونا دوران شاخن طرفان ڪيل فلاحي ڪمن جون رپورٽون پيش ڪيون ويون. انهيءَ عرصي ۾ ٿيندڙ ٽن گڏجاڻين ۾



سي اِي سي جي ميمبرن جي حاضري 98 سيڪڙو رهي. گڏجاڻين جون تاريخون هن ريت رهيون.

پهرئين گڏجاڻي 2020-08-23

ٻين گڏجاڻي 2020-12-05

ٽين گڏجاڻي 2021-04-11

**سگا مرڪز ۾ اهم رڪارڊ جي ترتيب ۽ سنڀال:**

جيئن ته ادارن ۾ رکيل رڪارڊ کي ترتيب ڏئي، ان کي محفوظ ڪرڻ خاصو محنت طلب ۽ ڏکيو ڪم هوندو آهي. ان ڪري سيڪريٽري جنرل جو جڏهن مون عهدو سنڀاليو تڏهن ڪان منهنجي اها ڪوشش رهي ته سگا مرڪز ۾ موجود وکريل پراڻي توڙي نئين رڪارڊ ۽ مواد کي ترتيب ڏجي ته جيئن سگا جي تاريخ سلسليوار محفوظ ٿي سگهي ۽ ايندڙ نون رضاڪارن کي مستقبل ۾ رهنمائي ملي سگهي. اهو عزم ڪٽي مون پنهنجي هن مدت ۾ سگا جي بي ترتيب رڪارڊ کي سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو گذريل ٻن سالن دوران انهي ڪم ۾ تمام گهڻي اڳڀرائي ٿي،انهيءَ سلسلي کي جاري رکندي سال 2020-21ع دوران پڻ سگا مرڪزي آفيس ۾ رکيل شاخن توڙي ٻين شعبن جهڙوڪ ؛صحت،تعليم،عورتن جي ترقي ۽ ماليات جي شعبي سان سلهاڙيل مواد جيڪو هارڊ ۾ هجي يا سافٽ ۾ ترجيحي بنياد تي الڳ فائيلن ۾ لکيل مواد جي حساب سان سنڀاليو پيو وڃي. ان رڪارڊ ۾ موجود رپورٽون، قراردادون، درخواستون، فارم ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ هر فائيل ۾ سيپريٽر لڳائي، هر شاخ جي بي ايم سي جا ميٽنگ منٽس، سرگرميون، چونڊن ۽ ٻين معاملن جو رڪارڊ الڳ ڪري ترتيب سان رکيا ويا آهن. ان رڪارڊ کي منظم طريقي ۽ ترتيب سان محفوظ ڪرڻ سان نه رڳو رڪارڊ جي زندگي وڌي وئي آهي پر اهڙو رڪارڊ ڳولهڻ ۾ پڻ آساني پيدا ٿي آهي.

**شاخن کي سرگرم ڪرڻ ۽ ميمبر سازي وڌائڻ:**

سال 2020-21ع ۾ پڻ شاخن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ مختلف خط لکڻ سان گڏ مون شاخ جي اڳواڻن کي پڻ هدايتون ڏنيون ته جيئن اهي بي ايم سي جون لڳاتار گڏجاڻيون ڪرڻ سميت ٻين فلاحي سرگرمين کي تيز ڪن ۽ گهربل رڪارڊ سگا مرڪزي آفيس کي وقت سر موڪليندا رهن. انهيءَ سلسلي ۾ مختلف شاخن پاران بي ايم سي جي گڏجاڻين ۾ اضافو ٿيو ۽ ميٽنگ منٽس هيڊ آفيس ڏانهن وقت سر موڪلڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو. ان کان علاوه شاخن ۾ ميمبر سازي وڌائڻ لاءِ سگا جي آفيشل فيس بوڪ پيج تي مهم هلائڻ سان گڏ سگا ويب سائيٽ تي هڪ اشتهار پڻ هلايو ويو ۽ ميمبر شپ جو فارم پڻ اپلوڊ ڪيو ويو ان سان گڏو گڏ نون ميمبرن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ٽيليفون ۽ خطن ذريعي رابطا ڪيا ويا اهڙين ڪوششن جا انتهائي حوصلا افزا نتيجا مليا ۽ ڪافي شاخن ۾ سنا پيشوارائا، هڏڏوکي ۽ سنڌ دوست ساٿي سگا جا ميمبر بڻيا آهن جنهن سبب سگا کي سماجي خدمتگار طور نوان جاکوڙي ساٿي مليا آهن جنهن سان سگا جي توانائي، سگهه ۽ اعتماد ۾ بي پناهه اضافو ٿيو آهي.

**آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران آندل سڌارا:**

2019-21ع مدت دوران سافٽ ڪميونيڪيشن شعبي ۾ سگا طرفان تمام گهڻو تحرڪ ورتو ويو. سگا هيڊ آفيس ۾ قائم آءِ ٽي شعبي پاران گذريل ٻن سالن ۾ جيڪي مختلف سڌارا آندا ويا هئا، سي سال 2020-21ع دوران پڻ جاري رکيا ويا، تفصيل ڪجهه هن ريت آهي .

(الف) سگا جي آفيشل ويب سائيٽ ۾ بهتري آڻيندي ان کي اپڊيٽ ڪيو پيو وڃي. هن وقت سگا مرڪز توڙي شاخن پاران



ڪيل مختلف اهم سرگرمين جا فوٽوز ۽ رپورٽون سگا جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجن ٿيون.

(ب) سگا هيڊ آفيس جي آءِ ٽي شعبي پاران روشن تارا اسڪولن ۽ سگا شاخن جا آفيشل اي ميل اڪائونٽ کولي، لاڳاپيل شاخن ۽ اسڪولن جي اختيارين ڏانهن موڪليا ويا آهن. اهڙن اڪائونٽن جي لڳاتار استعمال لاءِ ٽيليفون ۽ خطن ذريعي سڀني شاخن ۽ روشن تارا اسڪولن کي بار بار آفيشل اڪائونٽ ايڪٽو رکڻ لاءِ ياداشت ناما جاري ڪيا پيا وڃن.

(پ) روشن تارا اسڪولز ۽ سگا شاخن جا واٽس ايپ گروپ سرگرم ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ اڪثر خط ۽ ٻيا ڪم واٽس ايپ گروپن ذريعي ڪرايا وڃن ٿا. اهڙي عمل سان نه رڳو خطن لکڻ ۾ جوڳي گهٽتائي آئي آهي پر سافٽ ڪميونيڪيشن سبب هڪ ئي وقت توانائي، پئسي ۽ وقت جي بچت ٿي آهي.

**سگا هيڊ آفيس جو آفيشل فيس بوڪ پيج:**

سال 2020-21ع دوران سگا جي آفيشل فيس بڪ پيج کي تمام گهڻو سرگرم رکيو ويو. سگا مرڪز توڙي شاخن جون سرگرميون روزاني جي بنياد تي سگا فيس بوڪ تي اپ لوڊ ڪيون پيون وڃن. سگا شاخن جي سينيئر رضاڪارن جن ۾ صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين کي سالگرهه جي ڏينهن تي مبارڪون ڏيڻ ۽ سندن جنم ڏهاڙي کي يادگار بنائڻ لاءِ سگا جي آفيشل فيس بڪ تان روزاني جي بنياد تي سالگرهه مبارڪ جا ٽيگ هلايا وڃن ٿا ته جيئن سينيئر رضاڪارن جي حوصلا افزائي ۽ انهن جي نون شامل ٿيندڙ رضاڪارن جو تعارف ڪرائڻ ۾ مدد ملي سگهي ۽ ان سان گڏ رضاڪارن کي انهن جي جنم ڏهاڙي تي گهربل مجتا ملي سگهندي.

**شخصيتن جا ڏهاڙا ملهائڻ:**

سگا پنهنجي انهن ڪاهوڙي ساٿين کي ڪڏهن نه وساريو آهي، جيڪي اسان جي وچ ۾ موجود نه رهيا آهن، انهن جي خدمتن کي سندن زندگي کان پوءِ به خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي انهيءَ سلسلي کي جاري رکندي گذريل سال سگا پاران سنڌ جي انهن باوقار ۽ اعليٰ شخصيتن جا ڏهاڙا ملهايا ويا، جن سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ جيڪي هيءَ فاني جهان ڇڏي چڪا آهن پر سگا انهن جي ڪمن کي زنده رکيو آهي.

مرحوم نذير احمد ٻنڀ: سگا جو بي لوث ڪارڪن هو، جنهن جي ياد ۾سگا خدا آباد شاخ پاران 28 جنوري 2021ع تي سندس چوٿين ورسي ملهائي وئي، جتي مون سميت سگا جي مرڪزي قيادت جي اڳواٽي ۾ مقامي قيادت گڏجي مرحوم نذير احمد ٻنڀ جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ سندن مغفرت لاءِ دعا پڙ گهري. ورسي جي ان موقعي تي هڪ تقريب پڻ ٿي جنهن ۾ سگا جي اڳواڻن مرحوم جي ڪردار جي واکاڻ ڪئي ۽ سندس ڪيل ڪمن تي شاندار لفظن ۾ پيٽا پيش ڪئي.

سنڌ جي قومي ۽ عوامي راڳي مرحوم جلال چانڊيو جي 20 هين ورسي سگا ڦل شاخ پاران جلال چانڊئي جي اباڻي ڳوٺ ڦل شهر ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ ماڻهن هڪ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت جلال چانڊئي جي فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ۽ سندس سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪيل خدمتن جي عيوض جلال چانڊيي کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

مرحوم غلام رسول ٻبر سگا جو هڪ ٻيو يگانو ڪارڪن هو، جنهن سڄي ڄمار سگا سان گڏ رهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪئي. سگا سڄل ڳوٺ شاخ پاران مرحوم غلام رسول ٻبر



جي ورسي سڄل ڳوٺ ۾ ملهائي وئي جتي تقريب ۾ سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت مرحوم جي ڪيل فلاحي ڪم ۽ مجموعي خدمتن تي زبردست پيٽا پيش ڪئي وئي.

شمشيرالحيدري: سگا جي بنيادي ميمبر، شاعر ۽ صحافي جي نائين ورسي نهايت عقيدت ۽ احترم سان ملهائي وئي ان سلسلي ۾ ڪراچي شاخ پاران هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ هن عظيم انسان جي علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن تي روشني وڌي وئي ۽ کيس زبردست لفظن سان پيٽا پيش ڪئي وئي.

مرحوم مظهر الدين ميمڻ: سگا جا اڳوڻا سيڪريٽري جنرل، هڪ تعليمي ماهر، سماجي ورڪر رهيا ۽ سنڌ جي تعليمي ڪيتر ۾ سندن نهايت اهم ڪردار رهيو آهي.

سگا ڪراچي شاخ پاران مرحوم مظهر الدين ميمڻ جي 20 هين ورسي سندس نالي سان منسوب سگا هيڊ آفيس ۾ قائم مظهررسورس سينٽر ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ سگا ڪراچي شاخ جي عهديدارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورسي تقريب ۾ پروفيسر مظهرالدين ميمڻ جي تعليمي ڪردار ۽ ڪاوشن جي واکاڻ ڪندي کيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

مرحوم تاجل بيوس هڪ مشهور شاعر، صحافي ۽ سگا جو هڪ سرگرم، ڪاهوڙي ڪارڪن هو. سماجي ڪيتر ۾ سندس تمام گهڻو ڪردار رهيو آهي، 15 ڊسمبر 2020ع تي سگا ڪراچي شاخ پاران سندس ورسي جي تقريب مظهررسورس سينٽر ڪراچي ۾ ملهائي وئي. جتي آيل مهمانن مرحوم تاجل بيوس کي شاندار لفظن سان پيٽا پيش ڪئي ۽ کيس خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

مرحوم شاهجهان پنهيار هڪ سرگرم ساٿي، سياسي ورڪر رهيو، سندس جون گهوٽڪي واسين لاءِ سماجي خدمتون قابل تحسين آهن. سگا گهوٽڪي شاخ پاران سندس ورسي ملهائي وئي،

ورسي تقريب ۾ سگا گهوٽڪي جي عهديدارن سميت سگا جي مقامي قيادت،سماجي ۽ سياسي ڪارڪنن، سندس دوستن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مقررن مرحوم شاهجهان پنهيار جي خدمتن تي ڪيس بهترين لفظن ۾ ڀيٽا پيش ڪئي.

مرحوم قربان علي جهتيال: شاعر، ليکڪ، عظيم سماجي ورڪرسگا جو بي لوث سرگرم رضاڪار هو، جنهن جي سگا ڦلجي اسٽيشن شاخ پاران 06 سيپٽمبر 2020ع تي ورسي ملهائي وئي، جنهن ۾ سگا جي مرڪزي ۽ مقامي قيادت مرحوم کي بهترين لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي.

**ڪتابن جي مهورت:**

سال 2020-21ع سگا ۾ مختلف ڪتابن جي پبليڪيشن ۽ مهورت جو سال رهيو اهو ئي سبب آهي جو سمورو سال مختلف وقتن ۾ سگا جي شاخن توڙي سگا هيڊ آفيس ۾ ڪتابن جي مهورت جو سلسلو جاري رهيو اهڙي ريت جيڪي ڪتاب منظر عام تي آيا انهن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

سگا ڦل شاخ پاران سنڌ جي نالي واري ليکڪ محترم بخش علي چانديو جي ڪورونا لاڪ ڊائون دوران سندس شاعري تي مشتمل ڪتاب "ڪورونا لاڪ ڊائون ۽ پيڙائن جا عڪس"جي مهورت ڪئي وئي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ڦل آفيس ۾ ٿيل ان مهورتي تقريب ۾ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ سگا جي مرڪزي قيادت سميت نالي واري سماجي ڪارڪنن ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي ۽ ڪتاب تي روشني وڌي.

سگا دڙو شاخ پاران مقامي شاعر محترم ذوالفقار حسين ميمڻ زعيم لاڪائي جي لکيل ڪتاب "خوشبو" جي مهورت ڪرائي وئي، جيڪو پروگرام 26 مارچ 2021ع تي گورنمنٽ پرائمري اسڪول دڙو ۾ ٿيو. پروگرام جي صدارت مشهور شاعر محترم



اقبال شاهين ڪئي. پروگرام ۾ سگا دڙو شاخ جي عهديدارن، شاعرن ۽ مقامي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪتاب بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. گذريل چاليهن سالن دوران سگا ٽل شاخ ۾ ڪيل خط وڪتابت ۽ مڪمل رڪارڊ تي مشتمل سگا ٽل جي سرگرم ساٿي محمد موسيٰ گولو پاران لکيل ڪتاب "سگا ٽل شاخ جا 40 سال" جي مهورت ڪرائي وئي، جيڪا مظهرريسورس سينٽر سگا مرڪز ڪراچي ۾ ٿي. پروگرام جا انتظام سگا مرڪز ڪراچي ۽ سگا ٽل شاخ پاران گڏيل طور تي ڪيا ويا.

سگا موروءِ سگا شهداد ڪوٽ شاخن، پاران منهنجا لکيل ڪتاب "Voluntarism Above self" سگا اتهاس، سگا الماس جي مهورت ڪئي وئي، والنٽريزم ابوو سيلف ڪتاب جيڪو انگريزي ٻولي ۾ آهي، جنهن ۾ سگا جي ڪاهوڙي رضاڪارن جا پنجاهه پروفائلز تي مشتمل تفصيل ڏنل آهن جڏهن ته "اتهاس" ڪتاب تحقيق تي مشتمل آهي، جنهن ۾سگا جي تاريخ، مئنيجنگ باڊي ايوارڊز جا تفصيل، سگا آفيس جي اعليٰ قيادت ۽ رضاڪار ميمبرن جا تفصيل ڏنل آهن،جڏهن ته "سگا الماس" پڻ تحقيق تي مشتمل ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪائونسل آف ميمبرس جا تفصيل 1972ع کان وٺي 2020ع تائين سگا جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽريز جا تفصيل، ڪنوينشن ۽ سالياني ايوارڊ ورهائڻ وارين تقريبن جا تفصيل موجود آهن.

**ڪورونا لاڪ ڊائون دوران**
**سگا پاران ڪيل فلاحي سرگرميون:**

جولاءِ 2020ع کان سيپٽمبر 2020ع تائين سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪورونا سبب لاڪ ڊائون ڪيو ويو ان دوران سگا مرڪز پاران سنڌ جي ڏتڙيل ۽ بي پهچ ماڻهن جي سهائتا لاءِ تحرڪ ورتو ويو ان ڏس ۾ سگا جي شاخن پاران، سينيٽائيزر

ماسڪ ۽ راشن ورهايا ويا، ان ڏس ۾ سگا جي هر شاخ دل کولي غريب ماڻهن جي مدد ڪئي.

**مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن:**

21 فيبروري تي سموري دنيا ۾ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي، ان بابت سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن مرڪز پاران سيني سگا جي شاخن کي ڏينهن ملهائڻ لاءِ خط لکيو ويو. ان سلسلي ۾ سگا جي هر شاخ پاران پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ٻولي جي بقا ۽ اهميت لاءِ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ پروگرام منعقد ڪرايا ويا، جنهن ۾ سگا جي ڪيترين ئي شاخن جهڙوڪ: اسلام آباد، شهداد ڪوٽ، مورو، ڦل ۽ ٻين شاخن ۾ مادري ٻولي جو ڏهاڙو ملهايو ويو ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي مذاڪرا، ريليون ۽ ليڪچر منعقد ڪرايا ويا.

**مختلف فلاحي ڪم:**

سگا جي مختلف شاخن سنڌ جي مختلف علائقن ۾ جتي وبائون، بيماريون، ٻوڏ ۽ برساتون ٿيون هيون، اهڙن علائقن ۾ آنڌي مانجهي ڏر تتي ۾ سگا جي رضاڪار بي لوث خدمتون سر انجام ڏنيون جنهن جو مختصر تفصيل هيٺين ريت پيش ڪجي ٿو.

26 سيپٽمبر 2020ع تي سگا ڪاڇو شاخ ۾ پوليو جي روڪٿام لاءِ سجاڳي تحريڪ هلائي وئي. 21 سيپٽمبر 2020ع تي سگا دولتپور شاخ ۾ پوليو ۽ ڪورونا خلاف مهم هلائي ۽ ماروئڙن کي آگاهي ڏني وئي.

آگسٽ 2020ع ۾ مون سون برساتن سبب ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه ۽ دادو ضلعي ۾ ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي، جنهن ۾ سگا مرڪز پاران شاخن جي رضاڪارن کي انهن آفت زده علائقن ۾ ڦاٿل غريب ماروئڙن جي سهائتا لاءِ هدايتون ڏنيون ويون، ان سلسلي ۾ سگا جا ڪاهوڙي رضاڪار سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مدد



لاءِ پهتا ۽ ٻوڏ ۽ آفت زده علائقن مان غريب ماڻهن کي محفوظ هنڌن تائين پهچايو ۽ کاڌي پيتي جا جوڳا بندوبست ڪيا.

آگسٽ کان سيپٽمبر 2020ع مهينن ۾ ٿر جي ڏڪار جو شڪار علائقن ۾ سگا ڪلوئي جي سرگرم رضاڪارن مختلف ڳوٺن ۾ مٺي پاڻي لاءِ نلڪا لڳرايا ۽ کوهه کوٽايا جنهن سان ڳوٺاڻن کي مٺو پاڻي مهيا ڪيو ويو، ان کان علاوه مختلف مخير ماڻهن جي مدد سان غريبن لاءِ کاڌي پيتي جو سامان، دوائون، ڪير، بسڪوٽن جا دٻا برسات کان بچڻ لاءِ پلاسٽڪ جو سامان ورهايو ويو. ٿر جي مختلف ڳوٺن ۾ عيدلاضحيٰ تي سگا جي مخير رضاڪارن قرباني جو گوشت ورهايو ۽ عيد جا وڳا پڻ ورهايا ويا.

**وڻڪاري مهم:**

سنڌ ۾ وڌندڙ گرمي کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻڪاري مهم جي سلسلي ۾ "پلانٽيشن ويڪ" پروگرام ترتيب ڏنا ويا، جنهن هيٺ سنڌ ۾ هزارين نوان ٻوٽا پوکيا ويا. وڻن جي واڍي ۽ خاص طور تي ٻيلن جي وڏي پيماني تي ٿيندڙ ڪٽائي ۽ نوان وڻ نه پوکڻ سبب سنڌ ۾ گرمي پد ۾ هر سال بي انتها اضافو ٿي رهيو آهي، جيڪا ڳالهه انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. گلوبل وارمنگ وارو چئلينج هڪ پاسي پر سنڌ ۾ نون وڻن جو نه پوکڻ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيندو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ اسان بهار جي آمد کان پهرين فيبروري 2020ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ سگا جي سيني شاخن کي هڪ خط لکي وڻڪاري مهم جو هفتو ملهائڻ جي گذارش ڪئي ان کان علاوه سنڌ گورنمنٽ ايمپلائيز ڪو آپريٽيو هائوسنگ سوسائيٽي گلشن اقبال واري سگا جي پلاٽ تي سگا جي اعليٰ قيادت ڪيترائي ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم جو آغاز ڪيو. مون کي اهو ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته سنڌ جي اڪثر شاخن فيبروري کان مارچ 2020ع تائين وڻڪاري جو هفتو ملهايو

۽ روشن تارا اسڪولن ۽ شاخن مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هزارين ٻوٽا پوکي سنڌ مان گرمي جي خاتمي لاءِ پنهنجي حصي جو ڪردا ادا ڪيو. اهڙين شاخن ۾ روشن تارا اسڪول دادو، ميرپورخاص، سيوهڻ، سگا شاخ نئون ديرو، روشن تارا اسڪول هالا، پنوعاقل، بدين، گلشن حديد، سچل ڳوٺ، ڦلجي اسٽيشن، سگا شاخ پاٽ شريف، اسلام آباد، ڪوٽڙي، روشن تارا اسڪول گهوٽڪي، ميرپورخاص، سگا برانچ شهدادڪوٽ، وارهه، روشن تارا اسڪول ڪشمور، ڪپرو، ڪلوئي، سگا شاخ مناهي، روشن تارا اسڪول ميهڙ، ٽنڊو سيدآباد، سيتا روڊ شامل هئا. ذڪر ڪيل اسڪولن جي شاگردن، استادن ۽ والدين سميت سگا شاخن جي عهديدارن ۽ رضاڪار ميمبرن وڏي تعداد ۾ ٻوٽا پوکي نہ رڳو بهار موسم کي پليڪار ڪيو پر سنڌ مان گرمي پد گهٽائڻ لاءِ خصوصي طور سگا جي حصي جو ڪم ڪيو.

**8 مارچ، عورتن جو عالمي ڏهاڙو:**

عورت معاشري جو هڪ اهم حصو آهي جنهن کي هن جديد دؤر ۾ بہ نظر انداز ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي جائز مقام اجان تائين نہ ملي سگهيو آهي اهوئي سبب آهي جو اقوام متحده پاران 8 مارچ عورتن لاءِ مخصوص ڪيو آهي ان ڪري هن ڏهاڙي تي سڄي دنيا اندر عورتن جي حقن جا حمايتي ادارا ۽ تنظيمون ۽ ٻيا فورم عورتن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪن ٿا.ان ڪري هر سال سگا پاران عورت کي معاشري ۾ بلند مقام ڏيارڻ لاءِ آواز اٿاريو ويندو آهي ان سلسلي کي جاري رکندي گذريل سال 8 مارچ تي سگا پاران عورتن جي حقن جو ڏهاڙو طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن لاءِ سنڌ ۾ سگا جي شاخن کي آگاهہ ڪيو ويو. جيئن 8 مارچ تي سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عورت لاءِ آواز بلند ڪري سگهجي ان سلسلي ۾ سنڌ جي اڪثر روشن تارا اسڪولن توڙي



سگا جي شاخن ۾ 8 مارچ تي ننڍي سطح تي تقريبون منعقد ڪيون ويون، جتي شاگردن ۽ استادن عورتن جي حقن تي روشني وڌي. ان کان علاوه عورتن جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ ٻہ وڏا ۽ اهم پروگرام رٿيا ويا، جن مان هڪ پروگرام نواب شاهہ شاخ ۽ ٻيو پروگرام سگا سيوهڻ ۾ منعقد ڪيو ويو. انهن پروگرامن ۾مردن، عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ هيومن رائيٽس اڳواٽن سميت اديبن، ناليوارن وڪيلن ۽ صحافين عورتن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو. ان کان علاوه انهن ٻنهي پروگرامن ۾ عورت جي اهميت ۽ تعظيم جي حوالي سان ليڪچر پڻ ڪرايا ويا،جنهن سان عورتن ۾ اتساهہ ۽ حوصلو پيدا ڪيو ويو.

**ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ:**

سال 2020 -21ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڊسمبر 2020ع ۽ جنوري 2021ع مهيني ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سگا جي مختلف شاخن جهڙوڪ : سگا ٽنڊو سيد آباد، سگا ڪوٽڙي شاخ، سگا ميرپور خاص، سگا مناهي، سگا نوشهرو فيروز طرفان مچ ڪچهري ۽ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيا ويا. ان کان علاوه سگا نوشهروفيروز طرفان وقار ملاح سان هڪ شام،سگا ڦل شاخ ۾مچ ڪچهري وڏي پئماني تي منعقد ڪئي وئي ان کان علاوه ثقافتي پروگرام اسلام آباد ۾ بہ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سگا جي اعليٰ قيادت ۽ سگا جي ڪاهوڙي رضاڪارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي کي فروغ ڏنو ويو.

**تعليمي شعبي جي ڪارڪردگي:**

سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن ڪرندڙ تعليمي معيار ۽ طبقاتي تعليمي نظام پاڻ سيني لاءِ ڳڻتيءَ جي ڳالهہ آهي. تعليم جي ڪرندڙ معيار کي بلند ڪرڻ ۽ ڪرندڙ تعليمي معيار ۾ سڌارا

آڻڻ لاءِ سگا ڪوششون وٺي رهي آهي، ان سلسلي کي جاري رکندي گذريل هڪ سال واري عرصي ۾ پنهنجن روشن تارا اسڪولن ۾ سڌارا آڻڻ ۽ اتي بهتر ماحول سان گڏ تعليمي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، جيڪي هيٺ ذڪر ڪيان ٿو.

**مرڪزي روشن تارا اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي جون گڏجاڻيون:**

روشن تارا اسڪولن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ ۽ اسڪولن جي مسئلن جي نبيري لاءِ گذريل سال 2020ع، 2021ع مرڪزي روشن تارا اسڪول انتظامي ڪاميٽي جون ڪل ٻه گڏجاڻيون ڪوٺايون ويون جنهن ۾ ڪورونا لاڪ ڊائون دوران تعليمي سرگرمين کي جاري رکڻ لاءِ آن لائين ٽيچنگ متعلق حڪمت عملي جوڙي وئي ۽ اسڪولن جي مالياتي نقصان جو پورائو ڪرڻ لاءِ مسواڙ تي هلندڙ اسڪولن کي مسواڙ جي مد ۾ مالي سهائتا ڪئي وئي.

**روشن تارا اسڪولن لاءِ سکيائي پروگرام:**

گذريل سال ڪورونا لاڪ ڊائون دوران تعليمي ادارا بند هئڻ ڪري روشن تارا اسڪولن ۾ پڙهائيندڙ استادن ۽ هيڊ ماسترن جي پڙهائڻ ۽ انتظامي صلاحيتون بهتر ڪرڻ لاءِ استادن سميت هيڊ ٽيچرز لاءِ آن لائين تربيتي پروگرام شروع ڪرايا ويا، جنهن ۾ سيني روشن تارا اسڪول کي ٽفلي جي سهڪار سان ويبنر ورچوئل سيشنز جنهن ۾ ارلي چائيلڊ هوڊ ايجوڪيشن، ۽ ڪريڪيولم ڊولپمنٽ، آن لائين سيشن ۾ ٻارن کي پڙهائي ۾ ڪيئن مصروف رکجي؟ سيلف لرننگ، ايڪٽيو لرننگ، والدين کي ٻارن جي پڙهائي ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟ لرننگ اسٽائل آف اسٽوڊنٽ، جهڙي موضوعن تي چار آن لائين تربيتي پروگرام منعقد ڪرايا ويا، ان کان علاوه هڪ ميگا آن لائين



انٽرنيشنل سمٽ نورالهديٰ انٽرنيشنل آرگنائزيشن جي سهڪار سان ڪرايو ويو جنهن ۾ ٻه سو کان وڌيڪ روشن تارا اسڪولن جي ستادن آن لائين تربيت حاصل ڪئي. انهن تربيتي سيشن ذريعي استادن کي پڙهائڻ جا جديد طريقا، ڪلاس روم سنڀالڻ ۽ ليسن پلان تيار ڪرڻ جهڙن موضوعن تي آن لائين سکيا ڏني وئي.

**اڪيڊمڪ ڪئلينڊر جي تياري:**

گذريل تعليمي سال 2020-21ع لاءِ روشن تارا اسڪولن لاءِ ڪئلينڊر تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ روشن تارا اسڪولن جو شيڊول، سڄي سال ۾ ٿيندڙ سرگرمين جي ترتيب ڏنل آهي ته جيئن اسڪولن جي استادن کي پڙهائڻ ۽ پرنسپال ۽ ايس ايم سي جي چيئرمين کي اسڪولن ۾ پڙهائي ۽ ٻين غير نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي نگراني ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. اهڙا ڪئلينڊر سيني اسڪولن ڏانهن موڪليا ويا جيڪي اسڪولن ۾ نمايان هنڌن تي لڳايا ويا آهن.

**روشن تارا اسڪولن ۾ هم نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ:**

روشن تارا اسڪولن ۾ گذريل تعليمي سال 2020-21ع دوران راندين جا هفتا ملهائڻ ۽ غير نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اسڪولن جي هيڊ ٽيچرس ۽ پرنسپالز کي همٿايو ويو. نتيجي ۾ گذريل سال روشن تارا اسڪولن ۾ راندين جا هفتا ملهايا ويا. ان کان علاوه عيد ميلاد النبي صلعم سميت علامہ اقبال، قائداعظم ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙين عظيم هستين جا ڏينهن پڻ ملهايا ويا. اڪثر اسڪولن ٻارن لاءِ اسٽيڊي ٽوئر پڻ ترتيب ڏنا، اهڙين سرگرمين سان ٻارن جي ذهني پختگي ۽ اعتماد ۾ زبردست اضافو ڪرڻ لاءِ ڪاوشون ڪيون ويون.

**تعليم جو عالمي ڏينهن ملهائڻ:**

8 آڪٽوبر تي عالمي طور "تعليم جو عالمي ڏينهن" ملهايو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ سيني روشن تارا اسڪولن ۾ ورلڊ لٽريسي ڊي ملهايو ويو ان موقعي تي، استادن جي عظمت ۽ ان جي عظيم ڪردار کي مڃتا ڏني وئي ۽ ساڻ سنڌ ۾ تعليم جي فروغ لاءِ جيڪي تقريرون ڪيون ويون انهن ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ويو.

**مئٽرڪ ۽ انٽر جا آيل شاندار نتيجا:**

تعليمي بورڊس پاران تعليمي سال 2020-21ع جي مئٽرڪ ۽ انٽر جي آيل امتحاني نتيجن موجب روشن تارا اسڪولن جي هاءِ اسڪولن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي شاگردن شاندار ڪاميابيون ماڻيون. آيل نتيجن موجب مئٽرڪ ۾ 442 روشن تارا اسڪولن جي شاگردن مان 70 شاگرد اي ون گريڊ، 222 اي گريڊ ۽ 101 بي گريڊ جڏهن ته سي گريڊ ۾ 43 پاس ٿيا. اهڙيءَ ريت هاءِ اسڪول جي ڪاميابيءَ جي شرح 100 سيڪڙو رهي. ساڳي ريت انٽر جي 154 شاگردن مان 44 شاگرد اي ون گريڊ، 63 اي ۽ 52 شاگرد بي گريڊ ۾جڏهن ته 15 سي گريڊ ۾ پاس ٿيا. مجموعي طور انٽر جي شاگردن جي ڪاميابيءَ جي شرح پڻ 100 سيڪڙو رهي. جيڪا سگا جي روشن تارا اسڪولن جي شاندار ڪاميابي آهي.

**روشن تارا اسڪولن ۾ نصابي تعليم سان**
**گڏ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن لاءِ هڪ قدم:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو جنوري 2021ع ۾ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سان پنجن سالن لاءِ معاهدو ٿيو آهي جنهن ذريعي روشن تارا اسڪولن ۾ نصابي تعليم سان گڏوگڏ ٽيڪنيڪل تعليم جهڙوڪ: ڪمپيوٽر اينڊ بزنس مئنيجمنٽ ،ڪورس ڪرايا ويندا ان سلسلي ۾ ابتدائي سطح تي روشن تارا



اسڪول گهوٽڪي، پنوعاقل، ڪشمور، ڦلجي اسٽيشن اسڪولن کي شامل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نائين ۽ ڏهين درجي جي شاگردن کي ٽيڪنيڪل ڪورس ڪرايا ويندا، ان سلسلي ۾ اسڪولن کي سنڌ ٽيڪنيڪل بورڊ پاران Affiliation certificate، ملي ويا آهن اڳتي هلي رهيل روشن تارا اسڪولن ۾ به ٽيڪنيڪل تعليم جي شروعات ڪئي ويندي، مستقبل ۾ روشن تارا اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر جا جديد ڪورس، ٽيلرنگ ڪورس، بيوٽيشن، پلمبرنگ، بجلي جي فٽنگ، اليڪٽرانڪ ڪورس وغيره ڪرايا ويندا ان لاءِ ڪوششون جاري آهن.

**پبلڪ اسڪول گڏاپ:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو پهريون بورڊنگ اسڪول پبلڪ اسڪول گڏاپ جيڪو سنڌ حڪومت جو هڪ اهم پروجيڪٽ آهي، جيڪو انتظامي طور سگا جي حوالي ٿيل آهي. سنڌ حڪومت ۽ سگا وچ ۾ پبلڪ اسڪول گڏاپ جا انتظامي معاملا هلائڻ ۽ بجيٽ جي متعلق باقاعده هڪ معاهدو ٿيل آهي. هن اسڪول ۾ گذريل سال دوران تمام گهڻا سڌارا آندا ويا آهن، جنهن تحت بورڊ آف گورننس جي نئين چيئرمين جي مقرري جنهن لاءِ سنڌ جي سماجي ڪيتر جي هڪ ناليواري انتظامڪار ۽ اديب محترم پروفيسر اعجاز قريشي جي مقرري عمل ۾ آندي وئي ۽ ان کان علاوه بورڊ جا نوان ميمبر پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پبلڪ اسڪول گڏاپ جي بجيٽ، خرچن جا معاملا ۽ اسڪول جي نگرانيءَ لاءِ مختلف ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون آهن ته جيئن اسڪول جا وسيلا درست خرچ ٿي سگهن. ان کان علاوه پبلڪ اسڪول گڏاپ جي SOP ٻيهر ترتيب ڏني وئي آهي ۽ ٻيون پاليسيون پڻ ٻيهر ترتيب ڏنيون پيون وڃن، جن ۾ HR پاليسي پڻ شامل آهي.

گذريل سال سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان اسڪول جو معيار ڏسندي 121 شاگرد پبلڪ اسڪول گڏاپ ۾ داخل ڪرايا آهن، جنهن سان پبلڪ اسڪول جي آمدني ۾ اضافي سان گڏ اسڪول جي تعليمي معيار ۾ به گهڻي بهتري آئي آهي.هن وقت اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد 585 تي ويو آهي.

**صحت جي شعبي جي ڪارڪردگي:**

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خاص طور تي تمام پنتي پيل علائقن جي انهن غريب ماڻهن تائين به رسائي جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان به اڃان تائين محروم آهن. صحت جي سهولتن جي حاصلات اڄ به سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڏو مسئلو آهي. جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن محدود وسيلن جي باوجود هرممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ سگا جي صحت وارو شعبو هميشه جيان گذريل سال به تمام گهڻو سرگرم رهيو.

پر هن دفعي تاريخي ڪم ٿيا. سيڪريٽري صحت محترم رفيق احمد سرهيو تمام گهڻو سرگرم رهيو. گذريل سال يعني 21-2020ع ۾ سگا جي مختلف شاخن سنڌ جي پنتي پيل علائقن ۾ ميڊيڪل جون 48 ڪئمپون لڳايون ويون، جتي مجموعي طور تي 44392 مريضن جي چڪاس ۽ علاج ڪيو ويو. اهڙين ڪئمپن ۾ اکين جون 15 ڪئمپون لڳايون ويون، جن ۾19163 اکين جا مريض چڪاسيا ويا، جن مان 2895 کي لينسز لڳايا ويا ۽ مريضن کي نظر جا چشما ڏنا ويا. صحت شعبي پاران چمڙيءَ جي بيمارين جون 2 ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ 1179 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ انهن کي ضروري دوائون پڻ مهيا ڪيون ويون. ان کان علاوه



پوليو جا ڦڙا پيارڻ، ڪورونا وئڪسينيشن، ڪورونا ٽيسٽون ڪرڻ ۽ ٻيون 31 جنرل ميڊيڪل ڪئمپون پڻ لڳايون ويون، جن ۾ مجموعي طور 24050 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ انهن جو ضروري علاج ڪيو ويو.

**سگا ڪي بي ايل سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ:**

خوشحالي بئنڪ سان شروع ڪيل سوشل موبيلائيزيشن پروجيڪٽ گذريل سال يعني 21-2020ع ۾ 25% سيڪڙو کان وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيون.

گذريل سال سگا کي 11 هزار 274 اهڙا غريب گهراڻا تلاش ڪرڻا هئا، جيڪي خوشحالي بئنڪ کان ننڍا ننڍا قرض کڻي ڪاروبار ڪري پنهنجي آمدني وڌائي سگهن. اسان جي ٽيم جي محنتن سان 2833 خاندان منتخب ڪيا ويا، جيڪي هن وقت ڪاروباري سرگرمين ذريعي پنهنجي آمدنيءَ ۾ خاطر خواهه اضافو ڪري چڪا آهن. اهڙيءَ ريت خوشحالي پروجيڪٽ ڪورونا وبا ۽ مسلسل لاڪ ڊائون جي ڪري 21 -2020ع دوران ٽارگيٽ کان گهٽ گهراڻا منتخب ٿي سگهيا ۽ ڪاروبار لاءِ تيار ڪيا ويا.

**اشاعتي سلسلو:**

سگا پاران مختلف وقتن تي اشاعتي سلسلو هلندو رهيو آهي گذريل سال 21-2020ع دوران سگا جي متحرڪ ”سگا سماچار“ کي مستقل شايع ٿيڻ تي زور ڏنو ويو، جيڪو هر ٽن مهينن بعد لڳاتار ڇپجي رهيو آهي. ”سگا سماچار“ لڳاتار ۽ وقت سر اچڻ سبب روشن تارا اسڪولن ۾ سگا جي شاخن کي نه صرف مئگزين ۾ مناسب جاءِ ملي رهي آهي. پر ان جو شاخن ۾ اسڪولن جي ڪارڪردگي تي انتهائي مثبت اثر پيو آهي. سگا سماچار ذريعي هر شاخ جي ڪارڪردگي کي پذيرائي پڻ ملي رهي آهي. اشاعتي

سلسلي ڪري سڳا جي رضاڪارن جي فلاحي ڪمن کي فروغ ملي رهيو آهي.

ساٿيو!

هي مجموعي ڪارڪردگي سال 2020-21ع جي آهي، جنهن ۾ سڳا جي رضاڪارن ۽ ڪل وقتي ڪارڪنن پاڻ ملهايو آهي انهن سيني جي اڻٿڪ محنتن سان ڪاميابيون مليون آهن،سماجي ميدان ۾ فلاحي ڪم هجن يا سوشل موبلائزيشن هر ميدان ۾ سڳا جو بج چٽيل آهي هن وقت تعليمي ميدان ۾ روشن تارا اسڪولن ذريعي معياري تعليم ذريعي سڳا طرفان مستقبل جا عظيم ليڊر تيار ٿي رهيا آهن، جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ توڙي پاڪستان ۽ دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندا. سڳا جا ڪاهوڙي رضاڪار صحت جون ڪئمپون لڳائي هزارين غريب انسانن کي مفت علاج فراهم ڪري چڪا آهن ۽ اجا دردن جو درمان فراهم ڪندا. سنڌ جي بنيادي مسئلن تي جاڳرتا مهم هر شعبي ۾ ٿي رهي آهي، سڳا جو هر ميمبر پڻ هڪ بهترين سوشل موبلائيزر آهي اهڙي ريت سڳا جا هزارين سوشل موبلائيزر سماجي تبديلي واري عمل ۾ پاڻ ارپڻ واري نيڪ جذبي تحت خدمتون ڪري سڳا جو مان مٿانهون ڪري رهيا آهن.

منهنجا عظيم ساٿيو! اچو ته گڏجي حق ۽ سچ جو رستو ونون، هڪٻئي کان سکون ۽ سيکاريون سڳا لاءِ وقت ڪيون، غريب بي پهچ انسانن لاءِ جدوجهد ڪريون، سيئي گڏجي پنهنجي تعليمي صلاحيتن وسيلي اهڙو امن ۽ ڀائپي وارو ماحول پيدا ڪيون جنهن سان نه رڳو سڳا جا سيئي ساٿي متحد ٿين پر عام سنڌي گريجوئيٽ اسان ڏانهن شامل ٿين.

منهنجي دعا آهي ته شال رب ڪريم سڳا کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪري، هن ڌرتي کي امن سلامتي ۾ رکي.



شال! هن ڌرتي تي رهندڙ انسانن کي سک ۽ آجپي جي زندگي ۽ پر سڪون ماحول نصيب ڪري آمين!!!

پتنگ چائين پاڻ کي ته اچي آڳ اجهاءِ،
پچڻ گهڻا پچايا تون پچڻ کي به پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ آڳ نه ڏجي عام کي.
(شاهه)

سدائين گڏ، ساٿ سلامت

# سگا ڪارنر ۾ سهيڙيل
# سگا جي 50 سالن جي تاريخ جو احوال

تاريخ سهيڙڻ ۽ ان بابت ڄاڻ رکڻ جي تمام گهڻي اهميت هجي ٿي. دنيا جي جڳ مشهور فلاسافر مارڪس گاروي جو قول آهي ته: ”جيڪي ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ، پنهنجي اصليت ۽ ثقافت بابت ڄاڻ نه ٿا رکن، اهي ان وڻ مثل آهن، جنهن جي ڪابه پاڙ نه آهي.“

دنيا جي هڪ ٻئي ڏاهي ٿيوڊور روسويلٽ جو جڳ مشهور قول آهي ته ”اوهان ماضيءَ جي باري ۾ جيترو زياده ڄاڻندئو، اوهان مستقبل لاءِ اوتري بهتر تياري ڪري سگهندئو.“

تاريخ بابت ڄاڻڻ کان پهريان ٻه بيا بنيادي مرحلا هجن ٿا، پهريون تاريخ سهيڙڻ، يعني ٽڙيل پکڙيل ۽ هتي هُتي موجود مواد ۽ ٻين شين کي هڪ جاءِ تي ترتيب ڏئي گڏ ڪرڻ ۽ ٻيو مرحلو ان کي محفوظ بنائڻ جو آهي ته جيئن ماڻهو ان تاريخ کي چڱيءَ ريت پڙهي ۽ ڏسي سگهن. تاريخ جي اهڙي اهميت کي سامهون رکندي مون پڻ سگا جي 50 سالن جي تاريخ کي سهيڙڻ ۽ ان کي محفوظ بڻائڻ جو پروگرام رٿيو.

جيئن ته مون کي نهايت فخر محسوس ٿي رهيو آهي ته مان هن وقت سگا اداري ۾ سيڪريٽري جنرل ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهيان، مون کي هن اعليٰ عهدي تي پهچندي محسوس ٿيو ته سگا جي روايتن ۾ ماڻهو اعليٰ عهدو ماڻڻ باوجود هڪ ڪارڪن ئي رهي ٿو ۽ مان گذريل اڍائي سالن کان سيڪريٽري جنرل جو عهدو ماڻڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين پاڻ کي سيڪريٽري جنرل گهٽ پر سگا جو ڪارڪن وڌيڪ محسوس ڪريان ٿو.



ان جو اصل سبب اهو به آهي ته اصل ۾ منهنجي نظر ۾ سگا جو ميمبر غير روايتي ماڻهو نه ٿو ٿي سگهي ۽ ان ۾ هڪ الڳ جذبو ۽ خواب ئي هوندو آهي، جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي سگا جو ميمبر ٿيڻ لاءِ اتساهي ٿو. سگا آفيس ۾ ويهندي مون جڏهن سگا جي رڪارڊ تي نظر وڌي ته منهنجي حيرت جي حد نه رهي. مون ڏٺو ته سگا جي بنياد واري ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٿيل سمورو ڪم رڪارڊ جي صورت ۾ موجود هو، پر ان ۾ مسئلو اهو هو ته اهو سڄو رڪارڊ مختلف شڪلين ۾ ٽڙيل پکڙيل هو.

مون کي ان ۾ هڪ ته ترتيب جو مسئلو، سنڀال، تاريخ ۽ رڪارڊ جي درستگي جهڙا وڏا مسئلا نظر آيا. پوءِ مون سوچيو ته سگا جي تقريبن اڌ صديءَ جي تاريخ کي ڇو نه سهيڙجي ۽ ان کي ٻيهر ترتيب ڏئي هميشه لاءِ محفوظ بڻائجي، جيتوڻيڪ اهو ڪم ڪو درياهه پار پوڻ کان گهٽ ڪونه هو، پر بهرحال مون ان درياهه ۾ لهڻ جو فيصلو ڪيو.

## سگا جو تاريخي رڪارڊ زبون حال ۾

سگا هيڊ آفيس ۾ پيل رڪارڊ اٿلائڻ ڪانپوءِ مون کي حيرت ٿي ته تنظيم جي شروعاتي ڏهاڪن جو رڪارڊ ڪيڏي نه دلچسپي ۽ محنت سان سنڀاليو ويو آهي. هر گڏجاڻي، مختلف ادارن سان ٿيل خط و ڪتابت، تقريرون، تحريرون مطلب ته هر شيءِ نهايت ئي تفصيل سان ۽ وقتائتي لکيل آهي. نه رڳو تحريري طور تي پر ان وقت ۾ آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊنگ پڻ موجود آهن.

گهڻو وقت اڳ ٿيل سيمينار، ڪانفرنسون، گڏجاڻيون، محفل موسيقي جا پروگرام ۽ مختلف شخصيتن سان ملهايل شامون، اڪثر آڊيو ۽ وڊيو طور رڪارڊ ٿيل آهن. هڪ ٻي شيءِ

جنهن تمام گهڻو متاثر ۽ حيران ڪيو، اها آهي ڇپائي جو ٿيل ڪم، ان وقت نئا نئا رسالا، ساليانيون ڪارڪردگي رپورٽون، گڏجاڻين جا ميٽنگ منٽس نه رڳو تحرير ٿيل پر پريس کان ڇپايل به آهن. جيڪا ڳالھ اهو ثابت ڪري ٿي ته ان وقت سگا جي ساٿين ڏينهن رات هڪ ڪري سگا کي شروعاتي چند رضاڪار ميمبرن مان 9 هزار رضاڪار ميمبرن تائين ڦهلائي سگا کي هڪ تنظيم مان ادارو بڻايو.

سگا جي ان ايڏي وڏي رڪارڊ کي نظر ۾ رکندي مون فيصلو ڪيو ته سگا جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ جامع رٿا جوڙجي ۽ ان تي عملي طور ڪم شروع ڪجي. اهڙي فيصلي کانپوءِ رڪارڊ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## سگا ڪارنر جو قيام

مون شروعات ۾ سگا جو رڪارڊ سهيڙڻ ۽ ترتيب ڏيڻ لاءِ مظهرالدين ميمڻ ريسورس سينٽر ۾ "سگا ڪارنر" نالي هڪ الڳ ڪارنر ناهڻ لاءِ ڪوششون ورتيون، جنهن ۾ سگا جو سمورو رڪارڊ محفوظ ڪيو ويو. سگا ڪارنر جو افتتاح سگا جي چيئرمين محترم رفيق احمد جعفري صاحب. 3 نومبر 2019ع تي ڪيو.

## رڪارڊ ۾ ڪتاب، رسالا، خط، سيڊيزءِ ڪيسيٽن جي سهيڙ ۽ ترتيب:

1. اهڙي رڪارڊ ۾ سڀ کان اول مون مختلف تاريخي پروگرامن جو 200 کان مٿي وڊيو ڪيسيٽس هٿ ۾ ڪنيون، جيڪي وي سي آر ڪيسيٽس جي شڪل ۾ رڪارڊ ۾ موجود هيون. جيئن



ته هن وقت ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي سبب وي سي آر جي جاءِ CDs والاري ورتي آهي، ان ڪري وي سي آر ڪيسيٽس کي DVD۾ تبديل ڪرايو ۽ ان جون CDs نهرائي محفوظ ڪيون ويون آهن ۽ انهن کي ڪمپيوٽر ۾ به محفوظ ڪيو ويو. جيڪي "سگا ڪارنر" ۾ موجود آهن ۽ ترتيب سان رکيل آهن. ان سان نه رڳو رڪارڊ محفوظ ٿي ويو، پر ان رڪارڊنگ جي زندگي به وڌي وئي.

2. منهنجي ڪوشش آهي ته جيئن ته سگا جي ويب سائيٽ تي ڪم هلي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪافي معلومات رکي وئي آهي.

3. سگا جو يوٽيوب چينل sga-tube کولي اهي سڀ وڊيو رڪارڊنگ وقت به وقت اپ لوڊ ڪندا رهون ٿا ته جيئن ان رڪارڊنگ جي زندگي ايتري ڊگهي ٿئي جيتري زندگي ڪائنات جي آهي.

4. سگا آفيس جي رڪارڊ ۾ فوٽو گرافس جي سهيڙ ڪئي وئي، جنهن ۾ هر سال ۽ هر پروگرام جا فوٽو گرافس الڳ الڳ ڪري، البم ناهيا ويا آهن، ڪوشش ڪئي وئي آهي ته البم ۾ موجود ناليوارين شخصيتن جي نالن سميت پروگرام جو نالو، هنڌ ۽ تاريخ لکي البم ترتيب ڏنا وڃن. نوان البم ونئي هزارين تصويرون محفوظ ڪري ورتيون آهن.

5. ان سان گڏ سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۽ ڪائونسل آف ميمبرس جي ٿيل گڏجاڻين جا ميٽنگ منٽس ترتيب ڏيڻ پڻ هڪ وڏو چئلينج هو، جيڪو شروعاتي سال کان وٺي هر گڏجاڻيءَ جا ميٽنگ منٽس محفوظ ڪري انهن کي مختلف جلدن (ياڱن) ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي.

6. ان کان علاوه سگا ڪارنر ۾ 1972ع کان وٺي 2021ع تائين آڊٽ رپورٽون سهيڙي مختلف جلدن ۾ ترتيب ڏئي سگا ڪارنر ۾ محفوظ ڪيو آهي .

7. سگا ڪارنر ۾ 1972ع کان وٺي ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جا هڪ هزار جي لڳ ڀڳ لکيل خطن کي تاريخ، مهيني ۽ سال وار ترتيب ڏئي ستن جلدن ۾ رکيو ويو آهي.

8. رڪارڊ جي حوالي سان هڪ ٻيو ڪم هٿ ۾ کنيو جنهن ۾ 1972ع کان ويندي مختلف Tenure ۾ مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۽ ڪئبنيٽ جا تفصيل الڳ سهيڙيا ويا، جيڪي "سگا اتهاس" ڪتاب ۾ موجود آهي .

9. رڪارڊ جي حوالي سان سگا پاران مختلف سالن ۾ ٿيندڙ ساليانی سالگره تقريب ۾ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪاڪردگي جي بنياد تي مختلف شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويندا آهن، انهن جا تفصيل پڻ سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ته جيئن انهن سيني خوش قسمت شخصيتن جو رڪارڊ سهيڙجي جن کي تعليم، صحت، رضاڪاريت، ميوزڪ، آرٽ ۽ ٻين شعبن ۾ ڪاميابيون ماڻڻ تي ايوارڊ ۽ شيلڊون ڏنيون ويون آهن، جيڪو تفصيل پڻ ذڪر ڪيل ڪتاب "سگا اتهاس" ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هتي ان ڳالهه جي پڻ وضاحت ڪندو هلان ته سگا پاران مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شخصيتن کي 1977ع کان ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو هو، جيڪو اڄ تائين هلندڙ آهي.

10. سگا پاران مختلف وقتن ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا ڇپرايا ويا آهن، جيڪي پڻ ترتيب ڏنا ويا آهن، جن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته هن وقت سگا پاران ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪهڙن موضوعن ۽ ٻولين ۾ ڪتاب ڇپرايا ويا آهن، جن جو تفصيل پڻ ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

11. سگا ڪارنر ۾ ان کان علاوه مختلف وقتن تي ڇپرايل رپورٽس، پمفليٽ، بروشر ۽ مختلف سالن ۾ منعقد ٿيندڙ اهم



ڪانفرنسون، سيمينار، ليڪچر پروگرام، احتجاج ۽ ٻين سرگرمين کي تاريخي طور ترتيب ڏئي سگا ڪارنر جي سونهن بڻايو ويو آهي.

**سگا جي شاخن جي رڪارڊ جي سهيڙ ۽ ترتيب:**

12. سگا جو رڪارڊ سنڀالڻ جي حوالي سان هڪ ٻي "جامع رٿا" هيٺ ڪم ڪيو آهي، جنهن هيٺ 1972ع کان وٺي 2021ع تائين سگا جي جڙيل سيني شاخن جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽرين (ڪائونسل آف ميمبرس) جا نالا ۽ انهن جي Tenure متعلق تفصيل سهيڙيو ويو آهي.

جنهن کي پڻ "سگا الماس" ڪتاب ۾ ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

13. هن ڪتاب ۾ سگا جا منعقد ٿيل 1972 کان اڄ ڏينهن تائين ٿيل ڪنوينشن ۽ سالگره جو رڪارڊ پڻ ترتيب ڏئي ڇاپيو ويو آهي.

14. سگا جي ساٿين سگا جي پليٽ فارم تان ايڏو ته ڪم ڪيو آهي جو منهنجي خيال ۾ ان ڪم کي رڳو سهيڙڻ ۾ ئي سال گهرجن.

سگا جي رڪارڊ کي سهيڙڻ وارو ڪم هٿ ۾ کڻندي فخر ان ڪري به محسوس ڪري رهيو آهيان ته اهو ڪم هن ناچيز هٿان ٿي رهيو آهي، مون اهو سوچيو به نه هو ته ايڏو وڏو ڪم منهنجي هٿان ٿيندو.

Volunteerism Above Self ۾ سگا جي بي لوث 50 رضاڪارن تي انگريزيءَ ۾ پروفائيل لکيا جيڪو پڻ ڇپجي اوهان جي هٿن ۾ اچي چڪو آهي. سگا جي رضاڪارن کي قلمي پورهيي سان ڪتابي شڪل ۾ خراج تحسين

15. "سنڌ جن جي ساھ ۾" ڪتاب ۾ سگا جي 100 بي لوث ڪارڪنن جي زندگي ۽ جدوجھد جو احوال قلمبند ڪيو اٿم، جن بنا ڪنھن لالچ ۽ لوڀ جي پنھنجن مٽڻن ماروئڙن جي خدمت ڪئي آھي.

16. ھن ڪان اڳ سڀ ڪان پھريون ڪتاب مون سگا جي ان شاخ جي تاريخ کي سھيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، جنھن شاخ جو مان پاڻ ميمبر آھيان. اھو ڪتاب "سگا شھدادڪوٽ شاخ جي تاريخ" نالي سان ڇپجي اوھان جي ھٿن ۾ اچي چڪو آھي.

17. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ساليانى ڪارڪردگي ڇپيل رپورٽ سال وائيز ترتيب ڏئي "سگا ڪارنر" ۾ رکيون ويون آھن.

18. سگا جي مختلف دور ۾ ترميم ڪري ڇپايل آئين ترتيب ڏئي رکيا ويا آھن.

19. ان ڪان علاوه "سگا پياس" نالي ڪتاب تيار ڪيو ويو آھي جنھن ۾ سگا جي ھر شاخ جي مختصر ۽ ماضيءَ جون ڪارگذاريون ڏنيون ويون آھن. ھن ڪتاب ۾ سال 2019ع ۽ 2020ع ٻن سالن جي ھر ھڪ شاخ جو احوال ڏنو ويو آھي.

سگا جي 50 سالن جي تاريخ تي سنڌي ، ڳردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڊاڪيومينٽري.

20. سگا ڊاڪيومينٽري جي رڪارڊنگ ۽ تياري مڪمل ٿيڻ تي آھي. انشاءَ الله سگا جي 50 سالن جي گولڊن جوبلي جشن ۾ سگا ڊاڪيومينٽري پيش ڪئي ويندي.

21. سگا مورو شاخ جي ڪتاب ڪانپوءِ، سگا ڪراچي، سگا شھدادڪوٽ، سگا ٻن شاخن جا شاندار ڪتاب ڇپجي چڪا آھن ۽ مختلف شاخن جنھن ۾ سيوھڻ، قلجي اسٽيشن، گلشن حديد، سچل ڳوٺ، مورو ۽ ٻين ڪيترن ئي سگا شاخن جا ڪتاب تياري ھيٺ



آھن. جيڪي جلد ڇپجي ھڪ اداري جي 50 سالن جي مسلسل جدوجھد جي تاريخ کي دنيا آڏو پيش ڪندا.

22. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي تعليم، صحت ۽ سماجي ڪمن کي 50 سالن جي گولڊن جوبلي پروگرامن ۾ ڪيترائي ڪتاب ترتيب ھيٺ آھن انشاءَ الله وقت ۽ حالات اجازت ڏني تہ ضرور پنھنجو ڪردار ادا ڪبو.

23. سگا سوشل ويب چينل تياري ھيٺ آھي جنھن لاءِ ھن سال بجيٽ بہ الڳ سان رکيو ويو آھي.

سگا سوشل ويب چينل ھڪ بھترين قدم آھي جنھن ذريعي سگا جا رضاڪار پنھنجون سرگرميون ۽ سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ موجوده مسئلن تي آواز بڻجي پنھنجو سگھارو ڪردار ادا ڪري سگھندا.

سگا سوشل ويب چينل تي سگا جي تاريخي پروگرامن کي بار بار ھلايو ويندو. سگا جي لطيف ڪانفرنس، سچل بين الاقوامي ڪانفرنس، شاھ سچل سامي امن ڪانفرنس، بين الاقوامي سنڌ ٻولي ڪانفرنس ۾ پڙھيل مقالن کي نشر ڪيو ويندو. رضاڪارن کي مڃتا ڏئي انھن بابت پروگرام ڪبا وغيره.

تاريخ سھيڙڻ ھڪ نھايت ئي سنجيده ۽ ڏکيو ڪم آھي. ڪيترين ڪوششن باوجود بہ وڏن وڏن ادارن ڪان غلطيون ۽ ڪميون ٿيو وڃن. يقين اسان کان بہ ڪٿي ڪميون ۽ ڪٿي ڪمزوريون ٿيون ھونديون. اسان جي ٽيم ۾ ڪير بہ تاريخ کي سھيڙڻ جو ڪورس ڪونہ ڪيو آھي. پر پنھنجي عشق سان، محبت سان رنڊا روڙيا آھن.

وڏيڪ ساٿي بھترين طريقي سان لکت ۾ رھنمائي ڪري ان ڪم کي اڳان بہ بھتر ڪري سگھجي ٿو. مون سان ان عمل ۾ سگا جو ھر ساٿي شامل حال رھيو آھي. سگا جي چيئرمين رفيق احمد

جعفري جو ساٿ ۽ اعتماد هر موڙ تي قائم رهيو آهي. سڳا شهدادڪوٽ جو دوست پروفيسر عبدالجبار جوڻيجو ۽ سڳا قل شاخ جو پروفيسر بخش علي چانديو هر صلاح ۽ عمل ۾ گڏ رهيو آهي. سڳا هيڊ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عملي جي مسلسل تعاون، ڪوشش جي ڪري ايتريون ڪاميابيون مليون آهن. امام علي ڏيٿو، اشرف لاريب، قربان علي پنيرو، پارس چنا، علي محمد ميمڻ، حزب الله شاهاڻي، خادم حسين سيلرو ڪان ويندي نادر علي ۽ نثار احمد ۽ هر هڪ جو ڪردار آهي. آئون انهن سڀني ساٿين جو نهايت ٿورائتو آهيان .

منهنجي ڪوشش آهي ته پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ذڪر ڪيل رٿا ڪي پايہ تڪميل تي پهچايان، جنهن جي ڪم جو ڳچ حصو مان مڪمل ڪري چڪو آهيان جڏهن ته رهيل ڪم تي پڻ ڪم تيزيءَ سان هلي رهيو آهي.

اميد آهي ته سڳا جي 50 سالن جي ڊگهي عرصي تي ٻڌل تاريخ ڪي سهيڙي ۽ محفوظ بڻائڻ واري رٿا جلد مڪمل ڪئي ويندي.



## سڳا جي هلندڙ دور جو مختصر احوال

(2021ع - 2022ع)

**اليڪشن** 2021ع

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جون 41 هون ساليانو ڪنوينشن 25 ۽ 26 ڊسمبر 2021ع تي پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ تي گذريو. جنهن ۾ سڄي سنڌ کان 87 شاخن جي وفدن شرڪت ڪئي.

25 ڊسمبر 2021ع ڏينهن جمع شام جو 05:00 وڳي افتتاحي اجلاس شروع ڪيو ويو. جنهن ۾ آءٌ بحيثيت سيڪريٽري جنرل ساليانی رپورٽ پيش ڪئي. جڏهن ته محترم نور محمد سيال ماليات جي رپورٽ پيش ڪئي ۽ سڳا چيئرمين محترم رفيق احمد جعفري افتتاحي تقرير ڪئي. جنهن چيو ته: "اڄ جڏهن اسين هن ساٿ جي 41 هين ساليانی ميڙ ۾ موجود آهيون ته اسان پنهنجي ڪارگذارين جي 49 سالن جي حاصلات جو ثمر ساڻ ڪري، انهن جو اپياس، ڇنڊڇاڻ ۽ جائزي جي بنيادن تي آئندي جي سفر، رٿابندي ۽ جاکوڙ لاءِ نون جذبن ۽ حوصلي سان اڳتي جو طريقو جوڙڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون.

سڳا پنهنجي سماجي خدمتن جي 50هين سال يعني پنهنجي گولڊن جوبلي سال ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ نئين سال ۾ سڳا جي گولڊن جوبلي سال وارو عظيم الشان وقت پڻ اچي پهتو آهي. اهو اسان لاءِ وڏو اعزاز ۽ ملڪ ۾ سماجي رضاڪارن لاءِ خدمتن جي اها شاندار ۽ مثالي تاريخ پڻ ڇڏي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان نه فقط پاڻ سيئي پر لڳ ڀڳ سموري دنيا وبائي مرضن جي مختلف مرحلن مان اهڙي طرح گذري جو سڄي دنيا مفلوج نظر آئي، نه فقط جاني ۽ مالي نقصان ٿيا پر زندگيءَ جون سموريون رنگينيون

۽ رعنائيون ختم ٿينديون محسوس ٿيون. سموري دنيا جتي ٻين سمورن نقصانن کي منهن ڏنو اتي غريب ۽ ڏهاڙيءَ جي بنيادن تي آٽين ۽ چاڙهين وارا ماڻهو عجيب ڪيفيت ۾ هئا، انهن جا خاندان فاقہ ڪشي جو شڪار ٿيڻ لڳا.

جڏهن اسين سگا جي گولڊن جوبلي سال ۾ داخل ٿي رهيا آهيون تہ آئون سگا جي پنجاهه سالن جي اڻمٽ تاريخ جي بنيادي اوائلي دستاويز ۾ لکيل سگا جي باني ميمبرن محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، مرحوم شمشير الحيدري، محترم سائين بخش عباسي، محترم مراد علي جوڻيجو، محترم حاڪم علي پٿو ۽ ٻين بزرگ اڳواڻن کي ان حاصلات جون مبارڪون، انهن جي نالن کي پيار، پنهنجائپ ۽ محبت جي پيتا طور پيش ڪريون ٿا.“

26 ڊسمبر 2021ع تي صبح جو 11:00 وڳي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جون چونڊون مرڪزي اليڪشن ڪميشن جي نگراني ۾ شروع ڪيون ويون. جنهن ۾ هيٺيان عهديدار ۽ ميمبر چونڊيا ويا.

ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، (چيئرپرسن) محترم علي حسين بروهي، (وائيس چيئرپرسن) محترم ولي محمد روشن، (سيڪريٽري جنرل) محترم تاج محمد وساڻ، (ڊپٽي سيڪريٽري جنرل) محترم نور محمد سيال، (سيڪريٽري ماليات ۽ رٿابندي) محترم عبداللطيف ڪرٽيو، (سيڪريٽري اطلاعات) محترم پيرل خان ڪوسو، (سيڪريٽري تعليم) محترم ارباب خالد محمود، (سيڪريٽري صحت ۽ آفتن جو بندوبست) محترم شهاب الدين شاهاڻي، (سيڪريٽري ثقافت) محترمہ صبيحہ شبنم، (سيڪريٽري عورتن جي ترقي)



جڏهن تہ مرڪزي ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي لاءِ محترم منظور حسين اڄڻ، محترم عبدالحميد بلو، محترم ”راز“ علي گل پٿو، محترم سيد علي رضا شاهہ، محترم محمد زمان دايو، محترم محمد موسيٰ گولو، محترم نور محمد سهتو، محترم گلزار علي ڪلهوڙو، محترم وزير حسين سولنگي (فرهاد)، محترم محمد اشرف خادم، محترم عبدالغفار صديقي، محترم امير احمد جوڻيجو، محترمہ حميده خاصخيلي، محترمہ عروسہ ڪٽي، ڊاڪٽر ثمينہ نازاليڪشن ڪٽي آيا.

اليڪشن کان بعد (5) ڪو آپٽيڊ ميمبر مرڪزي ڪاميٽي لاءِ اليڪشن ڪرائي وئي، جنهن ۾ بيبي بشريٰ بسمہ شاهہ، ڊاڪٽر شبنم ڪريم، ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، محترم خالد حسين چنا، پروفيسر محمد سليم ميمڻ چونڊجي آيا.

اليڪشن 2021 بابت راءِ محفوظ رکندي نيڪ تمنائن ۽ خواهشن جو اظهار ڪندي اهو ٻڌائيندي ۽ لکندي بيحد خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان تہ 2022ع موجوده دور ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي چيئرپرسن محترمہ مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ آهي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 50 سالن جي تاريخ ۾ پهريون دفعو هڪ عورت سربراهہ ٿي آهي. سگا جي رضاڪارن کي موجوده دور ۾ سگا جي قيادت کان سگا کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌ جي ٻي پهچ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جون تمام گهڻيون اميدون آهن. انشاءَ الله تمام گهڻي تبديلي ايندي.

# ايندڙ وقت ۾ سگا ڪيئن هئڻ گهرجي ؟
# سگا جي 2022ع ۾ ٿيندڙ گولڊن جوبلي
# تقريب ۾ پيش ڪيل تجويزون

اول نانءُ الله جو، جنهن جوڙيو هي جهان،
اشرف المخلوقات چئي ويتر وڏايائين مان،
سو سچو سبحان فَبِاي آلاءِ ربڪماتو ڪذبٰن.

سڀ ساراهون پاڪ پروردگار باري تعالي کي سونهن ۽ ساراه انهي مالڪ جي جيڪو وڏو ٻاجهارو ۽ پالڻهار آهي. هو رازق ۽ رحيم آهي. هرحال ۾ انهيءَ سائين اڳيان سجدو سونهين ٿو. شال سدائين سندس ڪرم جا ڪڪر اوهان تي، اسان تي ۽ سڄي سنڌ تي سدا ڇانيل هجن ۽ ڪاميابين جي خوشين سان سڄي سنڌ هميشہ مهڪندي رهي. آمين

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

مالڪ جي انهي مهرباني سان پاڻ سگا گولڊن جوبليءَ جون خوشيون ملهائي رهيا آهيون ۽ مون کي اوهان سان مخاطب ٿيڻ جو اعزاز بخشيو آهي.

مانوارا ساٿيو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي 50 سال پورا ٿيڻ تي انتهائي خوشي ۽ مسرت محسوس ڪري رهيو آهيان. اوهان سگاجي سيني ساٿين، سرواڻن، رضاڪارن ۽ املهہ ڪردارن کي دل جي اٿاهہ گهراين سان مبارڪون هجن. سگا جو 50 سالن جو



سماجي سفر اصل ۾ سنڌ جي سماجي خدمتن، علمي، ادبي ۽ پاڻ ارپڻ جي هڪ شاندارتاريخ آهي. سگا جي هن سفر ۾ هزارين بي لوث ۽ گمنام رضاڪارن جون محنتون، محبتون، ڪاوشون ۽ خدمتون شامل آهن.

اسان خوشنصيب آهيون جو اسان سڀ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي 50 سال پورا ٿيندي ڏسي رهيا آهيون. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن مسلسل عوامي ڀلائي لاءِ هر ممڪن طور تي خدمتون سرانجام ڏيندي رهي ٿي.

سگا سنڌ جي ساڃاهہ وندن جي هڪ تنظيم آهي، متحد آهي ۽ سنڌ جي امانت آهي. سنڌ جو سگهارو آواز آهي، پر سگا جي ساٿين کي اڃان گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. گذريل سال هن ئي آرٽس ڪائونسل جي اوپن ايئر ٿيٽر ۾ سگا جي باني محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سالياني تقريب ۾ ڪيل تقرير رڪارڊ تي آهي. پاڻ فرمايائون تہ اسان اڃان اتي ئي آهيون جتان اسان شروع ڪيو هو. پرائمري تعليم تباهہ آهي، معاشي طور اڃان تائين مستحڪم نہ ٿي سگهيا آهيون، بي روزگاري اڃان وڌي آهي، سنڌ جي پاڻي جو مسئلو ساڳيو آهي، اڃان تائين سنڌ جا وسيلا سنڌ لاءِ استعمال نہ ٿا ٿين!

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نهڻ جي تاريخ پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ: ”سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي قائم ٿيڻ جا بنيادي ڪارڻ 1970ع دؤران آيل تبديلين سان اڀريا، جڏهن ون يونٽ جي خاتمي سبب ڪراچيءَ ۾ سنڌ سرڪار جو پنهنجو سيڪريٽريٽ قائم ٿيو، جنهن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ پاسي لاهور کان سمورو سنڌي عملو سنڌ موٽي آيو تہ ٻئي پاسي سنڌ جي اندرين علائقن کان ڪيترائي ماڻهو اچي ڪراچيءَ پيڙا ٿيا. انهيءَ نئين صورتحال، ڪراچيءَ جهڙي هنگامي شهر ۾ سنڌي آفيسرن ۽

سندن ڪٽنبن لاءِ رهائش ۽ تعليم جا وڏا مسئلا پيدا ڪري وڌا.“

اهڙي صورتحال ۾ باشعور، بي لوث محب وطن ڪاهوڙي ساٿين جون ڪيتريون ئي گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. جنهن ۾ هڪ اهڙي جماعت ناهڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو جنهن جو پهريون مقصد سنڌ جي ماڻهن کي معياري تعليم ڏيڻ هو. آخرڪار 22 فيبروري 1971ع تي جماعت جو نالو سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طئي ٿيو. 4 جون 1971ع تي ائسوسيئيشن جي ميمبر شپ شروع ڪئي وئي. 4 جون 1972ع تي جناب محمد بخش شاهاڻي جي صدارت ۾ چونڊون ٿيون ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڪم جي باقاعده شروعات ڪئي وئي. شروع ۾صرف ڪراچي جي مسئلن بابت لک پڙهه ڪئي وئي، ان ڪان پوءِ سگا جون سڄي سنڌ ۾ شاخون کوليون ويون. اهڙي طرح سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن غير سياسي بنيادن تي سڄيءَ سنڌ جي اعلي تعليم يافته طبقي جي هڪ سماجي تحريڪ بڻي.

ڪيترائي رضا ڪار پنهنجي مالي، شخصي ۽ سماجي حيثيت، اثر رسوخ، علمي ۽ اعلي انتظامي صلاحيتن کي سنجيدگيءَ سان سنڌ جي آئيندي جي اڏاوت لاءِ ڪتب آڻڻ لاءِ گڏ ٿي سگا ۾ ڪم ڪندا رهيا ۽ ڪم ڪندا رهن ٿا. سگا 1972ع کان 2022ع تائين 50 سالن جو سفر پورو ڪيو آهي، جنهن ۾ سچي ڳالهه اها آهي ته سگا جي باني محترم ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ صاحب جي سحر انگيز ۽ بي لوث خدمت واري سڏ کي سڄي سنڌ جي باشعور رضاڪارن لبيڪ چئي خدمت کي عبادت سمجهي ميدان عمل ۾ ڪاهي پيا.

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٽاءَ سات جي.

هٿين سڪٽين هوندي به ڏسندي ڏسندي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن سماجي شعور جو سگهارو آواز بڻجي وئي. زندگيءَ



جي هر شعبي ۾ سگا جي رضاڪارن پنهنجو وقت، ڏات، پيار، پيسو ۽ پگهر وهائي غريب مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جو خيال رکيو آهي. تعليم، صحت، ثقافت يا روز مره جا مسئلا ايوانن تائين پهچايا آهن. سگا جو 50 سالن جو سفر حقيقت ۾ عشق جو سفر آهي، جنهن ۾ عقل سان سوچبو ته ڪافي هنڌن تي ٿورا گهڻا جهول ۽ ڪمزوريون نظر اينديون. پسند ۽ ناپسند جا اڻٽر اثر نظر ايندا، پر مجموعي طور تي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن واحد سماجي تنظيم آهي، جنهن مسلسل خدمتن جو هڪ شاندار سلسلو جاري رکيو آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن تي ايندڙ وقت ۾ ضرور ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ٿينديون ۽ سگا جي خدمتن تي مختلف طريقن سان ضرور لکيو ويندو. مونکي سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ايندڙ 50 سالن جي حڪمت عملين تي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو آهي. ڪنهن به ڪم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ منصوبابندي ڪرڻ تمام اهم آهي چاڪاڻ ته People don't plan to fail but fail to plan يعني ماڻهو ان لاءِ منصوبابندي نه ڪندو آهي ته هو ناڪام ڪيئن ٿئي پر منصوبابندي ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو آهي.

ايڪيهين صدي جي تبديلين دنيا کي ايترو ته هڪ ٻئي تي ڀاڙي ڇڏيو آهي، جو اسان هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ کان بغير رهي ڪون ٿا سگهون. جنهن جو مظبوط مثال تازو ڪورڊ 19 وائرس دوران پيدا ٿيندڙ حالتن جو ڏئي سگهجي ٿو، يا وري ڪٽي ايئن چئون ته post modernism جو مطلب ئي آهي interdependence هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ ۽ سگا جو به عين مقصد اهو ئي آهي ته سگا پنهنجي رضاڪارن تي ڀاڙي ٿي ۽ انهن جي اڻ ٿڪ ۽ بي لوث خدمتن جي بنياد تي اڄ به قائم ۽ دائم آهي حضور اڪرم حضرت محمدصہ آقا جي هڪ حديث آهي.

پاڻ فرمايائون تہ ”منهنجي امت ۾ ايندڙ وقت ۾ افضل اهو هوندو جيڪو سماج ۾ هلندڙ ريتن ۽ رسمن جي خلاف ورزي ڪري سماج سڌارڪ رسمن جي پرچار ڪندو، پوءِ پل اهي ٿورڙائي ۾ ڇو نہ هجن.“

سگا جيڪا هيڏي وڏي آبادي واري ملڪ ۾ تمام ننڍڙي تعداد ۾ آهي. پر سندس ڪم معياري ۽ موثر آهي. هر سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ دماغ رکڻ وارا انهي آرگنائيزيشن جو حصو آهن، جيڪي سگا جو ڪنڌ هميشہ مٿي ڪيون بيٺا آهن. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي مهندارن ڪي انهن رضاڪارن ڪي سنڀالڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي سگهہ، طاقت ۽ سڃاڻپ اصل ۾ ان جا رضاڪار آهن. ايندڙ اڌ صديءَ جي حڪمت عملي لاءِ سڀ کان پهريان اڃو تہ سگا جي رضاڪارن ڪي بچايون. رضاڪارن جي محنت سان سگا موجوده حالتن ۾ موجود آهي.

تاريخ گواهہ آهي تہ فرانس ۾ صنعتي انقلاب کان پوءِ اصل محنت ڪش ۽ هنرمند ماڻهو بک مرڻ لڳا. هڪڙي مشين هزارين هنر مند ماڻهن بدران ساڳيون شيون ناهي پئي جيڪي بلڪل سستي اگهہ تي وڪرو ٿي رهيون هيون ۽ ظالم سرمائيدار ڏينهون ڏينهن امير ۽ مظبوط ٿيندا ويا.

انگريزن جي هڪڙي وڏي شاعرOliver Goldsmith چيو تہ:

Ill fares the land to hastening ills a prey
Where wealth accumulates and men decay.
Princess and Lords may flourish ormay fade
But a bold peasantry, their country's pride
When once destroyed, can never be supplied.



يعني ان ڌرتيءَ ڪي تمام گهڻو ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو آهي جتي هڪڙا ماڻهو ڪائڻ لاءِ مرن ۽ ٻيا دولت گڏ ڪندا وتن. بادشاهہ ۽ شهزادا ايندا ويندا، نهي پوندا پر هاري جيڪڏهن هڪ دفعو هارپو ڪرڻ ڇڏي ڏنو تہ وري هارپو ڪري نہ سگهندو، تنهن ڪري بادشاه کان وڌيڪ هاري اهم آهن. حاصل مطلب اهو تہ سگا جي رضاڪارن جي جذبي ڪي بچائڻو آهي. رضاڪاريت ڪي هٿي وٺرائڻ لاءِ ميدان عمل ۾ پرجوش ۽ سچائي سان خدمت ڪرڻي آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي آئين موجب سگا جي رضاڪار ۽ ڪائونسل آف ميمبر هڪ سپريم ادارو آهي جيڪو پنهنجي قيادت چوندي ٿو. سگا جمهوري طريقي سان هر 3 سالن ڪانپوءِ اليڪشن ڪرائي چوندجي آيل ساٿين ڪي ذميواريون سونپي ٿي. اهو تنظيم لاءِ هڪ اهم ۽ حساس موڙ آهي. جنهن سبب اڪثر مونجهارا ۽ ناراضگيون بہ ٿين ٿيون. آئون سمجهان ٿو اسان ڪي سگا جي مستقبل ۾ امڪاني بحرانن ۽ تنظيم ڪي وڏي نقصان کان اڳواٽ بچائڻ لاءِ هڪ اجان وڌيڪ مظبوط خودمختيار ۽ ڪل وقتي اليڪشن ڪاميٽي مقرر ڪري ۽ اليڪشن جي سيني مرحلن ڪي هر ممڪن حدن تائين شفاف ۽ اڻ ڏريو ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺڻ گهرجن. اسان ڪي گڏجي تنظيم ڪي مستقبل ۾ امڪاني اندروني ۽ بيروني اجايو سياست کان بچائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کان ٻاهر ڪيترا ئي سڄاڻ ۽ نبض شناس سماجي ڪاهوڙي دوست سگا بابت مختلف چشما پائي سگا جي ڪارگذارين ۽ ڪمن جي طريقيڪار ڪي ڏسي پنهنجا پنهنجا تجزيا ڪري رهيا آهن. سنڌ جي جملي مسئلن تي سگا جي آواز ۽ طريقيڪار بابت رايا ڏئي مختلف پيشنگويون ڪري رهيا آهن. پر حقيقت ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي حڪمت عملي ايندڙ وقت ۽ حالتن تي دارومدار رکي ٿي. جنهن تي

سگا جو ڪنٽرول ڪونهي پر سگا جي اندروني معاملن کي ايندڙ ڪجھ سالن اندر اجان وڌيڪ بهتر ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته اهو سگا جي قيادت ۽ ذميوار رضاڪارن جي وس آهي.

سگا جي ڪم ڪار جي طريقيڪار ۾ والنٽيئرز ۽ پيڊ پروفيشنلز جي ڪم ڪار جي طريقيڪار وچ ۾ اڪثر ڪري مونجهارا رهندا اچن ٿا، جنهن ڪري ڪم جي اڪلائڻ يا نئين ڪم جي شروعات کي سمجھڻ ۾ وقت لڳي ٿو. خاص طور تي هر اليڪشن کان پوءِ ڪٽي ايندڙ نون عهديدارن لاءِ پريشانيون ٿين ٿيون. ايندڙ وقت ۾ سگا کي ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ڪري جديد تقاضائن موجب ۽ رضاڪارن جي جذبن جي عڪاسي ڪندي والنٽيئرز ۽ پروفيشنلز جي رول کي وڌيڪ چٽو ڪري ته جيئن سگا اجان وڌيڪ ڪاميابيءَ جون منزلون طئي ڪري ۽ ايندڙ اڌ صديءَ جو پڙاڏو بڻجي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي آئين ۾ هن وقت تائين 8 دفعا وڏيون ترميمون ٿي چڪيون آهن ۽ اجا به ترميمن جي ضرورت آهي، پر ان کان وڌيڪ ضروري آئين تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ آهي، جيڪو تنظيم کي سگهارو بڻائي ٿو. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن هڪ جمهوري تنظيم آهي ۽ هي قوم جي امانت آهي. ان ۾ شخصيت پرستي ۽ اجايون انائون تنظيم کي ٽڪرا ڪرڻ جي مترادف هونديون، تنهن ڪري سگا جي مهندارن کي آئين جي پاسداريءَ لاءِ زبردست مثال قائم ڪرڻ گهرجن. سگا جي پاليسين تي سختي سان عمل ڪرائڻ گهرجي. سگا جي ايڇ آر پاليسي هجي يا آپريشنل پاليسي هجي، فائنانشل پاليسي هجي يا اسڪول مئنيجنگ پاليسي اهي جديد تقاضائن موجب تبديليون ڪري صحيح طرح سان عمل ۾ آڻجن.



ايندڙ اڌ صديءَ يعني 2022ع کان 2072ع تائين سنڌ لاءِ درپيش چئلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ سگا کي ٻين اسٽيڪ هولڊرس سان گڏجي تياري ڪرڻ گهرجي. ان ڏس ۾ مختلف پاليسيون ۽ ايڪشن پلان ناهجن. گلوبلائيزيشن جي دور ۾ ڊجيٽل لائيف گذارڻ لاءِ سنڌ دنيا سان ڪيئن جڙي سگهجي ٿي! دنيا ۾ ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ علمي اٿل پٿل ۾ سگا تي پوندڙ اثرن جي اڳوات تياري ڪري سگا ۾ نئون جوش ۽ روح ڦوڪجي. جنهن لاءِ جمهوري طريقي ۽ گڏيل حڪمت عملي سان سگا کي مستقل پاليسيون ناهڻيون پونديون. سگا ۾ مستقل پاليسين جو فقدان آهي. سگا به ٻين ادارن وانگر وقت حالات سان نهڪندڙ نيون نيون پاليسيون جوڙي ته جيئن هر هڪ جو لائين آف ڪنٽرول ۽ ايڪشن ڪليئر هجي. سال 2021ع مطابق سگا جي 97 شاخن ۾ ٽوٽل 4500 بي باق رضاڪار آهن. سگا جي رڪارڊ ۽ سيڪريٽري جنرل جي ڇپيل رپورٽ موجب اڄ کان 40 سال اڳ به ايترا ئي ميمبر هئا. سگا ۾ نوجوان گريجوئيٽس کي ميمبر ڪجي ته جيئن تنظيم کي بيٺل بدبودار پاڻي ٿيڻ کان بچائجي.

هن وقت 100 شاخن مان صرف 20 شاخن جا بينڪ اڪائونٽ هلي رهيا آهن. سگا جي ايندڙ وقت ۾ سڀ ڪجھ آنلائن هوندو. بينڪ اڪائونٽ کان وٺي ميمبرشپ فارم نمبر تائين هر رڪارڊ سافٽ ۾ هوندو. هن وقت افسوس سان 22 روشن تارا اسڪولن ۾ صرف 12 اسڪولن جو بئنڪ اڪائونٽ هلندڙ آهي. جيڪو اڳتي هلي سيني اسڪولن جا اڪائونٽ سگا هيڊ آفيس سان ڪنساليڊيٽ ڪري، سگا جي انڪم ۽ ايڪسپينڊيچر ڪري ڏيکاربو ته ان جو ٽوٽل عدد ڪروڙين ۾ ٿيندو. اهڙيءَ طرح ملڪ جي مختلف پاليسين ۽ وقت سان ايندڙ تبديلين ۽ قانونن تي جٽادار بحث ڪرائي، ماڻهن کي پنهنجي حقن کان باخبر ڪجي.

سڳا مختلف سروي ڪرائي، معلومات گڏ ڪري، ڊيٽا سيٽ ڪري حڪومت کي مختلف پاليسيون ناهڻ ۾ مدد ڪري. سڳا سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن جي نمائندا تنظيم آهي. سنڌ جي مسئلن، مثلا: پاڻي جي ڪوٽ، سنڌ جي وسيلن، ڊوميسائيل، شناختي ڪارڊ، ماحولياتي تبديلين، گمشدگين، امن امان جي صورتحال ۽ ٻين مسئلن کي پنهنجو موقف واسطيدار عملدارن تائين پهچائڻ گهرجي. اهڙي طرح سڳا جو آواز ايندڙ اڌ صديءَ جو پڙاڏو بڻجي سگهي ٿو.

بيشڪ دنيا تيزيءَ سان تبديل پئي ٿئي. ناممڪن تيزيءَ سان ممڪن پيو ٿئي. انسان آسمانن جي بلندين تي پهچي چڪو آهي، نيل آرم اسٽرانگ پهريون شخص هو جيڪو چنڊ تي پهتو هو پر هاڻي ڪيترائي ماڻهو چنڊ تي وڃي چڪا آهن، انسان زمين جي تهخانن تائين پهتو آهي ۽ ترقيءَ جون اعلي منزلون تيزيءَ سان طئہ ڪندو ٿو وڃي. خلا ۾ سوَن جي تعداد ۾ سائنسدانن جون شٽلس ريسرچ ڪن پيون. زندگيءَ جا رنگ ۽ ڍنگ تيزيءَ سان مٽجي رهيا آهن. انسان ڏينهون ڏينهن مشينن جي استعمال ۾ وڪوڙجي رهيو آهي. ڊجيٽل زندگيءَ انسان جي حاصلات ۽ جدوجهد جا ميدان تبديل ڪري ڇڏيا آهن. لڳي ايئن ٿو تہ ايندڙ 50 سالن تائين انٽرنيٽ ايتري عام ۽ ضروري ٿي ويندي جيتري انسان لاءِ آڪسيجن آهي. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جا مختلف استعمال ان جو ضروري حصو هوندا. Artificial Intelligence مصنوعي ذهانت انسان کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪندي ٿي وڃي. انسان سمجهي ٿو تہ هو موبائيل هلائي ٿو پر اصل ۾ موبائيل هن جي ذهن کي هلائي ٿي ۽ هن جي سوچن تي اثر انداز ٿئي ٿي. ايندڙ وقت ۾ انسان جي زندگيءَ کي سڪون پهچائڻ لاءِ نوان نوان سافٽ ويئر هوندا جن جا نوان نوان



فيچرس ڏينهون ڏينهن تبديل ٿيندا رهندا جيڪي زندگيءَ کي رنگين بڻائيندا. هر شئي تبديل ٿي چڪي هوندي. تعليم، صحت، روزگار توڙي محبت ۽ جنگ جا نوان محاذ ۽ پليٽ فارم هوندا. سڳا ايندڙ اڌ صديءَ جو پڙاڏو هوندي.

آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي جوڙجڪ کي ايندڙ وقت ۾ تبديل ڪيو ويندو جيڪا سنڌ ۽ پاڪستان جي حدن کان ٻاهر نڪري دنيا سطح تي اچي ويندي. تہ جيئن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويٺل لکين گريجوئيٽس سڳا جا ميمبر بڻجي، سنڌ ۽ سنڌين جي خوشحالي لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندا. اهي ماڻهن تائين پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ صحيح معلومات پهچائيندا ۽ شعور بيدار ڪندا.

روشن تارا اسڪولز سڳا جي تعليمي شعبي جو مستقل پراجيڪٽ آهي. روشن تارا اسڪول ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، سائين مظهر الدين ميمڻ، سائين نظير احمد پنڌ، ۽ ساٿين جو برين چائيلڊ آهي. روشن تارا اسڪول هڪ مثالي ماڊل آهي، جيڪو ڪميونٽي جي مالڪي سان گڏريل چئن ڏهاڪن کان تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حقيقت ۾ ٻين فرينچائيز اسڪولن جي ڀيٽ ۾ روشن تارا اسڪول اڄان تائين هڪ ڪامياب الترنيٽ نہ بڻجي سگهيو آهي پر گڏريل چاليهن سالن کان هزارين ڪامياب شاگرد پيدا ڪري چڪو آهي. هن جديد دور ۾ جتي ناليج ايڪانامي تصور ڪجي ۽ لئگيئيج مونوپولي هجي اتي روشن تارا اسڪولن جو سنڌ جي 12 ضلعن ۾ چار هجن ئي وڏي ڪاميابي آهي. روشن تارا اسڪول هر سال 500 کان مٿي ٻارهين جماعت پاس ڪري مختلف يونيورسٽين ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ۽ ٻين شعبن ۾ شاگرد موڪلي رهيو آهي.

آءٌ تصور ئي ڪري سگهان ٿو تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سگا روشن تارا آن لائن اسڪول دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي ٻارن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ قائم ڪيو ويندو. جتي هزارن جي تعداد ۾ شاگرد هوندا، انشاءَ الله.

سگا شروع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪتاب ڇپائڻ، ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪرائڻ ۽ روشن تارا اسڪولن ۾ شاهہ عبداللطيف جا بيت پڙهائڻ جو ڪم ڪندي رهي آهي پر ايندڙ 50 سالن ۾ جديد طريقن سان شاهہ عبداللطيف ۽ سنڌي ٻوليءَ کي عام ڪرڻ لاءِ آن لائين شارٽ ڪورس شروع ڪيا ويا هوندا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۽ فلسفي کي عام ڪرڻ لاءِ سگا هڪ سافٽ ويئر نهرائي گوگل تي شروعات ڪري چڪي هوندي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن روشن تارا اسڪول جي شاگردن جي تياري ۽ مطالعي لاءِ هڪ بهترين ورچوئل لائبريري قائم ڪندي جتي پوري دنيا جا علوم هوندا ۽ اها لائبريري دنيا جي وڏين لائبريرين سان لنڪ ٿيل هوندي.

سگا جي شاخن ۽ مرڪز ۽ دنيا سان رابطو جديد طريقن اي ميل، فون، واٽس ايپ ۽ ٻين ايپس ذريعي رابطو جاري رکجي. جنهن سان وقت، پئسو ۽ محنت بہ گهٽ خرچ ٿيندي هڪ اندازي موجب سيڪريٽري جنرل جو ڪائونسل آف ميمبرس جي 230 ميمبرن ڏي ٽي سي ايس ذريعي صرف هڪ خط 20 هزارن کان مٿي جو خرچ اچي ٿو ۽ هر مهيني ب ٽي خط ملائي سال ۾ تقريبن 10 لک روپيا کان مٿي خرچ ايندو تنهن ڪري سگا جي رابطاڪاري ۾ پيپر ليس جو ماحول پيدا ڪجي. ان ڏس ۾ گذريل دور ۾ بہ ڪوشش ڪئي وئي هئي سگا جي هر شاخ ۽ روشن تارا اسڪولن جا آفيشيل اڪائونٽ پڻ ناهي موڪليا ويا. ايندڙ دورن ۾



جديد طريقن ذريعي رابطہ ڪاري کان سواءِ ڏکيائيون اينديون ان ڪري هاڻي سان ئي آهستي آهستي پيپرليس اينوائرمينٽ طرف وڌجي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سگا جي رضاڪارن جو سالن جو خواب پورو ٿيندو تہ، ڪراچيءَ ۾ هڪ هاسٽل هجي، وڏو آڊيٽوريم هجي جتي سگا جا ساليانا پروگرام ڪرائجن. ڪانفرنسون ڪرائجن، ڪنوينشن ڪجي ۽ سالگرهہ ملهائجي. ان لاءِ سگا ڪراچي جي گلشن شهباز ۾ جلد ڪيترين ئي منزلن تي مشتمل سگا ڪامپليڪس نهرائيندي. جتي استادن جي سکيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ايچ ايم خواجہ ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويندو.

روشن تارا هائير سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي گذريل ٽن ڏهاڪن کان هزارين شاگردن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو آهي. تفصيل موجب سال 2022ع تائين 2176 شاگرد ٻارهين جماعت پاس ڪري ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ اعليٰ ادارن ۾ پڙهي آفيسر ٿي قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. سگا گهوٽڪي شاخ طرفان روشن تارا اسڪول پرسان 2150 فٽ پلاٽ تي ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ استادن ۽ شاگردن لاءِ شهيد بينظير ڀٽو هاسٽل نهرايو ويندو ۽ انشاءَ الله روشن تارا اسڪول گهوٽڪي کي هڪ مثالي ۽ معياري ڊگري ايوارڊنگ انسٽيٽيوٽ بنايو ويندو.

روشن تارا اسڪول گهوٽڪي ٻاهرين ملڪ جي ڪنهن اعليٰاداري سان منسلڪ ٿيندو ۽ بين الاقوامي ڊگري ايوارڊنگ ادارو بڻجي عوام جي خدمت ڪندي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ سگا ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ 43580 فوٽن جي پلاٽ وارو، ڪنهن وقت جو مسلسل، ٽي سال بهترين اسڪول رهندڙ روشن تارا اسڪول بدين وري پنهنجو شاهڪار

ماضي موٽائي مستقبل ۾ نوان رڪارڊ قائم ڪندو. اسڪول جي پلاٽ تي ڏينهون ڏينهن قبضو ٿيندو ٿو وڃي. لڳ ڀڳ 10000 فوٽ تي قبضو ٿي چڪو آهي. روشن تارا اسڪول بدين ۾ باقي بچيل صرف 70 ٻارن ڪي انشاء الله 700 تائين پهچايو ويندو. سگا بدين شاخ پاران خريد ڪيل وچ بدين شهر ۾11000فوٽن واري چؤديواري ڏنل پلاٽ تي ايندڙ وقت ۾ هڪ بهترين سگا ڪامپليڪس نهندو، جتي جديد علوم سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي پرچار ڪئي ويندي.

تمام جلد روشن تارا اسڪول گمبٽ لاءِ ڪروڙن رپين جي پلاٽ تي پنج منزلن تي بهترين ادارو قائم ڪيو ويندو. سگا ڦلجي اسٽيشن پاران روشن تارا اسڪول ڦلجي اسٽيشن لاءِ 10,000 فوٽ پلاٽ ورتو ويو آهي، جنهن تي جلد ہ ماڙ شاندار اسٽيٽ آف آرٽ هائير سيڪنڊري ادارو قائم ٿيندو ۽ آس پاس جي دريائي ڪچي واري علائقي جي ماڻهن لاءِ روشن مستقبل جو ضامن بڻجندو. ايندڙ اڌ صديءَ تائين روشن تارا اسڪول ڪپرو جو ڪيترن ئي سالن کان ورتل هڪ ايڪڙ پلاٽ تي، هڪ بهترين ڊگري ايوارڊنگ ادارو قائم ٿي چڪو هوندو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران سيد آباد طرفان ميمڻ محلا ۾ انتهائي اهم پلاٽ تي هڪ بهترين خيراتي اسپتال قائم ٿي چڪي هوندي جتي جديد مشينري سان مريضن کي تپاسيو ويندو. دادو شهر جي مرڪز ۾ انتهائي مصروف هنڌ تي سگا دادو طرفان هلندڙ ڪمپيوٽر سينٽر جي بلڊنگ تان قبضو ختم ڪرائي هڪ بهترين فني اسڪول قائم ڪري شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن لاءِ جديد شارٽ ڪورسز سيکارڻ جي بهترين سهولت پيدا ڪئي وئي هوندي.



آءٌ سمجهان ٿو ته سگا ايندڙ اڌ صديءَ تائين، روشن تارا اسڪول پنوعاقل 43580 فٽن تي مشتمل شاندار ادارو ايندڙ وقت ۾ ڊگري ايوارڊنگ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ بڻجي ويندو, جنهن جي الشمس هاسپيٽل پڻ هڪ ٽيچنگ هاسپيٽل طور ڪم ڪندي. هن اداري جو الحاق دنيا جي اهم ادارن سان هوندو ۽ مختلف ملڪن جا ڊاڪٽر آنلائن ڪلاس وٺندا انشاءالله.

آءٌ سمجهان ٿو ته تمام جلد، روشن تارا اسڪول گلشن حديد جي خالي پيل بلڊنگ ۾ هنري سکيا جو مرڪز هلائيندي، جتان شاگرد سکيا حاصل ڪري سي پيڪ ۽ ٻين ميگا پراجيڪٽن ۾ نوڪريون حاصل ڪندا.

روشن تارا اسڪول ڪشمور 32120 اسڪوائر فوٽ تي ڪور ٿيل هائير سيڪنڊري اسڪول, جتان هر سال ڊاڪٽر، انجنيئر نڪري اعليٰ ادارن ۾ پڙهي رهيا آهن. مسقبل ۾ ڪشمور ۾ سگا جا ساٿي هڪ بهترين فني سکيا جي يونيورسٽي قائم ڪري شاگردن کي دنيا جي مارڪيٽ ۾ ڪامپيٽيشن روزي روٽي ڪمائڻ جي قابل بڻائيندا.

روشن تارا فني اسڪولن جي شروعات ٿي چڪي آهي. ڏينهون ڏينهن دنيا ۾ هنرمند ۽ محنتي ماڻهن جو قدر وڌندو ٿو وڃي. سگا جلد روشن تارا فني اسڪولن ۾ جديد تقاضائن موجب ماڻهن کي تيار ڪري پنهنجي مڇي ماني ڪمائڻ جي قابل بڻائيندي. اهڙي طرح هزارين ماڻهو دنيا جي ملڪن ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن روشن تارا اسڪولز سيڪريٽريٽ پنهنجون ريجنل آفيسون قائم ڪري چڪي هوندي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي 2021ع جي بيباق ميمبرن مطابق ٽوٽل 4500 رضاڪارن مان صرف 200 عورتون يعني

2 پرسنٽ عورت ميمبر به نه آهن، جيڪو تنظيم جي سگهاري هجڻ لاءِ بهتر ناهي. ملڪ جي آبادي جو اڌ کان وڌيڪ حصو عورتن تي مشتمل آهي. آئون سمجهان ٿو ته ايندڙ اڌ صديءَ ۾ سگا مرڪز کان وٺي شاخن تائين عورتن جو وڏو تعداد سگا جي ساٿ ۾ شامل ٿيندو. جيڪو تنظيم کي وڌيڪ سگهارو بڻائيندو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن 50 سالن ۾ ملڪيتن جي حاصلات assets and liabilities اربن روپين ۾ ٿيندي پر اينڊومينٽ فنڊ هن وقت تائين تمام ٿورو آهي. جيڪڏهن گورنمينٽ جي هڪ سال جي به گرانٽ نه ملي ته سگا جي روٽين جا خرچ ڪرڻ ڏکيا ٿي پوندا. ان لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن کي تحرڪ وٺي اينڊومينٽ فنڊ کي وڌائڻ گهرجي. سگا جو هن وقت 40 ملين به انڊوومينٽ فنڊ ناهي پر انشاءَ الله ايندڙ سالن ۾ 400 ملين کان به وڌيڪ هوندو.

تنظيمن ۾ تبديليءَ جو روح نوجوانن سان آهي. سگا ٽئين پيڙهي ۾ داخل ٿي رهي آهي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ساٿ ۾ نوجوان گريجوئيٽ ميمبر تمام گهٽ اچي رهيا آهن. جڏهن ته يو اين ڊي پي جي سروي مطابق پاڪستان جي آبادي جو 64 پرسنٽ 30 سالن جي عمر تائين آبادي آهي ۽ هر سال هزارين نوجوان گريجوئيشن ڪري رهيا آهن. سگا ۾ نوجوانن لاءِ راهون هموار ڪجن ۽ نوجوان ميمبرن کي ذميواريون ڏجن. آئون سمجهان ٿو ايندڙ اڌ صديءَ ۾ اسان رهون، نه رهون، سگا ۾ نوجوان متبادل قيادت ضرور ايندي، جيڪا سنڌ جي مسئلن ۽ معاملن جي جديد طريقن سان حقيقي نمائندگي ڪندي.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو اطلاعات وارو شعبو شروع کان وٺي ايترو متحرڪ يا آزاد نه رهيو آهي. وقت جو سيڪريٽري جنرل اڪثر ڪري آفيس عملي کان ٿورا گهڻا ڪم



ڪرائي پورائي ڪندو رهي ٿو. پر جيڪڏهن سگا جو اطلاعات وارو شعبو صحيح نموني ڪم ڪري ته سگا جي ڪمن کي اجان به وڌيڪ هٽي ملندي. سگا پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کان اڪثر غائب رهي آهي. ايتريقدر جو سگا جا مرڪزي پروگرام به وقت سر اخبارن ۾ رپورٽ نه ٿا ٿين .

سگا اپياس ڪتاب موجب سال 2019ع ۾ سگا شاخن جون مجموعي طورتي 566 ۽ سال 2020ع ۾ 506 ايڪٽوٽيز سگا هيڊ آفيس ۾ رڪارڊ ٿيون. جن ۾ روشن تارا اسڪولن جون سرگرميون به شامل آهن. يعني روز گهٽ ۾ گهٽ 2 سرگرميون سنڌ جي ڪنهن نه ڪنهن شهر يا واهڻ وستي ۾ منعقد ٿين ٿيون، پر انهن جي صحيح نموني سان رپورٽ واسطيدار آفيسرن، ڊونرز ۽ مخير حضرات تائين نه ٿي پهچي. حقيقت ۾ اسان مان گهڻن کي ته پروفيشنل مختصر رپورٽ ناهڻ به نه ٿي اچي.

آئون سمجهان ٿو ته ايندڙ اڌ صديءَ دوران سگا رپورٽنگ جا مختلف ٽيمپليٽ ناهي، پنهنجي ويب سائيٽ تي رکندي، جنهن ۾ واسطيدار ماڻهو ان ۾ ڏيٽا ڀري تصويرون اپلوڊ ڪندو ته رپورٽ خود به خود ٺهي ويندي ۽ واسطيدار گروپ جي ماڻهن وٽ بنا دير جي پهچي ويندي.

آئون سمجهان ٿو ته سگا ايندڙ اڌ صديءَ ۾ عوام جي آواز جو پڙاڏو ٿيڻ لاءِ هڪ ويب چينل کوليندي ،جيڪو سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ٿيندڙ ڪارگذارين کي رپورٽ ڪندو ۽ عوام جو آواز ايوانن تائين پهچائيندو. سگا جيترو نيٽ ورڪ حقيقت ۾ ڪنهن به نيوز چينل وٽ اڳوات ڪونهي.سگا جي پڙهيل لکيل رضاڪارن جي زنجير سڄي سنڌ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. سگا سوشل ويب چينل جا سڄي دنيا ۾ سبسڪرائيبر لکن جي تعداد ۾ ٿيندا، جنهن ڪري هر مهيني سٺي آمدني به ٿي سگهندي. سگا جو

اطلاعات کاتو نهايت اهم شعبو آهي، جيڪو سڄي تنظيم جو ترجمان آهي. سگا جي روز جي ڪمن کي دنيا تائين پهچائڻ سان ئي ايندڙ اڌ صديءَ جو پڙاڏو ٻڌبو. سگا جي خدمتن جو دائرو وسيع آهي.

2019ع ۾ سگا جي صحت جي شعبي 53 ڪئمپون لڳايون. جن ۾ 76 هزار 474 مريضن جي چڪاس ۽ علاج ڪيو ويو.اهڙين ڪئمپن ۾ اکين جون 22 ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ 24 هزار 455 اکين جا مريض چڪاسيا ويا. 2 هزار 890 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا ۽ 29 سو 53 مريضن کي نظر جا چشما ڏنا ويا. چمڙيءَ جي بيمارين جون 9 ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ 11 هزار 491 مريضن کي تپاسيو ويو ۽ دوائون ڏنيون ويون. 22 جنرل ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ مجموعي طور تي 40 هزار جي لڳ ڀڳ مريضن کي تپاسيو ويو. اهڙيءَ طرح 2020ع ۾ 48 ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون جن ۾ اکين جون ڪئمپون، چمڙي جي بيمارين جون ڪئمپون ۽ جنرل ڪئمپون لڳايون ويون. انهن ۾ 44 هزار 392 مريضن کي چڪاس ڪيو ويو. ايڏي وڏي خدمت تي سگا جي دنيا ۾ صرف ميڊيا ۾ رپورٽ نه ڪرڻ جي ڪري پذيرائي نه ٿي سگهي. سگا سوشل ويب چينل ايندڙ اڌ صديءَ جو پڙاڏو ٻڌجي سگا ۽ سگا جي رضاڪارن کي دنيا جي سامهون آڻيندو.

مانوارساٿيو!حقيقت۾سنڌگريجوئيٽس ايسوسيئيشن جون ايندڙ اڌ صديءَ لاءِ حڪمت عمليون بيان ڪرڻ ۽ ان لاءِ منصوبه بندي ڪرڻ ۽ حڪمت عملي جوڙڻ بابت تمام گهڻيون ڳالهيون ۽ اس، ذهن خيال ۽ تصور ۾ آهي، جنهن کي هن مختصر مدت ۾ بيان ڪرڻ ممڪن نه آهي.

استاد بخاري جون خوبصورت سٽون ته:



نظر جي ڳالهه زبان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي؟
اها ئي ڳالهه جهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي؟
هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي؟

مانوارساٿيو!

منهنجي نظر ۾ هن نشست کي بحث مباحثو طور رکڻ گهرجي ها جنهن ۾ برانچن جا ساٿي به ويچار ونڊين ها، ڇو ته عملي ڪردار برانچن جا ساٿي آهن، جيڪي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪم ڪرڻو به انهن املهه ڪردارن کي آهي سندن خيالن راين ۽ تجويزن سان ئي حدف حاصل ٿيندا. اوهان سڀني ساٿين جا لک احسان.

اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته بهتر پلاننگ ۽ سهپ ۽ رواداري واري ماحول هجڻ ڪري سگا جا ايندڙ پنجاهه سال روشن ۽ تابناڪ هوندا. آخر ۾ لاکيڻي لطيف سرڪار جي هن دعا سان اختتام ڪندس.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه به اوڏيائي منگان،
ري ٽنيي ري ٽوٽي، تون ڇپر تون ڇان،
ڪچاڙو ڪهانءِ، توکي معلوم سڀ ڪا.

***

## مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپيل ڪتاب

### 2014ع

1: حيوانات في القرآن — ترجمو: منظور سولنگي
2: برڪا بوند بهار جي (گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري
3: نئون نئون مڏ آ (گڏيل16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري
4: ڪڏهن ته ملندي (شاعري) — سرڪش ناريجو

### 2015ع

5: جيجل منهنجي قسمت (ڪهاڻيون) — دلبر چانڊيو
6: ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ (شاعري) — انجم قاضي
7: دردن ڦولاريا ڦول (شاعري) — وفا صالح راڄپر
8: تون منهنجي ساهه ۾ آهين (ڪهاڻيون) — طارق خشڪ

### 2016ع

9: عشق جي آخري سرحد (ڪهاڻيون) — يار محمد چانڊيو
10: رهيل چار ڳوڙها (شاعري) — استاد پيرل قمبر
11: روهيڙي جا رتا گُل (گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) — مرتب: مرتضيٰ لغاري

### 2017ع

12: ادب آبِ حيات (گڏيل شاعري) — مرتب: بلال تبسم
13: جن عشق سين آگاهه "ج ع منگهاڻي کي منظوم پيتا" شاعري، — درد هوش محمد ابڙو
14: درد نگر جا ماڻهو (شاعري) — عاجز غلام رسول
15: پهڻ پير پٿون ڪيا (شاعري) — فرزانا شاهين
16: آڪاس آ اکين ۾ (شاعري) — شبانا عالماڻي
17: هاڻ هاريو متان (شاعري) — شاهده ڪوڪر
18: ساجاهه جا سرچشما (پٺائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) — سعيد احمد چانڊيو
19: مينهن ڪٽيون (شاعري) — سڪندر هاڙهو
20: ڌرتيءَ جو پُٽ (ڪهاڻيون) — عبدالواحد سومرو



21: پيئي جن پرڪ (ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو علمي ۽ ادبي شخصيت) — ترتيب: مرتضيٰ لغاري
22: ملندو نيٺ پنهل (شاعري) — "درد" هوش محمد ابڙو
23: اوجاڳن جا عڪس (شاعري) — انجم قاضي
24: ڪلجُڳ جا رنگ (ڪهاڻيون) — ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو
25: نينهن جو نوحو (شاعري) — فرزانا شاهين
26: ٻالڪ ڌرتيءَ ٽانڊاڻا (ٻارڙن لاءِ شاعري) — وحيد محسن

### 2018ع

27: هوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) — رحمت پيرزادو
28: احساسن جو ديس (گڏيل 36 شاعرن جي شاعر — مرتب: انجم قاضي
29: روشني جا رنگ: "شهدادڪوٽ جا شاعر" (گڏيل شاعري) — مرتب: سڪندر هاڙهو
30: گيت گونگا نه ٿيا (شاعري) — شبانه عالماڻي
31: رات وهامي ٿي (شاعري) — نسرين الطاف
32: ڏُک کي ڏُک آ (شاعري) — وسيم گبول
33: Shah Jo Risalo — Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan
34: پيار جي ڌرتي دل جو ديس (ڪهاڻيون) — منل چانڊيو
35: سنيهو سچ جو (شاعري) — منور علي منور ڪيهر
36: ديوان وريام فقير (شاعري) — وريام فقير شيخ
37: ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ (ڪهاڻيون) — هوش محمد ڀٽي
38: وفائون مات ٿي ويون (شاعري) — شبانه نواز
39: آسرا جاڳي پيا (شاعري) — عبد سنڌي
40: سونهن جو رد عمل (چونڊ غزل) — مرتب: رحمت پيرزادو
41: ظاهر (ناول) — سنڌيڪار: اياز ڀٽو
42: آهين تون هن پار (شاعري) — شاهده ڪوڪر
43: لهر لهر خوشبو (شاعري) — آڪاش ميراڻي
44: اعتراض (شاعري) — بيخود بلوچ

### 2019ع

45: جيءَ جيارو (پيغمبر خدا جي زندگي تي نظر) — اويس ڀٽو
46: نيل نديءَ تي رولاڪي (ناول: "نجيب محفوظ") — ترجمو: اياز ڀٽو
47: عشق عبادت (ڪهاڻيون) — اندرا شبنم پونا والا
48: متي ماڻي لايان (ڪهاڻيون) — فرزانه شاهين
49: Nazeer Ali Bhatti — Standard Basic English Grammar

50: هوائون قيد ۾ آهن (شاعري) رزاق عاصي
51: پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين
52: ڪونج قطارون ڏات جون (گڏيل شاعري) ڪونج بلوچ
53: نظم جدائي جا (اڪبر ڪرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو
54: شيڪسپيئر جون ڪهاڻيون (چارلس لئمب/ميري اين لئمب) سنڌيڪار: اياز پتو
55: سماج ۽ سياست جو گرائمر (تنقيد) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
56: شاهه جو رسالو سُر ڪيڏارو (ڪربلا جو قصو) ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
57: شاهه جو رسالو جا سُر (لطيفيات) ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ
58: سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت (مضمون) ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
59: در جو ڪڙڪو (ڪهاڻيون) شفيع ٻڪڪ
60: ريزا ريزا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي
61: نت نت آهه نئون (لطيفيات) لطف پيرزادو
62: جهونڪو هوا جو آهيان (شاعري) عاجز عاشق تنيو
63: نينهن نجات نعت صفات (شاعري) سگهڙوريام فقير
64: عشق جي عنايت (سگهڙ علي گوهر وگڻ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال ڄامڙو
65: ڪرنل کي ڪير ٻه خط نه ٿو لکي (ناول: گارشيا مارڪئيز) ترجمو: رحمت سومرو
66: ساروڻيون ساٿيهه جون (يادگيريون) خير محمد ڪولاچي
67: ڪجلا سر (ناول) اجمير پُتو
68: سامي سهاڳي (خاڪا) اقرار پيرزادو
69: ننڍڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن

## 2020ع

70: خوابن جو سفر (سنڌ جو سفر نامو) سلطانه وقاصي
71: ڳولا (شاعري ۽ ڪالم) منور سلطانه
72. پير علي شاهه درازيءَ جو ڪلام تحقيق، ترتيب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
73. محبتون پيالا ۽ پئمانا (تاثير ناٿن شاهي جي شاعري) مرتب: ذوالفقار گاڏهي
:74 Nazeer Ali Bhatti Standard Basic English Grammar
75. چوٿين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجهد سهيڙيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي
76: ماٺهو پاڻ اڻهه (سوانحي خاڪا) محمد هنگورجو
77. تون ئي منهنجو محور آن (شاعري) بينا مسرور
78: ڪنهن موڙ تي ملنداسين (شاعري) عظيم جلباڻي
79: واپسي (ناول) انور ڪليم
:80 Dr Sher mihrani Bequest Of The Bhittai



81: ايلسا (ناوليٽ) عبدالواحد سومرو
82: آءِ لوَ يو (ناوليٽ) بيدل مسرور
.83 مان ٻه تخليقيان ٿو ڪجهه وينو ( نثر) آٿم ناٿن شاهي
84. پاٽي ڪوٽ ڊيم ۽ عالمي تضاد مضمون بشير منگي
85: ڏرتي ڏٽي شاعر، استاد بخاري (مقالا) سهيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري
86. شاهه لطيف هڪ ڪامل انسان (لطيفيات) فدا حسين شيخ
87. من من مور ٿهوڪا (خاڪا ۽ مضمون) علي نواز ڏاهري
88. ڪورونا جنگ جهڙي آ (شاعري) وحيد محسن
89. ڪڙو منجهه ڪڙي (خط) سهيڙ: احمد شاڪر
90. ڪجلي (ڪهاڻيون) جهانگير عباسي
91. آزاديءَ جي عشق ۾ (شاعري) ”ناشاد“ رشيد سنڌي
92. سنڌ جو ابنِ بطوط (حجاز نامو) سهيڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
93. وِيا اُت وهي (سوانح/شخصيت/ساروڻيون) سهيڙيندڙ: شمس راهمون

## 2021ع

94. چنڊ متي آڪاس (شاعري) خالده نسرين
95. ڳالهيون پيٽ ورن ۾ (ڪالم) سلطانه وقاصي
96. سڳنڌ (سلطانه وقاصيءَ تي لکيل مضمون) سهيڙ: مرتضيٰ لغاري
97. پنج آڱريون (ڪهاڻيون) سڪندر هاڙهو
:98 Nazeer Ali Bhatti Standard Basic English Grammar
99؛ پوڻ نه آياس پاڻ (ڊاڪٽر ڪمال جي وڇوڙي تي آيل تاثراتي نثر) سهيڙ: ڊاڪٽر عابده گهانگهرو
100: چار مقالا مقالا مرتضيٰ لغاري
101: ڏونگر ڏاري ويندا سين (عبدالحڪيم ”ارشد“ جا ڪالم) مرتب: مرتضيٰ لغاري
102: وفائن ۾ هُڳاءُ آ (شاعري) آصف اصغر پنڀ
103: ڪاغذي ڳالهيون (ڪالم ۽ مضمون) يوسف جميل لغاري
104: ٻولي ٻجهارت (لطيفيات) مينهون خان ”سوز“ بلوچ
105: ٻوءِ (ڪهاڻيون) انور ڪليم
106: قدر منجهه ڪِنار (پروفائيل انٽرويو) علي محمد ”درد“ سولنگي
107 : الف الک من ۾ (شاعري) عبد سنڌي
108: ڪُلهي ڪانڌي ڪير؟ (ڪهاڻيون) سيما عباسي
109: لاحاصل) Love ڪهاڻيون) جاويد شيخ
110: سڙيا متي سچ (مضمون) سرمد ڪوسو
111: سپنا منهنجي ساهه جا (آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري) سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
112: تاريخ جي تهه خاني مان (ڪالم مضمون) سڪندر عباسي

113. سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون (يادگيريون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

114. تقدير جو احوال ترجمو: فقير علي ڏنو نظاماڻي

115. شاهه جي رسالي جي سنڌي انگلش لغت ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ

116. عالم برزخ (ناول) ترجمو: قربان چنا

117. روشني آهي حسين (شاعري) شبانه عالماڻي

118. سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گهاڙيتا (تحقيق) عزيز قاسماڻي

119. ڏورينديون ڏسن ( لطيفيات) محمد هنگورجو

120. سنڌ جو امداد "جيئڻ مون ڏنو" ( شخصيت) فدا حسين شيخ

121. ستون پڙهه ساڄاهه جُون (مضمون) سرمد ڪوسو

122. ڪاروجهر تي مور (شاعري) سليم چانڊيو

123. سنڌ سموري گهايل چو؟ (شاعري) ارشاد سومرو

124. قلبي فڪر (شاعري) قاضي غلام مصطفيٰ

125. گل و گلزار جيڪب آباد ( تاريخي يادگيريون) قاضي غلام مصطفيٰ

126. سنڌ سيپتا (تاريخي ماڳ) عنايت ڪٽياڻ

127: ڳالهيون ڪيناڊا جي وڻ وڻڪار جون (سفر نامو) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

128: ديوانِ نسرين (غزل) خالده نسرين

129: نئين دور جون نيون ڪهاڻيون (ٻاراڻو ادب) اظهر "آزاد" مغل

130: ڦاهي گهاٽ تي اٽڪيل ڳالهه (ڪهاڻيون) جمن احمداڻي

131. پڇارن پڙلاءُ (تبصرا، تجزيا ۽ اپياس) جاويد شيخ

132. احساس عاشقيءَ جو (شاعري) ڪوڙل قربدار

133. دادو ضلعو، تاريخ جي آئيني ۾ (تحقيق) نادر علي جمالي

134. مان ۽ منهنجو جهان (آتم ڪٿا) خير محمد ڪولاچي

135. مس ڪال (ناول) عبدالواحد سومرو

136. اکيون آرسيون (محمد علي مفتون جي شاعري) سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي

137. رجيم (ناول) انور ڪليم

138. اندر جو اوبر ( ناول) دوستو وسڪي، سنڌيڪار: اياز پٿو

139. تنقيد نگاري ۽ سنڌي ادب (تنقيد) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري

140. شيخ اياز جا آزاد نظم (تنقيد) مشتاق گبول

## 2022ع

141. جيءُ جياريو جن (شخصيتون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو

142. شاهه لطيف جي شاعري ۽ موسيقي (لطيفيات) سرمد چانڊيو

143. نرالا نوان نينهن (شاعري) اسير ڏاهري



144. ساهتي پرڳڻي ۾ لوڪ ادب جي اوسر (تحقيق) "بيوس" بخش علي چانڊيو

145. ميان آدم شاهه (تحقيق) ميان جهانگير عباسي

146. ڪائنات ۽ زمين (سائنس) غلام مرتضيٰ نوناري

147. سيرت النبي ﷺ (تحقيق) پروفيسر احسان الله جمالي

148. آرسيءَ جا عڪس (شاعري) اقبال شاهين

149. ستاويهه ڊسمبر (ڪهاڻيون) پير عبيد راشدي

150. ڪهڪشائن ڪان اڳتي (ناول) عبدالرافع شيخ

151. جديد سنڌي ڪهاڻي (تجزياتي تنقيدي جائزو) خليق ٻگهيو

152. هنڌان هنڌان جهِير (ڊائريءَ مان نثري ٽُڪرا) علي محمد درد سولنگي

153. ڪچي ننڊ جا خواب (ڪهاڻيون) سڪندر عباسي

154- الف (ناول) پائلو ڪوئلهو، سنڌيڪار: اياز پٿو

155. سنڌو (ناول) يار محمد چانڊيو

156. ڪربلا ڪان ڪربلا تائين (شاعري) سرمد چانڊيو

157. هي جو سنسار جرڪڻو آهي (نثر) آتم ناٿن شاهي

158. سِڳا اپياس (تحقيق) پروفيسر خالد حسين چنا